
مسلمان ءِ تعلیم

K.N.A

تصانيف شمس الدين بلبل – 3

# مسلمان ۽ تعليم

مرتب

غلام محمد گرامي

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

١٩٧٧ع

A·VI·X

سمورا حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن

پهريون ايڊيشن: ڊسمبر 1977ع ڪاٽيئو هڪ هزار

س. ا. ب. ڪتاب نمبر: 258

**قيمت: آٺ رپيا**

**[Price: Rs. 8.00]**

S. A. B. Publication No: 258

MUSALMAN AIN TA'LEEM (Muslims And Education) A Book about Muslim Education in India.

**Written by:** Shamsuddin "Bulbul".

**Compiled by:** Ghulam Muhammad 'Girami'.

**Published by:** Sindhi Adabi Board.
P. O. Box 12, Hyderabad Sind, Pakistan.
First Edition: 1977.

# فهرست


- مهاڳ رئيس ضياءالدين ”ضيا“ 1-2
- مقدمو غلام محمد گرامي 3-68

## متن

(1) مسلمانن ۾ تعليم 71-116

(2) ڪاميٽيءَ جي راءِ ديني ڪتاب بنسبت 117-120

(3) آل انڊيا محمڊن ايجوڪيشنل ڪانفرنس 1907 ڪراچيءَ جا ٺهراءَ 121-127

(4) ضروري ضميمو 128-137

(5) تعليم جي بنسبت هند سرڪار جي گشتي چٺي 138-142

(6) ضميمو نمبر 2 143-148

هن ڪتاب جا شروعاتي 4 صفحا ۽ ڪوَر سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيا ۽ باقي مواد 148 صفحا اسٽار پرنٽرز، ڀائي خان چاڙهي حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيا ۽ ظفرحسن سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# مهاڳ

جڏهن 1907ع ۾ آل انڊيا محمڊن ايجوڪيشنل ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ ٿي، تڏهن اتي مسٽر ٽي. ايچ. مولئنس ۽ ڪانفرنس جي جنرل سيڪريٽريءَ، مسٽر ڪي. اي. دهلويءَ خط لکي بلبل کان سنڌ جي مسلمانن جي تعليم متعلق رپورٽ حاصل ڪئي، بلڪ کيس خاص دعوت ڏني، اها رپورٽ، ڪانفرنس جي کُلئي اجلاس ۾ پيش ڪرائي. اها رپورٽ اهڙي ته مقبول ٿي، جو سموري هڪ مستقل ريزوليشن جي صورت ۾ پيش ڪري، متفقه طور پاس ڪئي ويئي. ان جو ذڪر ڪانفرنس جي رپورٽ سال 1908ع مطبوعه علي ڳڙه جي 52 صفحي تي آيل آهي. اسڪولن جي نصاب ۾ فارسي داخل ڪرڻ جو ريزوليشن، جو بلبل جي رپورٽ تان ورتل هو، ان جو محرڪ خود کيس بنايو ويو. بلبل مولانا حاليءَ جي استدعا تي، ۽ پڻ نواب وقارالملڪ جي اصرار تي، نهايت رنگين ۽ فصيح فارسيءَ ۾، بر محل، برجسته ۽ پرزور تقرير ڪئي، جنهن جو داد، ڪانفرنس جي رپورٽ 1908ع جي لکيت موجب، خود حالي ۽ وقارالملڪ پاڻ ڏنو. ان ٺهراءَ جي تائيد، خود نواب وقارالملڪ پاڻ ڪئي ۽ اهو پاس ٿيو. ان کان پوءِ ساري هندستان جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ فارسي لازمي طرح سان نصاب ۾ داخل ٿي، جا اڄ تائين مُروج آهي. مسلمانن جي تعليم ۽ تربيت جي سلسلي ۾ اهو فيض بلبل جو آهي.

اسان جي هم وطن دوست جناب مولانا غلام محمد گرامي صاحب، اهو ڪتاب دوباره ايڊٽ ڪيو آهي ۽ منجهس آل انڊيا اينجوڪيشنل ڪانفرنس ۽ اهل اسلام جي تعليمي زوال جي سببن تي عالمانه مقدمو لکيو آهي. ان مقدمي جي مطالعه سان، ان دور جو تاريخي ۽ تعليمي پس منظر اکيان اچي ٿو.

الله ڪيس ان خدمت تي اجر عظيم ڏئي، اسان جي هم وطن ۽ عزيز جي علمي خدمت ڪان زبان ۽ ادب کي وڏيڪ مستفيد ٿيڻ جو موقعو عطا فرمائي. ان سلسلي ۾، 'سنڌي ادبي بورڊ' پڻ تهنيت جو لائق آهي، جنهن مرحوم شمس الدين "بلبل" جي ڪتابن کي جديد طرز سان ايڊٽ ڪرائي، فني مقدمن شامل ڪرڻ ڪان پوءِ شايع ڪرڻ جو ڪم منظور ڪيو آهي.

سيهڙ سنڌ — ضياء الدين. ايس. 'ضيا'

15 اپريل 1964ع — ابن

رئيس شمس الدين "بلبل"

# مقدمو

مرحوم شمس الدين 'بلبل' جي هن جامع تعليمي ڪاوش (سن اشاعت 1914ع) جي افاديت ۽ اهميت کي سمجهڻ جي سلسلي ۾ اڄ کان مٿي صدي اڳ جي ماحول ۽ ان دور جي تعليمي ۽ اصلاحي تحريڪن سان گڏ، انگريزن جي اوائلي تسلط ۽ تشدد وارين ڪارگذارين کي مطالعه ڪرڻ ضروري آهي. برصغير هند و پاڪ جي زوال جو پهريون ڏينهن اهو هو، جڏهن ايسٽ انڊيا ڪمپني، پنهنجا ناپاڪ قدم هت گهمايا ۽ واپارين جي لباس ۾، ڦورو ۽ لوٽو ٿي، سارو ملڪ لٽي ويا. اهو سارو تاريخي داستان نهايت دلگداز آهي. خاص طرح سان 1857ع جي آزاديءَ جي جنگ کي بغاوت سڏي، انگريزن، جنهن بيدرديءَ سان، مسلمانن کي زندگيءَ جي هر پهلوءَ ۾ تباهه ڪيو، سو هڪ عبرت انگيز تاريخي واقعو آهي. مسلمانن جي تعليمي تباهيءَ جا اسباب به ان دور ۾ پيدا ٿيا. ظاهر آهي ته 'سنڌ' به ان تباهيءَ کان بچي نه سگهي. اڳتي هلي، سر سيد احمد جي تحريڪ، برصغير هند و پاڪ جي مسلمانن ۾ نئين سر 'حياتيءَ' جو روح آندو، جنهن جا اثرات سنڌ ۾ به آيا. سنڌ جي تاريخ جو اهو باب تاريخي طور بلبل ئي قلمبند ڪيو آهي. مرحوم بلبل سنڌ جي تعليمي زوال تي جا اشڪ شوئي ڪئي آهي ۽ جي انگ اکر گڏ ڪري، دانهون ڪوڪون ڪيون آهن، اهي معلومات افزا به آهن، پر ان سان گڏ دلگداز به آهن. 'بلبل' مرحوم، ان زوال لاءِ برطانيه جي نظام تعليم سان گڏ، ان دور جي سرمايه دارن، زمينداارن، عالمن ۽ اهل علم خاندانن جي بيتوجهيءَ ۽ غفلت

ڪي سبب قرار ڏنو آهي.

افسوس هي آهي، جو مٿي صدي کن اڳ به هتي جي وڏن ماڻهن جو حال ناگفته به هو. زماني جي هوا کي سمجهي سوچڻ ۽ تياري ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. زمانو ڪيئن ڏونڊاڙي ۽ اٿاري رهيو هو، پر هي خواب غفلت مان نه اٿيا، سي نه اٿيا. نه ڪو عالمن سڳورن جديد دور جي مقتضيات ۽ حالات کي اڳيان رکي، عوام کي علم ۽ فن جي تحصيل لاءِ ترغيب ڏني.

سر سيد احمد جي مخالفت ۾ اچي ڪري، ملڪ جي تمام گهڻن مشهور عالمن، جديد تعليم جي خلاف فتوائون ڏنيون. تاهم چند روشن دماغ ۽ با بصيرت عالمن، اعتدال جي روش اختيار ڪئي ۽ تعليم متعلق 'ڪفر' جي فتوائن کان نه فقط احتراز ڪيو، پر پنهنجي حال آهر جديد تعليم جي تائيد ڪيائون.

هن باب کي مطالعه ڪرڻ لاءِ ان دور ۾ برصغير هند و پاڪ جي نظام تعليم جي ناقدانه تجزيه ڪرڻ کان پوءِ 'بلبل' ۽ ان جي ساٿين جي چيخ و پڪار جو تاريخي پس منظر معلوم ٿي سگهي ٿو.

ان سلسلي ۾ ناقدن ۽ محققن، تمام گهڻي ڇنڊ ڇاڻ ۽ عالمانه تحقيق ڪئي آهي، پر افسوس اهو آهي ته سنڌ جي زوال متعلق ڪا به معياري تاليف پيدا نه ٿي سگهي آهي، جنهن ۾ ڏسي سگهجي ها ته دور برطانيه جو نظام تعليم ۽ ان جو پس منظر ڇا آهي. جديد تعليم جو سنگ بنياد ڪهڙن مقصدن ۽ ڪهڙن ارادن سان رکيو ويو هو ۽ مسلمانن، خاص طرح سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي پستيءَ جا اسباب ڪهڙا آهن.

ان مسئلي تي ڪجهه لکڻ کان اڳ اهو واضح ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته هن قسم جي تاريخي بحث ڪرڻ مان منهنجو مقصد، قدامت ۽ تجدد پسنديءَ جو تزاع ۽ سولوين ۽ سترن جي پراڻي ويڙهه ناهي. مان انهن ٻنهي گروهن کي

پنهنجي پنهنجي جاءِ تي عزت جي نگاهه سان ڏسان ٿو. واقعات ۽ تاريخي حقيقتون ئي معيار آهن. حق ۽ باطل، سچ ۽ ڪچ کي تاريخي ڪسوٽيءَ تي پرکي سگهجي ٿو.

عالمن طرفان، جديد تعليم ۽ مغربي تهذيب جي مخالفت هڪ خاص سياسي ماحول ڪري هئي. ان طرح جديد تعليم يافته ماڻهن جي قدامت پسند گروهه يعني علماءِ ڪرام سان نزاع به خاص ماحول ۽ خاص نموني جي خيالات رکڻ ڪري پيدا ٿيو هو. علماءِ ڪرام انگريزن جي سياسي جنگ ۽ مخالفت ۾ اهڙا ته انتها پسند ٿيا، جو علوم ۽ فنون، نفسيات ۽ طبعيات، تاريخ ۽ جاگرافي، سائنس ۽ حڪمت، سڀ کي انگريزي علوم ڪري سمجهيائون، حالانڪ علوم ۽ فنون ساري انسان ذات لاءِ آهن، ڪنهن خاص قوم، نسل ۽ حڪومت جي اجاره داري ۽ تسلط عام ۽ فن تي ڪين آهي. چند انتها پسند عالمن جي ان ذهنيت ۽ فتوي مسلمانن کي جديد علوم جي تحصيل ۽ تعليم کان روڪي ڇڏيو، ان ڪري ڪافي نقصان پهتو آهي، جنهن جي تلافي ڪرڻ اسان جي هٿ وس کان ٻاهر آهي.

اڄ اسان جو وطن پاڪستان معياري ۽ بلند پايه عالمن ۽ فني ماهرن کان خالي آهي. عالمن جي ان سختيءَ ۽ رجعت پسنديءَ، قدامت نوازيءَ ۽ انتها پسنديءَ جي مقابلي ۾ جديد تعليم يافته پيش پيش رهيا. عالمن ۽ مسٽرن جون فڪري ۽ علمي، ديني ۽ دنياوي لڙايون، اسان جي برصغير هند و پاڪ جي سياسي تاريخ جو اهم ۽ قابل توجه باب آهن، جن جو تفصيل ناگفته به آهي. آءٌ ٻنهي گروهن جي عزت ٿو ڪريان:

دل ڪو روئون يا مين جگر ڪو مير
ميري دونون سي آشنائي هي.

منهنجي خيال ۾، ٻنهي گروهن جي نيڪ نيتيءَ ۽ مقصد، طريق ڪار ۽ نصب العين جو قدر نه ڪرڻ، مناسب ناهي.

اسان وٽ عام طور ائين چيو ويندو آهي ته مسلمانن کي عالمن جديد تعليم کان روڪيو آهي ۽ اهي ئي عالم مجبورا برصغير هند و پاڪ جي مسلمانن جي تعليمي پسماندگيءَ لاءِ جوابدار آهن. پر ان لاءِ ايترو چوڻ ڪافي آهي ته تاريخ ۽ تحقيق ان نظريي جي ترديد ٿي ڪري.

مختصر طرح سان چئجي ته امام الهند شاه ولي الله محدث دهلويءَ جي فرزند، حضرت شاه عبدالعزيز محدث دهلويءَ کان وٺي مولانا رشيد احمد گنگوهي، مولانا عبدالحئي لکنوي، فرنگي محلي، (وفات 1887ع) غلام شبلي، حڪيم الامت مولانا اشرف علي ٿانوي، مولانا محمد قاسم نانوتوي (باني دارالعلوم ديو بند) شيخ الهند مولانا محمودالحسن، امام الانقلاب مولانا عبيدالله سنڌي، وغيره عالمن، انگريزي تعليم جي جائز هجڻ لاءِ فتوائون ڏنيون آهن.

مولانا عبدالحئي لکنويءَ 1887ع ۾، جڏهن انگريزي تعليم جي پڙهڻ جي جواز جي فتويٰ ڏني هئي، ان دور ۾ سر سيد احمد جي تعليمي تحريڪ جي ابتدا ٿي چڪي هئي.
عالمن صاف صاف لکيو آهي ته ڪابه لغت، زبان ۽ ڪوبه علم ۽ فن نه حرام آهي ۽ نه ناجائز، بلڪ زبانن جو اختلاف به نعمت آهي. جئن قرآن ۾ آهي:

خلق السماوات والارض واختلاف السنتکم
والوانکم، ان في ذالک لآيات اللعالمين(رعد)

ان ۾ صاف ٻڌايو ويو آهي ته جئن زمين ۽ آسمان، الله تعاليٰ جي تخليق جا شاهڪار آهن، تئن زبان ۽ رنگن جو اختلاف به سندس تخليقي شاهڪار سمجهڻ گهرجن ۽ انهن ۾ جهانن جي لاءِ وڏيون نشانيون آهن.

عالمن جي ان وسعت نگاهه لاءِ ائين چوڻ شايد ڪافي ٿيندو تہ ڪانگريس پاران آندل وديامندر اسڪيم ۽ وارڌا اسڪيم کي پڻ عالمن، چند ترميمن سان قبول ڪيو هو. خير، پيا تہ ٿهيو، خود سيد احمد پڻ عالمن جي ان روش جو ذڪر ڪيو آهي. فرمائي ٿو:

”وڏن وڏن قدوسي عالمن، گھڻي غور ۽ فڪر کان پوءِ تجويز ڪئي آهي تہ انگريزي تعليم سان گڏ، مذهبي تعليم بہ ڏيڻ گھرجي ۽ درسي ڪتابن مان عقائد، فقه، اصول تفسير، اصول حديث، علم ڪلام بہ انگريزي سان گڏ پاڙهجي، جئن مذهبي عقيدا بہ پختا ۽ درست ٿين.“ (تهذيب الاخلاق ص153)

مٿئين حوالي ۾ انگريزي تعليم سان گڏ، مذهبي تعليم هجڻ جي خبر خود سر سيد احمد پڻ ڏني آهي. سر سيد احمد ان تجويز تي راءِ زني ڪندي لکيو آهي:

”مگر تقصير معاف! اها انڌي تقليدي مذهبي تعليم تہ عقيدن جي نقصان کان ڪونہ بچائي سگھندي. اهي درسي ڪتاب، لامذهبيءَ جو علاج نہ ٿا ڪري سگھن، بلڪ اهي مذهبي ڪتاب، انگريزي تعليم ۽ مغربي علوم سان گڏ پڙهائڻ سان، ان کان بہ وڌيڪ لامذهبي ۽ بداعتقادي پيدا ڪندا.“ (تهذيب الاخلاق، ص 153 ۽ روشن مستقبل 203)

سر سيد احمد صاف ٻڌايو آهي تہ عالمن جا تقليدي ۽ مذهبي ڪتاب، انگريزي تعليم سان گڏ جي، ”لامذهبي ۽ بداعتقادي“ پيدا ڪندا. سر سيد جي اها راءِ گھڻي ڀاڱي نهايت درست آهي. ان جو مشاهدو اڄ ڪلهہ ڪري رهيا آهيون.

اسان وٽ قديم رائج الوقت درسيات ۾ رياضي، هيئت، جديد سائنس، فلسفي، جديد نفسيات، تاريخ عالم ۽ جاگرافيءَ تي

اهڙا ڪتاب ڪين آهن، جن جي مطالعه سان هڪ شاگرد، انگريزي تعليم يافته جي معلومات ۽ معيار تي پهچي سگهي. ان جي مقابلي ۾ فقه ۽ حديث سان گڏ، منطق ۽ يوناني فلسفي جا سڙيل ڪڙيل نظريا ۽ بحث آهن، جن کي هن جديد دور ۾ رد ڪيو ويو آهي. اڄوڪو انسان، جديد سائنس جي معلومات ۽ تجربات جي آڌار تي خلائي سفر ڪري رهيو آهي. سج ۽ چنڊ، مريخ ۽ زهره سندس آماجگاه بڻجي چڪا آهن. خلائي مسافر، فضا ۽ خلا ۾ پکين وانگر اڏري رهيا آهن، ان جي جاءِ تي پراڻو فيثاغورث جو نظريءِ ڪائنات ڪئن سمجهه ۾ ايندو، جنهن ۾ چيل آهي ته ”آسمان هڪ ڇت وانگر آهي، جنهن ۾ سج چنڊ، تارا، گره ۽ سيارا شمعدانن وانگر جڙيل آهن!“

تاهم ائين چوڻ ته علماء ڪرام، مطلقاً، جديد علوم ۽ انگريزي تعليم جي خلاف رهندا آيا آهن، تاريخي طور تي درست ناهي. اها به هڪ حقيقت آهي ته ماڻهو اختلاف ۽ ضد جي وقت تي، اعتدال تي قائم رهي نه سگهندا آهن، ان ڪري گهڻو تڻو عالم سڳورا انگريزيءَ جي مخالفت ڪندي اعتدال کان متجاوز ۽ سخت گير ٿي چڪا هئا. جڏهن ته اهو دور هڪ قسم جو ڇڻ ته انقلابي بحران جو دور هو، انگريزن نهايت ظلم ۽ تشدد، بي ايمانيءَ ۽ مڪاريءَ سان ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي آڙ ۾ مسلمانن جي هڪ هزار ورهين واري تخت ۽ تاج کي ختم ڪيو هو، ان ڪري اهڙي دور ۾ غيرت ۽ مذهبي جذبي وارا عالم ۽ مولوي، انگريزن جي تهذيب ۽ تعليم ته ڇا، انهن جي نالي کان به خائف ٿي چڪا هئا.

ان سلسلي ۾، انگريزي تعليم جي خلاف سندن نفرت ۽ حقارت حد کان ٻاهر نڪري چڪي هئي. سندن اها غيرمتعدل نفرت انساني فطرت موجب واجبي هئي. دشمن جي ترار سان به دشمني ٿئي ٿي ۽ ترار جو وڍيل قلم کان به ڪنبندو آهي!

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڇگو، عالمن به جديد تعليم کان منع نه ڪئي هئي، ته پوءِ پلا، مسلمانن جي تعليمي زوال جو اصل جوابدار ڪير آهي، جنهن جي خلاف وقت بوقت عالمن ۾ اديبن صداءِ احتجاج بلند ڪئي آهي.

ان جو جواب به پڙهڻ جهڙو آهي. اها هڪ دردانگيز ۾ خونچڪان ٽريجڊي آهي، ۾ ان سان گڏ سبق آموز آهي ۾ عبرت خيز پڻ!

## مسلمانن جي تعليمي زوال جا اسباب

اصل ۾ مسلمانن جي تعليمي زوال جو سبب، حڪومت برطانيه جي ظالمانه تشدد ۾ تسلط هو، جنهن پنهنجي اوائلي دور کان وٺي، برصغير هند و پاڪ جو رت ۾ ست نپوڙي ڇڏيو هو.

برصغير هند و پاڪ جي بدبختي ۾ محڪوميت جي تاريخ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي اقتدار کان شروع ٿي آهي، جا ظاهري طرح سان، هٽ تاجرانه مقصد سان آئي، پر زورڪشيءَ ۾ نفع خوريءَ کان سواءِ، سندس ٻيو ڪوبه تعميري ۾ اصلاحي مقصد ڪونه هو. بقول جسٽس سيد محمود:

"ڪمپنيءَ جي مالڪن جو خيال هو ته تجارت ۾ ٻين ذريعن سان، هئي زياده ۾ زياده ملڪيت هٿ ڪجي، پيو ته ڪمپني بهادر اهل هند کي تعليم ڏيڻ جي خلاف هئي."

(تاريخ تعليم ص 2_ جسٽس محمود)

ڪمپنيءَ جا اهلڪار اهو ڏسي چڪا هئا، ته آمريڪا ۾ تعليم ڏيڻ سان، اتي انگريزن جي خلاف بغاوت پيدا ٿي. لهذا تعليم ڏيڻ جو نتيجو، هو آمريڪا ۾ ڏسي چڪا هئا. ڪين اهو خطرو هٽ به هروقت دامنگير رهيو. ڪين اهو فڪر ۾ خوف هو ته ڪٿي، هتي جي 'سوني جهرڪي' هندوستان به هٿن سان

نہ نڪري وڃي. ان ڏپ ڏاءَ کي مد نظر رکي، وڏيڪ معقول ۽ مناسب ڏيڻ تہ بجاءِ خود، ان وقت جا پيا ديسي تعليمي طريقا بہ ختم ڪرڻ شروع ڪيائون. قدامت پسند دور جو اهو سطحي ۽ تقليدي نصاب تعليم، جنهن مان حرف شناسي ۽ شُدبُد پيدا ٿيڻ جو امڪان هوندو هو، انگريزن آن کي بہ هٽ وٺي ختم ڪرڻ شروع ڪيو.

بقول ايڪنس سمٿ:

جڏهن ڪا قوم غلام بڻائبي آهي، تڏهن سڀ کان اول، فاتح پنهنجي مفتوح قوم جي تعليم کي تباه ڪرڻ ضروري سمجهندو آهي، ڇو تہ "علم ۽ غلامي"، ڪڏهن بہ گڏ هلي نہ ٿا سگهن.

(تعليم هند ص 7-8)

اها هڪ تهذيبي ۽ عمراني حقيقت آهي تہ تاريخي طرح سان جڏهن بہ ڪا قوم پنهنجي اعليٰ تمدن ۽ شاندار ڪارنامن کان واقف ٿيندي آهي، تڏهن اها قوم زندگيءَ سان ڀرپور همڪنار ٿي، ٿئي ۽ غلاميءَ جي زنجيرن کي ٽوڙي ٿي ڇڏي. بغاوت جو علم بلند ڪري، جدوجهد ڪرڻ ان قوم جو فرض ۽ نصب العين ٿو بڻجي، جنهن کي دنيا جي ڪابہ مستبد ۽ جابر حڪومت بہ روڪي نہ ٿي سگهي. انگريزن پنهنجي دور ۾، اهڙو تہ سازشي ۽ مڪارانہ نظام پيدا ڪيو، جنهن سان بر صغير هند و پاڪ جي تهذيب، تمدن تاريخ، دين ۽ ڌرم کي بي روح بڻائي ڇڏيائون.

ان سلسلي ۾ خود ساختہ، مذهبي ۽ نيم مذهبي اصلاحي تحريڪون پيدا ڪري، هندن ۽ مسلمانن کي مذهبي پاڳل بڻائي، پاڻ ۾ ويڙهائي ڇڏيائون. اهڙين تحريڪن ۾ آريہ سماج ۽ شڌي تحريڪ، ديانند سرسوتي ۽ شردانند هٿان پيدا ڪيائون، جن جي رد عمل ۾ احمديت پيدا ٿي. چنانچہ، آريہ ۽ شڌي ۽ سنگهٽن تحريڪن جي ازالي لاءِ، ان دور جي خلافت تحريڪ،

انگريزن جي خلاف، آزاديءَ جي جوئيل جنگ وارو محاذ ۽ رخ بدلائي، خانہ ساز تحريڪن جي مقابلي ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ان طرح انگريزن، آزاديءَ واري جدوجهد جو رخ ڦيرائي پاڻ کي بچائي ورتو.

ان طرح سياسي طور خلافت ۽ مسلم ليگ جي مقابلي ۾ هندو مهاسڀا ۽ ڪانگريس پاريون تحريڪون بہ انگريزن جي اشاري سان وجود ۾ آيون، جن جي پاڻ ۾ اختلافي ڪشمڪش آزاديءَ جي جدوجهد کي پنجاه سال پوئتي هٽائي ڇڏيو. ظاهر آهي تہ اهڙي سازش پسند ۽ آزادي وطن جي دشمن، حاڪم قوم، پنهنجي مفتوح رعيت کي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪري، سو نا ممڪن آهي.

## ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کان اڳ نظام تعليم

انگريزن کان اڳ برصغير هند و پاڪ جو تعليمي نظام ڇا هو، ان لاءِ خود انگريزن بہ اعتراف ڪيو آهي. هڪ محقق لکي ٿو

”هي ظاهر آهي تہ جڏهن انگريزن هن ملڪ تي قبضو ڪيو، تڏهن قومي تعليم جو سلسلو ڪافي طرح سان موجود هو.“ (تعليم هند ص 1)

ان سلسلي ۾ مسٽر لڊلو (Mr Lldlo) پنهنجي تاريخ ”برطانوي هند“ (British India) ۾ لکيو آهي تہ:

”مون کي يقين آهي تہ هن ملڪ جي هر ڳوٺ ۾، جو ڪڏهن پنهنجي قديم شان ۽ شوڪت جو مالڪ هو، عام طرح سان پار لکڻ ۽ پڙهڻ ڄاڻندا هئا، خاص ڪري حسابن ۾ ڪين مهارت حاصل هئي. ليڪن اسان بنگال وانگر، جتن ديسي سسٽم (Home System)

فنا ڪيو آهي، تنهن مدرسا به فنا ٿي ويا آهن."
(تعليم هند ص 2)

پروفيسر مئڪس ميلر (Prof: Max Malr) سرڪاري ڪاغذات جي بنياد تي لکي ٿو:

"انگريزن کان اڳ بنگال ۾ اسي هزار مڪتب ۽ مدرسا هئا، يعني ان جي ٻي معنيٰ ته آباديءَ جي هر چاليهن ساڻهن لاءِ جدا مدرسو هو. (تعليم هند ص 3)

ريونٽ وارڊ (Revenat Ward) 1821ع ۾ بيان ڪيو آهي ته:

"هي ملڪ ڊسٽرڪٽ اسڪولن سان ڀريل آهي ائين هر ايڪٽيهن ٻارن لاءِ هڪ اسڪول آهي."
(تعليم هند ص 3)

ان طرح ڪپتان اليگزنڊر هيملٽن (Alexander Hamilton)، جو اورنگزيب عالمگير جي زماني ۾ هندوستان ۾ آيو هو، تنهن پنهنجي سفرنامي ۾ 'سنڌ' جي تعليمي نظام متعلق بيان ڪندي، فقط هڪ شهر ٺٽي لاءِ لکيو آهي:

"شهر ٺٽي (سنڌ) ۾ چار سؤ ڪاليج (مدراس عاليه) مختلف علوم ۽ فنون جا هئا."

ان قسم جي حوالن مان چڱيءَ طرح سان، واضح ٿو ٿئي ته انگريزن کان اڳ، هي ملڪ رڳو اڻ گهڙيو ڪاٺ ۽ جاهل محض نه هو. هر هنڌ ننڍا وڏا مڪتب ۽ مدرسا ۽ پاٺ شالا ۽ مندر قائم هئا، جن ۾ تعليم جو پراڻو درس مروج هو. سنڌ ان قسم جي تعليم کان خالي نه هئي.

اليگزنڊر هيملٽن رڳو هڪ شهر ٺٽي ۾ 4 سؤ ڪاليج بيان ٿو ڪري. ڪاليجن مان مطلب يقيناً مدارس عاليه آهي، جن ۾ اعليٰ تعليم جو درس هلندو هو.

ان طرح برٽن، سنڌ جي تعليمي مرڪزن ۾، انگريز جي اوائلي دور سان وابسته سيوهڻ، ٺٽو، پاٽ، نصرپور، بکر، چونڊياريون، ٽپڙا شمار ڪيا آهن، جن ۾ اعليٰ تعليم جو انتظام هوندو هو. اڳتي هلي، انگريزن، آهسته آهسته انهن جي قدر و منزلت کي ڌڪ هنيو. ننڍا ننڍا مڊل اسڪول کولي، ملا اسڪولن جو چارو وڇائي، حروف شناسيءَ ۽ قرآن جي ناظران تعليم تائين وڃي دنگ ڪيو. ان طرح سان مدارس عاليه جو نظام صفا ختم ڪيو ويو.

ان سلسلي ۾ ڊيوڪ آف ڊيون شاعر (Duke of Davinshire) صفائيءَ ۽ سچائيءَ سان بيان تو ڪري:

"هيءَ نهايت غير دانشمندانه عمل ٿيندو، جو هن ملڪ جا رهواسي، علم جي زيور سان سينگاريا وڃن! جديد تهذيب، جديد علم ۽ ادب ۽ جديد ترقيءَ کان کين سيراب ڪيو وڃي. ۽ پوءِ کين اهو به چيو وڃي ته ملڪي معاملات ۾ حصي وٺڻ لاءِ ضروري آهي ته اول يورپين حڪمرانن کان نجات حاصل ڪريو."

(تعليم هند ص 8)

## خطرو ۽ خوف

نيٺ تشدد ۽ عناد جي مقابلي ۾، جهالت جي ننڊ سان عوام ڪجهه پاسو بدلايو. عوام جي وڌندڙ جوش خروش، طلب ۽ تقاضا کي ڪمپني بهادر 'خطرو' ڪري تصور ڪيو. ان کان متاثر ٿي، لارڊ منٽو (Lord Minto)، 1811ع ۾ هڪ يادشت لکي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس (Court of Directors) کي موڪلي، جنهن لکيائين ته:

"تعليم زوال پذير آهي، هندن ۾ مسلمانن کي مذهبي ۽ ڌرمي تعليم نه ملڻ ڪري، دوزخ گوئي، خونريزي

۽ جعلسازيءَ جا ڪيس وڌي وڌي آهن، تنهن ڪري تعليم وڌائجي ۽ ڪجهه ڪاليج قائم ڪجن، ۽ بجيٽ ۾ تعليم تي زياده خرچ ڪرڻ جي گنجائش پيدا ڪجي.“ (تعليم هند ص 45)

## رپورٽ

ان سفارش نامي پهچڻ سان، هڪ تعليمي ڪميٽي مقرر ٿي. جنهن ۾ مختلف عالمن شاهديون ڏنيون. انهن ڇا ڇا چيو؟ اهو نهايت عبرت انگيز داستان آهي.

## سر ٿامپسن ٽرٽن (Sir Thompson Tirton) جي راءِ

هائوس آف ڪامنس (House of Commons) ۾ سر ٿامپسن ٽرٽن تقرير ڪندي چيو:

”اوهان هندوستانين کي ڪهڙو فائدو ڏيندا؟ اوهان انهن جي ملڪ کي خراب ڪيو آهي ۽ انسانن کي برباد ڪيو آهي! بيشڪ پنهنجي ذاتي حفاظت لاءِ اوهان انهن ماڻهن کي دوکي، دغا ۽ جهالت ۾ مبتلا ڪيو آهي!“ (تعليم هند ص 5)

## قانون:

آخرڪار، گهڻي ڇڪتاڻ کان پوءِ، 1937ع ۾، ڪميٽيءَ جي سفارش تي، پارليامينٽ ۾، هڪ قانون پاس ٿيو، جنهن ۾ ڀريون پيرو هندوستانين کي تعليم ڏيڻ جو مسئلو پيش ٿيو. ۽ هندستان جهڙي ملڪ لاءِ، جنهن جو هر صوبو يورپ جي بيلجم، هالنڊ، هنگاري ۽ پورچوگال جيڏو آهي، ساليانه تعليمي خرچ فقط هڪ لک روپيه منظور ٿيو!

ستم ظريفي ملاحظہ فرمايو تہ اها رقم 1813ع کان 1823ع تائين، پورا ڏهہ سال عملي طور استعمال نہ ڪئي ويئي. جنهن تي 1823ع ۾ آنريبل ايم. الفنسٽن (Hon. M. Elphiniston) ۽ آنريبل ايف. وارڊن (Hon. F. Warden) ٻنهي ڄڻن گڏجي هڪ ياداشت گورنمينٽ کي موڪلي ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ ڏهن سالن جي منظور ٿيل رقم استعمال ڪئي وئي.

## ذريعہء تعليم

انگريزن هڪ لک ساليانہ خرچ منظور ڪري، حاتم طائيءَ جي سخاوت کي شہ ڏني هئي، مگر ان وقت تعليمي ذريعو فارسي ۽ سنسڪرت زبانون هيون. ان وقت اها تحريڪ شروع ٿي تہ انگريزي زبان کي ذريعہ تعليم (Medium of-Instruetion) بنائجي.

1829ع ۾ اليگزينڊر ڊف چاهيو تہ هڪ اهڙو اسڪول قائم ڪجي، جنهن ۾ ذريعہ تعليم انگريزي زبان هجي، مگر حڪومت اجازت نہ ڏني. ان کان پوءِ 1815ع ۾ دوباره ڪوشش ٿي.

## لارڊ ميڪاليءَ جي مڪاري

جديد تعليمي تحريڪ جو سنگ بنياد 1835ع ۾ پيو. لارڊ ميڪالي (Lord Mecallay) جي زير صدارت هڪ تعليمي مجلس ويٺي، جنهن کي هي مسئلو طيءِ ڪرڻو هو تہ آيا هندوستانين کي تعليم انگريزي زبان ۾ ڏجي، يا فارسي ۽ سنسڪرت ۾ ڏجي؟ مجلس ۾ خوب بحث هليو. واءِ شماريءَ ۾ مخالف ۽ موافق سڀ برابر سرابر رهيا، ۽ فيصلو ڪونہ ٿيو. پر لارڊ ميڪالي، پنهنجو ڪاسٽنگ وات (Casting-

انگريزيءَ جي حق ۾ استعمال ڪيو، ۽ هندوستان جي (Vote) بدبختيءَ ۽ غلاميءَ تي هيءَ نوٽ لکيو:

"اسان کي هڪ اهڙي جماعت بنائڻ گهرجي، جا اسان ۽ اسان جي ڪروڙها افراد رعيت ۾ ترجمانيءَ جا فرائض بجا آڻي سگهي. ۽ اها جماعت اهڙي هئڻ گهرجي، جا خون ۽ رنگ جي لحاظ سان پلي هندوستاني هجي، پر مذاق ۽ راءِ ۽ الفاظ ۽ سمجهه جي اعتبار کان انگريزي هجي."

(تاريخ تعليم، از ميجر باسو ص 77 ۽ 87)

اهي آهن اغراض ۽ مقاصد، جديد تعليم جي سنگ بنياد جا جن تي تعليمي نظام جي تعمير ڪئي وئي، جا اڄڪلهه عرش پيما آهي. ان جا اثرات اڄ به برصغير هند و پاڪ ۾ موجود آهن.

## عيسائيت جي تبليغ:

ان دور ۾ عيسائي مبلغ پادري، جي ساري برصغير هند و پاڪ کي عيسائي بنائڻ جا خواب لهي رهيا هئا، سي استادن جي حيثيت سان، هاءِ سڪولن، ڪوڙي ڪاليجن ۾ داخل ٿيا، مسلمانن کي ان کان نهڻ ۽ جديد تعليم کان نفرت جو پهريون وڏو سبب اهو پيدا ٿيو. جڏهن ته هندو هڪ تسلي سوسائٽي آهي، تنهن ڪري انهن ڏوم ڪرم جي سوال کي ڇڏي، پوريءَ طرح انگريزن سان تعاون ڪيو. پادري ان تي ڏاڍو خوش ٿيا. سندن خوشيءَ جو اندازو ان تعليمي ڪميٽيءَ جي رپورٽ مان لڳائي ٿو سگهجي، جا 1831ع ۾، هشت ساله رپورٽ جي نالي شايع ڪئي ويئي هئي. ان ۾ لکيو ويو آهي ته:

”هندو ڪاليجن ڏي توجهه ۽ تعاون ڪرڻ اسان جو مکيه فرض آهي، ان سان اميد افـزا نتيجا نڪرندا، جي نتيجا هينئر نڪتا آهن، سي سفيد آهن.
انگريزي زبان جي واقفيت سان گـڏ، اخلاقي ترقيءَ جا آثار به نمايان ٿيا آهن. وڏن خاندانن جي نوجوانن ۾، هندو مذهب جي بندش کان آزاد ٿيڻ لاءِ بيزاري ۽ بيقراري پيدا ٿـي چڪي آهي. هو پنهنجين رسمن کان بيزاريءَ جو اعلان، ظاهر ظهور ڪري رهيا آهن.
غالباً پئي نسل ۾ ڪلڪتي جـي هندن جي خيالات ۽ محسوسات ۾ وڏي سادي تبديلي ٿينـدي.“
(تاريخ تعليم از سيد محمود ص 35)

ان طرح سر فريڊرڪ هيليڊيءَ 1853ع ۾ شاهدي ڏيندي چيو ته:
”مان سمجهان ٿو ته هندو ڪاليجن ۾ انجيل جـي تعليم ايتري گهٽي آهي، جو انگلنڊ جي ڪنهن پبلڪ سڪول ۾ ڪانه هوندي!“
(روشن مستقبل، از طفيل احمد بنگلوري ص 139)

مطلب ته ان دور ۾، انگريزي تعليم گاهون، عيسائيت لاءِ تبليغي مرڪز بنجي چڪيون هيون، تنهنڪري مسلمانن تعليمي مفاد کي پنهنجي ديني ۽ قومي مفاد تي ترجيح نـه ڏني ۽ پاسيرو رهڻ شروع ڪيائون.

## صوبائي زبانون

1831ع ۾، مرڪزي گورنمينٽ، صوبائي حڪومتن کي حڪم موڪليو ته هو سرڪاري طور پنهنجي پنهنجي صوبي ۾، اتي جي صوبائي زبانن کي اهميت ڏين ۽ فارسي زبان کي خارج ڪن. فارسي زبان انگريزن ۽ آخري مغل حڪومت جي

معاهدي موجب، اجا تائين، دفتري زبان هئي. چنانچ، انگريزن عهد شڪني ڪري، سيني صوبائي زبانن کي اهميت ڏياري، ۽ فارسي خارج ٿي. ان طرح گويا ساري برصغير کي، لساني بنيادن تي ورهائي، ننڍا ننڍا ٽڪرا ڪري ڇڏيائون. نتيجو اهو نڪتو جو برصغير هند و پاڪ جي صوبن ۾، هڪ نئون مسئلو پيدا پيدا ٿي پيو، جنهن تي هندن ۽ مسلمانن ۾ ڪافي اختلاف پيدا ٿيا.

هن ڪان اڳ، برصغير هند و پاڪ جون سڀ تحريڪون، جي اجتماعي طور ٿينديون هيون، سي هاڻي صوبائي سطح تي بلند ٿيڻ لڳيون. ۽ هر صوبي ۾ اڪثريت ۽ اقليت کي پاڻ ۾ ويڙهائي وڌائون.

## ملازمت لاءِ لياقت

10 آڪٽوبر 1844ع ۾، لارڊ هارڊنگ، هڪ حڪمنامو ڪڍيو ته سرڪاري ملازمت لاءِ انگريزدان کي ترجيح ڏني وڃي. هي حڪم عين ان وقت ڏنو ويو، جڏهن برصغير هند و پاڪ جا مسلمان، مفلوڪ الحال ۽ معاشي تنگيءَ جو شڪار ٿي چڪا هئا. لاچار مسلمانن، ملازمت ۽ پيٽ گذر لاءِ، انگريزي تعليم وٺڻ تي آمادگي ظاهر ڪئي. پر جڏهن اسڪولن ۾ عيسايت جي تبليغ ڏنائون، تڏهن ڪلڪتي جي مسلمانن ساري ملڪ جي مسلمانن پاران دانهون ڪيون سرڪار وٽ احتجاج ڪيائون ته سرڪار جا لکها رپيا عيسائيت جي تبليغ لاءِ خرچ ٿي رهيا آهن، جنهن تي پارليامينٽ، حڪومت هند جي طرفداري ڪندي غير جانبداريءَ جو اعلان ڪيو، جو اعلان برائي نام هو.

## سرچارلس ٽريويلين (آءِ. سي. ايس) جو بيان

28 جون 1853ع تي سرچارلس هائوس آف ڪامنس ۾ هڪ بيان پڙهيو، جنهن ۾ ٻڌايائين ته:

"1835ع جي ٺهراءُ موجب، سرڪاري ادارن ۾ انگريزي ڪتبخانا ۾ قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ انجيل مقدس پڻ رکيل آهن. ڪاليجي ڪتابن ۾ انجيل جا حوالا به آهن. ان کان علاوه ڪيترا مضمون، عيسائيت متعلق پڻ رکيل آهن، جنهن مان نتيجو اهو نڪتو آهي، جو تعليم يافته هندو ڪاليجي شاگردن، عيسائي مذهب قبول ڪيو آهي، تن جو تعداد عيسائي ڪاليجن جيترو آهي."

(تاريخ تعليم، از سيد محمود ص 66_67)

## مدراس جو احتجاج

عيسائيت جي تبليغ جي خلاف دير سان هندن پڻ اکيون پٽيون. مدراس جي هندن سخت احتجاج ڪيو. 1852ع ۾، هڪ عرضداشت، گورنر صاحب مدراس کي موڪلي وئي، جنهن ۾ هندن ۽ مسلمانن گڏجي حصو ورتو.

## 1857ع جي جنگ آزادي

انهن حالتن هيٺ، اهڙي ايذائيندڙ ماحول ۾، 1857ع ۾ آزاديءَ جي پهرين جنگ لاءِ هندن ۽ مسلمانن گڏجي ڪوشش ڪئي، جنهن کي انگريزن، غدر، بغاوت ۽ بلوو تصور ڪيو ۽ تاريخن ۽ درسي ڪتابن ۾ به بغاوت ڪري لکايائون.

ان آزاديءَ جي پهرين جنگ جي ناڪاميءَ جا اسباب ڪهڙا هئا، اهو هڪ نئون تفصيل طلب بحث آهي. ان طرح ان جنگ ڪرڻ جا اسباب ڪهڙا هئا، سي تاريخن ۾ موجود آهن. نتيجو اهو نڪتو جو بالاآخر حڪومت برطانيه ۽ عيسائي مبلغن اهو رايو ڏنو ته:

"ان بغاوت جا باني فقط مسلمان آهن. هندو ويچارا

ڪن هنڌن تي، هنگامي حالتن هيٺ شريڪ ٿيا آهن."
(تاريخ تعليم، سيد محمود ص 75)

چنانچه هير نگٽن ڏاسس لکيو آهي ته:
"مون بيان ڪيو آهي ته 'بغاوت ۽ غدر' (1857ع)
جا باني هندو ناهن، اها مسلمانن جي سازش هئي.
مسلمان خليفه اول (ترڪي) جي وقت کان اڄ تائين
مغرور، غير روادار ۽ ظالم رهندا آيا آهن.
سندن مقصد، اسلامي حڪومت جو قيام (پاڪستان)
آهي، ڪين عيسائيت لاءِ نفرت آهي. هو ڪنهن به
غير مسلم حڪومت لاءِ وفادار رعايا ٿي نه ٿا سگهن
۽ قرآني احڪامات جي موجودگيءَ ۾ اهو قطعاً
ناممڪن آهي."
(حڪومت خود اختياري، ص 55-56)

رد عمل: 1857ع جي ان جنگ آزاديءَ جو رد عمل
ڇا ٿيو؟ پس مانده ۽ مفلوڪ الحال مسلمانن جي باقي رهيل
وقار ۽ قوت کي ختم ڪيو ويو. سندن بچيل ملڪيتون ضبط
ڪيون ويون ۽ سوين بي گناه مشهور عالم (تقريباً ست سئو)
ڦاسيءَ تي چاڙهيا ويا. مولانا فضل حق خيرآباديءَ کي، انڊمان
ٻيٽن ڏانهن، ڪاري پاڻيءَ جي سزا لاءِ اماڻيو ويو، جنهن وچي
ان ٻيٽ کي سڀ کان اول آباد ڪيو. چنانچه سر آڪلنڊ،
گورنر صوبه متحده (يو. پي) فرمايو آهي:
"غدر ناڪامياب ٿيڻ کان پوءِ اسان مسلمانن کان
سخت انتقام ورتو، تان جو مسلمانن ۽ انگريزن جي
وچ ۾ مصالحت جي اميد هميشه لاءِ ختم ٿي ويئي."
(روشن مستقبل از طفيل احمد بنگلوري ص 153)
نتيجو اهو نڪتو جو خاندانن جا خاندان جيلن ۾ وڌايا ويا.
مسجدون ۽ درسگاهون ناس ڪيون ويون، مسلمانن جون ملڪيتون

ضبط ڪيون ويون، مسلمانن کي نوڪرين کان جواب ڏنو ويو، تاجر پيشه مسلمانن کي ڏوهه ۽ رشوت ۾ قابو ڪري سزاياب ڪيو ويو، عالمن ۽ ليڊرن کي جيل ۾ نپوڙيو ويو، شاهي خاندان کي بلڪل تباه ڪيو ويو، شهنشاه هند ظفر کي قيد ڪري، سندس شهزادن کي، سندس موجودگيءَ ۾ گوليون هڻي ماري، **سندن خون وحشي انگريز ڪمانڊر پيتو!** بهرحال، مسلمانن کي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ تباهه ۽ پائمال ڪيو ويو.

## مسلمانن جو اعتراف

هندوستاني مسلمانن جي علمي، سياسي، انتظامي ۽ اخلاقي لياقتن جو اعتراف خود انگريزن کي به هو. ان سلسلي ۾ هينري هرنگٽن ٿامس لکيو آهي:

"بيشڪ، تعليمي ذوق ۽ ذهني صلاحيت جي اعتبار کان مسلمان هندن کان وڌيڪ لائق فائق آهن. نسبتاً هندو، انهن جي اڳيان 'طفل مڪتب' آهن. منجهن ڪارگذاريءَ جي اهليت زياده آهي، تنهن ڪري سرڪاري ملازمت تي اهي ئي موزون آهن. انهن کي سرڪاري ڪمن ۽ ملڪي معاملن جي تمام گهڻي واقفيت آهي، ان ڪري انهن جي راءِ کي گهڻي اهميت ۽ واقفيت حاصل آهي."

(تعليم هند، باسو ص 59)

## ٿامس آرنولڊ جي تعليمي رپورٽ:

ٿامس آرنولڊ صوبه پنجاب جي تعليمي رپورٽ مرتب ڪئي هئي. ان ۾ ان طرح مسلمانن جي تعليمي ترقيءَ جو اعتراف ڪيو آهي، لکي ٿو:

”تعليم ۽ تدريس جي نقطءِ نظر سان ميدان مسلمانن جي هٿ ۾ آهي. ۽ اسڪولن ۾ مسلمان شاگرد گهٽائيءَ ۾ آهن“ (تعليم هند ص ٦٠)

## انتقام جو نتيجو:

انگريزن، مسلمانن کي تعليمي ۽ اقتصادي طرح سان اهڙو تہ تباهہ ڪيو، جو مسلمان هميشہ لاءِ ختم ٿي ويا. ڊاڪٽر هنٽر پنهنجي ڪتاب مسلمانان هند ۾ لکيو آهي:

”1879ع ۾ ڪلڪتي ۾ مشڪل سان ڪو سرڪاري دفتر اهڙو هوندو، جتي اوهان کي ڪو مسلمان ملازم ملندو، پر جي ڪو نظر ايندو تہ پوءِ اهو هوندو چپراسي، پٽيوالو يا ٽپالي- ۽ انهن کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن بہ ملازمت ملڻ جي اميد مسلمانن کي ڪانہ هئي.“

## ملازمت کان جواب:

انگريزن ملازمت لاءِ انگريزي تعليم کي لازمي بڻايو ۽ اڳتي هلي انءَ کي ملازمت جو معيار قرار ڏنو. مسلمانن نهايت تڪليف سان، انگريزيءَ ڏانهن رجوع ڪيو. ڏنائون تہ هاڻي رزق جو دروازو بہ بند ٿي چڪو آهي، مگر انگريزي پڙهڻ کان پوءِ بہ ڪين ملازمت کان جواب ملندو رهيو.

سر وليم هنٽر، ڪلڪتي جي هڪ فارسي اخبار مورخہ 14 جولاءِ 1869ع جي حوالي سان لکيو آهي:

”سندربن جي ڪمشنر، گورنمينٽ گزيٽ ۾ اعلان ڪيو هو تہ جي بہ ملازمتون خالي ٿين، انهن تي ’هندن‘ کان سواءِ، ٻيءَ ڪنهن بہ قوم جا ماڻهو مقرر نہ ڪيا وڃن.“

(مسلمانان هند، از هنٽر ص 72)

ان خبر جي ترديد گورنمينٽ هند ڪڏهن بہ نہ ڪئي. ان کان پوءِ سر وليم هنٽر لکي ٿو تہ:

”مسلمان هاڻي ايترو تہ هيٺ ڪري چڪا آهن، جو ٻاوجود ملازمت جي لائق هجڻ جي بہ ڪين ملازمت ڪانہ ٿي ملي! سرڪاري اعلانن موجب، خاص احتياط سان، مسلمانن لاءِ ملازمت جا دروازا بلڪل بند ڪيا ويا آهن: انهن جي بيڪسيءَ ڏانهن ڪوبہ توجهہ ڪونہ ٿو ڪيو وڃي، ۽ اعليٰ حڪام انهن جي وجود کي تسليم ڪرڻ پنهنجي شان جي گهٽتائي ٿا سمجهن!“

(مسلمانان هند، سر وليم هنٽر ص 158- روشن مستقبل 159)

## مظلومانہ درخواست

اها قوم، جنهن هڪ هزار سال برصغير هند و پاڪ تي ٻادشاهي ڪئي، تنهن لاءِ عرصہ حيات تنگ ڪيو ويو. هنٽر اوڙيسا جي مسلمانن جي هڪ درخواست جو مضمون نقل ڪيو آهي. جا مسلمانن نهايت مظلومانہ انداز ۾ گورنر صاحب کي موڪلي هئي. ان جو خلاصو هن طرح آهي:

”بحيثيت وفادار رعايا، بہ حضور ملڪہ معظمہ عرض تہ اسان مسلمانن کي بہ سرڪاري ملازمت، حاصل ڪرڻ جو حق آهي. اصل ۾ حقيقت هن ريت آهي تہ هن ملڪ جا مسلمان ايتري قدر تہ پيسجي چڪا آهن، جو هاڻي انهن جي اڀرڻ ۽ اسرڻ جي ڪابہ اميد باقي نہ رهي آهي!

اسان مسلمان نسل جي اعتبار کان شريف آهيون ۽ پيشي جي اعتبار سان غريب آهيون.

حقن جي حيثيت سان اوهان جي جائز سرپرستيءَ کان

محروم آهيون.
اسان جي حالت ان مڇيءَ وانگر آهي، جا پاڻيءَ کان ڪڍي ٻاهر اڇلائي ڇڏجي!
هيءَ اسان جي اها بد حالت آهي، جا اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون.... اسان کي اميد آهي ته ونگ ۽ ملت جي لحاظ کان سواءِ، ميني قومن مان هڪجهڙو برتاءُ ڪيو ويندو.
سرڪاري ملازمتن مان خارج ٿيڻ کان پوءِ اسان جي مفلسي ۽ مايوسي ان درجي تي پهتي آهي، جو اسان کي ويهه ويهه ماهوار به ڏنا وڃن، ته پوءِ ان لاءِ اسان دنيا جي سڀ کان دور دراز مقامات تائين روزگار لاءِ سفر ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. حتيٰ ڪ هماليه جي برف ٻار چوٽين تي به چڙهڻ لاءِ تيار آهيون! سائبيريا جي ويران ۽ سنسان بيابانن ۾ پنڌ ڪرڻ لاءِ تيار آهيون!"
(مسلمانان، وليم هنٽر ص 175_176)
۽ روشن مستقبل، از طفيل احمد بنگلوري ص 159_170)

هيءَ دلگداز درخواست ان دور جي مسلمانن جي خسته حاليءَ جي هڪ تاريخي ۽ اهم حقيقت آهي. اهو حال ساري برصغير هند و پاڪ جو هو. مسلمان هر هنڌ دربدر ڪيا ويا. هر هنڌ مسلمانن کي ڌڪاريو ويو، ۽ خاص ڪري 1857ع جو دل کولي انتقام ورتو ويو.

## ٻه ٽي رايا

حقيقت هيءَ آهي ته بقول آنريبل اسٽاچرن صاحب موزسداڻ.
"گورنمينٽ هند پنهنجي عملداريءَ جي ابتدائي زماني

۾، مسلمانن جي مقابلي ۾، هندن کي تمام گهڻو نوازيو
۽ وڌايو، ڇو ته حڪومت کي اهو خوف هوندو هو
ته اسان حڪومت به ته مسلمانن کان کسي آهي!
لهذا، حڪومت کسڻ جي طاقت به رڳو مسلمانن
۾ ئي آهي.“

اها واقعي حقيقت هئي ته هزار سال حڪومت به مسلمانن جي هٿان وئي هئي. باوجود هندن جي مقابلي ۾، مسلمان اٿي ۾ لوڻ جي مثال هئا، ان ڪري لازمي طرح سان مسلمانن غيرت ۽ جدوجهد جي جنگ ۾ پاڻ کي اڇلائي وڌو، پر ڪن غدارن جي غداريءَ جي ڪري ڪامياب نه ٿي سگهيا.

هندن اهو ’جرم عظيم‘ ڪڏهن به معاف ڪرڻ جهڙو نه رهيو. ان ڪري مسلمانن جي اقتصادي ۽ معاشي زندگي قريب قريب ختم ڪئي ويئي، ته ٻئي طرف، انهن کي تعليم ۽ تربيت کان محروم رکيو ويو، تان جو جڏهن انگريزن کي خوف ٿيو ته مبادا، اسان جي ڪم توجهيءَ ۽ غفلت جي ڪري مسلمان وري بغاوت لاءِ آماده ٿين، تنهن ڪري پنهنجي تسلي مڪارين کي مد نظر رکي، مسلمانن جي مٿي تي هٿ گهمائڻ شروع ڪيائون.

چنانچه، 13 جون 1873ع ۾ وائسراءِ هند، هڪ طول طويل ٺهراءَ بحال ڪيو، جنهن ۾ خاص طرح سان بيان ڪيو ويو:

”مسلمان، گورنمينٽ جي نصاب ۽ مضمونن ۽ ڪتابن
۽ درسيات جا مخالف ناهن، پر هو نظام تعليم جي
خلاف آهن، ۽ ’ذريعهء تعليم‘ سان اختلاف رکن ٿا!“
(تاريخ تعليم: سيد محمود ص 151)

## مدراس گورنمينٽ جو اعتراف:

ان سلسلي ۾، مدراس گورنمينٽ 1873ع ۾، هن امر

جو اعتراف ڪيو:

”موجوده طرز تعليم جو خاڪو، هندن جي ضرورتن آهر بڻايو ويو آهي، ۽ مسلمانن کي يڪسر نظرانداز ڪيو ويو آهي. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ مسلمانن جي گهٽتائي ڪو حيرت انگيز امر نه آهي، بلڪ اهڙين حالتن ۾، انهن مسلمانن جو زنده رهڻ ۽ باقي رهڻ وڏيڪ حيرت انگيز آهي!“

(تاريخ تعليم: سيد محمود ص 155)

## سر جيمس جي راءِ:

سر جيمس، جو مسلمان باغين ۽ بلوائين جي سرڪوبي ۽ تحقيقات لاءِ مقرر ٿيو هو، ۽ جنهن جي تحقيقات جي نتيجي ۾، هزارها مسلمان، ڪاري پاڻيءَ جي سزا وٺي چڪا هئا، سو به هن طرح ٿو فرمائي:

”اسان ائين نه ٿا چئي سگهون ته مسلمانن جي بي اطميناني، ڪا بي بنياد آهي. سالن جا سال، لاڳيتو، مسلمانن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. انهن جي وجود ۽ اطاعت کي شڪ جي نظر سان ڏٺو ويو آهي. انهن جي تعليم جي طرف، غفلت ڪئي وئي، ايتري قدر جو مسلمانن جي اوقاف، جنهن جي آمدنيءَ مان اسلامي ڪاليج هلندا هئا، سي به رد ڪري ڇڏيا ويا ۽ اهي رقمون ٻين ڪمن ۾ استعمال ڪيون ويون. اميد آهي ته موجوده غفلت کان پوءِ عاقلانه ۽ فياضانه حڪمت عمليءَ کان ڪم ورتو ويندو!“

(ڪلڪته رويو، 21 آڪٽوبر 1870ع ص 195 ۽ روشن مستقبل، از طفيل احمد بنگلوري ص 166)

ايترين شاهدين کان پوءِ به هي حقيقت تحقيق طلب رهجي وڃي ٿي، ته مسلمانن جي تعليمي زوال جا اسباب ڪهڙا هئا؟ جن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، ته هن ڪتاب ۾، آل انڊيا مسلم ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس جي ڪراچيءَ واري اجلاس منعقد 1907ع جي ڪارگذاري ۾ ٿيرائن جي روشنيءَ ۾، مسلم تعليم جا مسئلا بيان ڪيا ويا آهن.

ان دور ۾، فقط اهو هڪ ئي ادارو هو، جو پنهنجي بي سروسامانيءَ ۾ عوام ۽ خواص جي مخالفت ۽ سرڪار جي سرد مهريءَ جي باوجود، چراغ اميد کي ٻاريندو آيو. اڄ سنڌ روشنيءَ کان، برصغير هند و پاڪ جو ڪوبه حصو خالي نظر نه ٿو اچي. جديد علوم ۽ فنون جي تحصيل ۽ تڪميل لاءِ جي به اسڪول ۽ ڪاليج، ادارا ۽ مدرسا، تعليم گاهون ۽ درسگاهون نظر اچن ٿا، اهي ان هڪ اجتماعي اداري جي جدوجهد جو تاريخي يادگار آهن.

اها به هڪ تاريخي حقيقت آهي ته برصغير هند و پاڪ جي مختلف علائقن ۾، باوجوديڪ پس ماندگيءَ ۽ مفلوڪ الحاليءَ جي، سنڌ ان تحريڪ جي نه فقط حوصله افزائي ڪئي، پر عملي طرح ان ڪانفرنس ۾ روح ڦوڪيو. سنڌ جي ان سبقت الي الخير واري عملي قدم جو ذڪر اڄ به "ڪانفرنس جي تاريخ" ۾ سونهري لفظن ۾ درج ٿيل موجود آهي. (1)

آل انڊيا مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنس" جي تاريخ 1886ع کان شروع ٿئي ٿي. ان ايتري قديم ۽ عظيم تعليمي ۽ اصلاحي اداري جنهن يقين محڪم ۽ عمل پيهم سان، اهل اسلام جي تعليمي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي

---

(1) آل انڊيا مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنس جي رپورٽ مطبوع علي گڙهه ص 52.

آهي، اها فراموش ڪرڻ جهڙي نہ آهي. ان جي مختلف ادارو ۽ مراحل جو مطالعو دلچسپيءَ ۽ افاديت کان خالي نہ آهي.

جڏهن سر سيد احمد مرحوم و مغفور پنهنجي جدت پسندانہ عقائد جي تبليغ سان گڏ، مسلمانن جي ادبار ۽ زوال، مذلت ۽ پس ماندگيءَ لاءِ تعليم ۽ نصاب ۾ انقلاب آفرين اصلاح آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، تڏهن سنڌس ديني عقائد جي مخالفت جي پس منظر ۾ سندس تعليمي ۽ اصطلاحي عمل ۽ حرڪت جي مخالفت بہ همہ گير نموني ۾ هلائي وئي.

اهڙي حوصلہ شڪن ماحول ۾، سر سيد احمد جنهن مخلصانہ جدوجهد ۽ عملي اقدام سان ڪم ڪيو، ان جو داد اڄ پنهنجن سان گڏ پراوا ۽ ڌاريا بہ ڏئي چڪا آهن.

اهڙي مخالفانہ ماحول ۾، جن چند حساس ۽ بلند حوصلہ تعليمي ماهرن، ليڊرن، قومي ڪارڪنن سندس عملي طرح سان تائيد ڪئي، تن ۾ سنڌ جو حصو بہ قابل قدر آهي.

سنڌ جي ڪيترن مخلص ۽ ايثار پسند ساٿين جنهن استقلال ۽ مستعدي سان، سر سيد جي افڪار ۽ تعليمي مشاغل جي تائيد ڪئي آهي، انهن جا نالا تعليمي ۽ اصلاحي دنيا ۾ اڄ بہ زرين لفظن ۾ لکيل آهن.

سنڌ ۾ سر سيد احمد جي نصب‌الدين تي مرحوم خانبهادر حسن علي آفنديءَ جيڪا جدوجهد ڪئي آهي، ان کان هر اهل علم واقف آهي. "سنڌ مدرسة الاسلام" پنهنجي ديرينہ روايت سان آراستہ اڄ بہ موجود آهي. اهو فخر ان اداري کي حاصل آهي، جنهن قائداعظم جهڙو زيرڪ، دانشمند، سياستدان ۽ قومي هيرو پيدا ڪيو، جو اڄ بابائي ملت سڏيو وڃي ٿو.

سنڌ مدرسہ الاسلام جي تشڪيل ۽ تعمير ۾ جن مخلص اراڪين جا نالا اچن ٿا، تن ۾ هيٺيان قابل ذڪر آهن، جي مرحوم آفنديءَ سان پاڻهن پيلي رهيا: مثلاً خانبهادر ميان غلام‌حسين،

غلام حسين چاگلا، اسراءُ خان پٺاڻ، قاضي محمد اشرف هلالي، خانبهادر خداداد خان، ميان غلام دستگير، علي ڀائي ڪريم جي، مرزا آصف، سردار بهادر محمد يعقوب، مرحوم رئيس شمس الدين ’بلبل‘، مولوي الله بخش ’ابوجهو‘، خانبهادر قادرداد خان طيب جي، مرزا مخلص علي، ۽ مرحوم افنديءَ جو صاحبزادو ولي محمد خان وغيره.

ان سلسلي ۾، ڪروڙن اسماعيلين جو روحاني امام اعليٰ حضرت هزهائينيس سر آغا خان رحمه الله عليه جو اسم گرامي به تاريخ ۾ موجود آهي، جنهن سرد جنيل جي سواريءَ جي گاڏي، لاهور ۾ نواب وقارالملڪ ۽ خواجه حاليءَ پاڻ ڇڪي، سندس عزت افزائي ڪئي هئي. ”آل انڊيا ايجوڪيشنل ڪانفرنس“ جو پهريون اجلاس 1886ع ۾، سڀ کان اول علي گڙهه ۾ ٿيو، جنهن ۾ برصغير هند و پاڪ جي روشن ضمير ۽ روشن خيال عالمن ۽ دانشمندن جوش ۽ خروش سان شموليت ڪئي.

ڪانفرنس جي اوائلي تشڪيل ۽ دستورالعمل جي رسمي جوڙجڪ کان پوءِ، ڪانفرنس مختلف صدين ۾ پنهنجا اجلاس ڪندي آئي. هر اجلاس ۾ اڪن ماڻهن تائين تعليم ڪي حاصل ڪرڻ جو پيغام پهچايو ويو.

سنڌ به ان سلسلي ۾ ڪانفرنس جو تعاون ڪيو ۽ پنهنجي پسماندگيءَ جي هوندي، ايثار ۽ قربانيءَ جا جوهر ڏيکاريائين.

سنڌي مسلمان جي تعليمي بدحاليءَ ۽ معاشي زوال جو سڀ کان اول ذڪر ”آل انڊيا مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنس“ جي سورهين اجلاس ۾ ٿيو. اهو اجلاس دهليءَ ۾، ڪارونيشن دربار جي موقعي تي 1902ع ۾ ٿيو. ان اجلاس جي صدارت هزهائينس سر آغا خان جن فرمائي هئي.

ان اجلاس ۾ مسٽر علي محمد خان دهلوي، بئريسٽر ڪراچيءَ واري (جو اڳتي هلي ڪائونسل جو ميمبر ٿيو ۽

ڪيس سر جو خطاب پڻ مليو)، سنڌ جي تعليمي حالتن ڏانهن توجهه ڇڪايو. سندس ڪوشش ۽ نواب محسن الملڪ جي تائيد سان، هيٺين رٿ منظور ڪئي وئي.

”هن ڪانفرنس لاءِ لازم آهي ته پنهنجي تعليمي ۽ اصلاحي ڪم جي دائري کي، وسيع ڪري ۽ سنڌ جي انهن مسلمانن سان شرڪت ڪري، جي سنڌ ۾ تعليم جي اصلاح لاءِ جدوجهد ۾ مصروف آهن، ڇو ته صوبه سنڌ جي حالت تمام خراب ٿي چڪي آهي.“

ان تجويز تي عمل ڪندي، ڪانفرنس جي رهنمائن، سنڌ جا دورا ڪيا ۽ حالات کان واقفيت پيدا ڪري ڪانفرنس کي رپورٽ ڏني.

آخرڪار، جڏهن ”آل انڊيا ايجوڪيشنل ڪانفرنس“ جو ويهون اجلاس، 1906ع ۾، ڍاڪا ۾ ٿيو، تڏهن سردار محمد يعقوب وزير خيرپور ميرس سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي پستيءَ ۽ حالت زار تي نهايت دردناڪ رپورٽ پيش ڪري سينٽرل اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ کي درخواست ڪئي ته آئينده اجلاس سنڌ ۾ ڪيو وڃي. ان وقت سنڌ جي ڪل آبادي 32 لک، 10 هزار، 9 سؤ 10 ماڻهن تائين محدود هئي. انهن مان 24 لک 36 هزار چار سؤ 79 يعني ٽي ڀاڱي چار کان به وڌيڪ آبادي مسلمانن تي مشتمل هئي. سردار محمد يعقوب خان پنهنجي رپورٽ ۾ ٻڌايو هو:

”ڪنهن به صوبي جي مسلمانن جي تعليمي حالت ايتري قدر ڪريل ناهي، جيتري سنڌ جي مسلمانن جي آهي. سنڌ ۾ ٻن سون گريجوئيٽن جي مقابلي ۾ ساري سنڌ ۾ فقط ڏهه مسلمان بي. اي آهن.“

ان کان به وڌيڪ تلخ ۽ ڏکدائڪ حقيقت اها هئي ته انهن ڏهن مسلمان گريجوئيٽن ۾، سنڌي فقط 2 هئا، باقي 8

شهر سنڌي هئا، جي ٻاهران تجارت جي خيال کان اچي ڪراچيءَ ۾ آباد ٿيا هئا.

ان طرح ڊاڪٽري سائنس ۽ انجنيئرنگ جي سلسلي ۾ سردار محمد يعقوب خان لکيو هو ته:

”ويهن هندن جي مقابلي ۾، صرف هڪ مسلمان ڊگري يافته آهي. بيريسٽر، ايل ايل. بي ۽ يا پليڊر هن صوبي ۾ ٻن سون کان مٿي آهن، پر انهن ۾ مسلمان صرف ويهه آهن. گذريل سال انٽر ۾ هڪ سو ويهه طالب ڪامياب ٿيا، تن ۾ مسلمان فقط ٻارنهن هئا.“

سردار محمد يعقوب مزيد بحث ڪندي ظاهر ڪيو ته:

”مسلمانن ۾ تعليم جي نه هجڻ ڪري، سڀ نوڪريون سنڌن هٿن مان نڪري چڪيون آهن. اهو ساڳيو حال هنر، صنعت ۽ واپار جو آهي. سنڌ ۾ هڪ هندو سيشن جج ۽ هڪ اسسٽنٽ جج آهي، مگر ان درجي جو ڪوبه عهدو، ڪنهن مسلمان جي هٿ ۾ ڪو آيو آهي. ووينيو ۾ ويهه ڊپٽي ڪليڪٽر آهن، جن ۾ مسلمان فقط ٽي آهن، باقي سترنهن ئي هندو آهن.“

1906ع ۾ ڪانفرنس جي ڪميٽي اصلاح تمدن جي هڪ ميمبر، سنڌ جي تمدني ۽ تعليمي حالت تي هڪ مضمون لکيا، جن ۾ ٻڌايو ويو ته:

”سنڌ جي مسلمانن جي تمدني ۽ تعليمي حالت، هندوستان جي ٻين صوبن کان وڌيڪ ڪريل ۽ ناگفته به آهي. مگر الله جو شڪر آهي ته زمانو آهسته آهسته، سنڌي مسلمانن کي ترقيءَ ڏانهن مائل ڪري رهيو آهي. هاڻي ڪين پنهنجي دردناڪ تنزل جو احساس پيدا ٿيو آهي. گورنمينٽ به هاڻي سنڌن ڪجهه خيال ڪرڻ شروع ڪيو آهي ۽ سندن

ٿي چڪي آهي. پنجون سکر ۾ کلي رهيو آهي، ۽ ان جي لاءِ زمين به ورتي وئي آهي: ان طرح هر ضلعي ۾ هڪ هڪ مدرسي جاري ڪرڻ جو سامان پيدا ٿي چڪو آهي. خاص طرح سان حيدرآباد ۾ به مدرسا جلدي قائم ڪيا ويندا.”

سردار محمد يعقوب جڏهن ته سرڪاري امداد تي ويهي رهڻ کي مصلحت ۽ دانشمنديءَ جي خلاف تصور ڪري چڪو هو، تڏهن ان لاءِ امدادي وظائف حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش شروع ڪيائين. سرمايي کي گڏ ڪرڻ جي سلسلي ۾ ظاهر ڪيائين ته:

”ذڪر ڪيل مدرسن جي لاءِ پيسن جي سخت ضرورت آهي. رڳو ڪراچيءَ جي مدرسي واري بورڊنگ هائوس وڌائڻ لاءِ — جنهن ۾ زياده شاگردن جي گنجائش ناهي — گهٽ ۾ گهٽ 50 هزار رپين جي ضرورت آهي، جن مان 6 هزار خيرپور رياست ڏنا آهن ۽ 20 هزار عام چندن مان هٿ ڪيا ويا آهن.”

مسٽر علي محمد خان دهلويءَ جي دعوت ۽ سردار محمد يعقوب خان جي درد انگيز تعليمي رپورٽ تي، ڍاڪا ڪانفرنس ۾، نواب محسن الملڪ طئي ڪيو ته 1907ع جو ايندڙ اجلاس سنڌ جي دارالحڪومت ڪراچيءَ ۾ منعقد ڪيو وڃي.

خدا جي قدرت اها ٿي جو ان اعلان کان پوءِ سنت ئي سردار محمد يعقوب خان وفات ڪئي، ۽ ان سان گڏ ڪراچيءَ ۾ اجلاس ڪرڻ جي تجويز ڏيندڙ نواب محسن الملڪ به وفات فرمائي. انهن ٻنهي بزرگن ۽ دانشمندن جي اوچتي وفات کان پوءِ اها اميد ئي نه رهي ته ڪو ڪراچيءَ ۾ ڪانفرنس جو اجلاس ٿي سگهندو.

خوش قسمتيءَ سان نواب محسن الملڪ جي جاءِ تي نواب وقارالملڪ آيو. جنهن ڪراچيءَ ۾ ڪانفرنس ڪرڻ جي تياري ڪئي. ان مهم ۾ سائس صاحبزادو آفتاب احمد خان پانهن ٻيلي ٿي بيٺو. هت سنڌ ۾ سردار محمد يعقوب جي جاءِ تي شيخ صادق علي وزير مقرر ٿيو، جنهن نواب وقارالملڪ سان گڏجي، ڪانفرنس کي ڪامياب ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪئي.

اول سنڌ ۾ ڪارڪنن جي هڪ ڪميٽي ٺاهي وئي، جنهن کي ڪانفرنس جي انعقاد ۽ اهتمام جو ڪم سونپيو ويو. ان ڪميٽيءَ جي ذميدارانه فرائض ۾ اهو فرض به رکيو ويو ته هوءَ، سنڌ سان گهٽ ۾ گهٽ با اثر ۽ همدرد ماڻهو آڻي. ان ڪميٽيءَ جو صدر شيخ صادق علي ٿيو ۽ ان جو سيڪريٽري علي محمد خان دهلوي بيرسٽر مقرر ٿيو.

ڪانفرنس ۾ تقريباً ٽيرنهن سؤ مهمانن شرڪت ڪئي.

ڊسمبر جي آخري تاريخن ۾ اهو اجلاس ڪراچيءَ ۾ سڏايو ويو هو، پر 22 ڊسمبر کان مهمانن جي شرڪت شروع ٿي ويئي، ڊيليگيٽس ۾ 700 ڪان وٽيڪ سنڌ مان، 300 پنجاب مان، 150 يو- پيءَ مان، 50 سابق متحده بنگال مان ۽ 100 کن بمبئيءَ، دکن، ميسور، راجپوتانا ۽ رنگون مان اچي شريڪ ٿيا.

ڪانفرنس جي ڪيمپ سيٺ اي. ايم. جيوڻ جي وسيع ۽ رونقدار باغ ۾ لڳائي ويئي. اهو باغ پنهنجي محل وقوع جي جي لحاظ سان، ڪراچيءَ ۾ هڪ مشهور تفريح گاهه جي حيثيت سان مشهور هو.

ڪيمپ کي صوبه وار نموني ۾ ورهايو ويو. سيني ڪيمپن جي وچ ۾ ڊائننگ روم جي طور تي، هڪ وڏو شاميانو لڳايو

ويو، جو باهمي مشورن ۽ ملاقاتن لاءِ خاص طرح سان ڪم آندو ويو. ان جي پرسان اخباري نامہ نگارن جي ڪيمپ لڳائي وئي.

بهرحال نهايت سليقي سان مختلف دفتر قائم ڪيا ويا. پوسٽ آفيس، تار گهر، اسپتال، سيڪريٽري جي آفيس، زالن جي نمائشگاهہ، ڪانفرنس جو دفتر، انتظامي ڪميٽيءَ جو دفتر، ڊائننگ هال، پنڊال، وغيره.

ڪانفرنس جي پرسان ڪيمپ جي آمهون سامهون سرڪاري گيسٽ هائوس هو، جو مهمانن لاءِ کوليو ويو. ان ۾ نواب وقارالملڪ، خليفو سيد محمد حسين، وزير پٽيالہ رياست، سر آدم جي پير ڀائي، جسٽس شاهہ دين، ميجر سيد حسن بلگرامي ۽ سر علي امام جهڙا ليڊر رهايا ويا.

گورنمينٽ ريسٽ هائوس ۽ سيٺ جيوڻ جي باغ کان جيڪي مهمان وڌي ويا، تن کي "مدرسہ اسلاميہ" ۽ "سنڌ هوٽل" ۾ رهايو ويو.

قومي نمائندن جي ڪثرت ۽ تعليم يافتہ ماڻهن جي گهڻائيءَ جي ڪري، هيءَ ڪانفرنس، پنهنجي گذريل اجلاس کان گوءِ کڻي وئي.

ڪانفرنس کي بمبئيءَ جي گورنر، همدرديءَ ۽ خيرخواهيءَ جي تار موڪلي ۽ شرڪت کان معذرت ظاهر ڪندي ڪاميابيءَ لاءِ دعا موڪلي. گورنر جي پاران سنڌ جي ڪمشنر باقاعده هر اجلاس ۾ شرڪت ڪئي، بلڪ تقرير ڪندي پنهنجي تعاون جو اظهار ڪيائين، ۽ سيني آيل نمائندن ۽ مهمانن کي گورنمينٽ هائوس ۾ گارڊن پارٽي پڻ ڏنائين. ان طرح ڪراچيءَ جي يورپين مردن ۽ زالن بہ وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. پوري هندوستان جي تعليمي ڊئريڪٽرن ۽ سنڌ جي تعليمي ڊئريڪٽر بہ شرڪت ڪئي ۽ تقريرون پڻ ڪيون.

ان اجلاس جي صدارت شمس العلماء خواجه الطاف حسين 'حالي' ڪئي. سنڌ ۾ انگريزي تعليم جو ته نالو نشان به ڪونه هو، مولانا حاليءَ ان طرف نهايت لذيذ ۽ مزاحيه انداز ۾ ارشاد ڪيو، چيائين:

"حضرات! اوهان اڄ 'آل انڊيا محمڊن ايجوڪيشنل ڪانفرنس' جي صدارت ڏئي، جا مون کي عزت ڏني آهي، تنهن مون کي سوچ ۾ وجهي ڇڏيو آهي. جيستائين مون غور ڪيو آهي، ايستائين مون کي ڪوبه معقول سبب نظر نه آيو آهي، سواءِ ان خيال جي ته، جڏهن سنڌ ۾ انگريزي تعليم جو ڪو نالو نشان به ڪونه آهي، تڏهن ان لاءِ شايد اهوئي مناسب سمجهيو ويو آهي ته ان موقعي تي صدر به ان کي بڻائجي، جو انگريزيءَ جو اکر به نه ڄاڻي!"

مولانا حاليءَ پنهنجي دلچسپ صدارتي خطبي ۾ ڪيئي پڙدل سڌل ڳالهيون به ڪيون، جي دلچسپيءَ کان خالي نه آهن. مثلاً فرمايائين:

"مون کي معتبر ذريعن سان معلوم ٿيو آهي ته سنڌ جي مسلمانن ۾ نه فقط انگريزي تعليم جي گهٽتائي آهي، پر ان سان گڏ عربيءَ فارسي، تان جو خود 'سنڌي زبان' ۾ به سنڌن تعليم جو تقريباً ساڳيو حال آهي!

"سو ٿي هڪ يا ٻن کان وڌيڪ ڪو لکي پڙهي نه ڄاڻي! ان جي خلاف، هندن نه فقط انگريزي تعليم ۾ ترقي ڪئي آهي، پر ان سان گڏ قديم زماني کان فارسي تعليم به منجهس آهي. اهوئي سبب آهي جو سرڪاري ملازمتون، خاص طرح سان هندن جو حصو بڻجي چڪيون آهن."

سنڌ ۾ مذهبي ۽ ديني پستيءَ متعلق مولانا حاليءَ نهايت

دلچسپ انڪشاف ڪيو، جنهن ڪان ساري ڪانفرنس زعفران زار بڻجي وئي۔ چيائين:

”سون سان منهنجي هڪ اعتبار جوڳي دوست ڳالهه ڪئي ته سنڌ ۾ هڪ موقعي تي ٽن نوجوان مسلمانن سان سلڻ ٿيو۔ مون اسلامي روايات ڪان سندن نا واقفيت کي محسوس ڪري، آزمائش طور سوال ڪيو ته اوهان کي خبر آهي ته اوهان جو نبي ڪهڙو آهي؟

”هڪ چيو ته امام حسين۔ ٻئي ٻڌايو ته مير فيض محمد خان ٽالپر والي رياست خيرپور! ٽئين چيو ته پير پاڳارو! ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ مذهبي تعليم جو ڪهڙو حال آهي۔ جي ماڻهو ڪراچيءَ يا حيدرآباد ۾ رهن ٿا، سي هن حڪايت کي ٻڌي شايد عجب ۾ پون، پر جي ماڻهو ديهاتي ماڻهن جي حالات ڪان واقف آهن، تن کي ته ڪوبه عجب نه لڳندو!“

ڪراچي ڪانفرنس ۾ سنڌ ڪان سواءِ، 1182 ڪانفرنس جا ميمبر ۽ 374 وزيٽرس هئا. ان مان 8097 رپيه فيءَ جي طور رقم وصول ڪئي ويئي۔

ان اجلاس ۾ جيڪي مختلف ٺهراءُ بحال ٿيون، تن کي پيش ڪندڙ ۽ تائيد ڪندڙ هيٺيان هئا، شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ ڊپٽي ڪليڪٽر، شيخ صادق علي وزير خيرپور، علي محمد خان دهلوي بيريسٽر، رئيس شمس الدين ’بلبل‘، نواب وقارالملڪ، حاجي فضل الله قاضي ٺٽوي، غلام حسين وڪيل حيدرآباد (جو بعد ۾ سر ٿيو، ۽ سنڌ جو وزير اعظم ٿيو)، صاحبزاده آفتاب احمد خان، شيخ عبدالقادر بيرسٽر (جو پوءِ سر ٿيو ۽ انڊيا ڪائونسل جو ميمبر ٿيو، سندس فرزند منظور قادر پاڪستان جو وزير قانون رهيو، ڊاڪٽر ايس. جي. حاجي،

سيٺ رام جي پائي، منشي محبوب عالم، ايڊيٽر 'پيسہ' اخبار لاهور، شيخ عبدالله وڪيل علي گڙهہ، مسٽر محمد شفيع بيرسٽر لاهور، سيٺ طيب علي ڀائي ڪراچي، مير الله بخش، حاجي عبدالله هارون (سر ٿيو ۽ پاڪستان تحريڪ جو علمبردار هو) عبدالسلام رفيقي، خانبهادر شيخ صادق علي رئيس اعظم امرتسر، خانبهادر مولوي رحيم بخش وزير اعظم رياست بهاولپور، ميجر سيد حسن بلگرامي، آنريبل سيد نواب علي چوڌري رئيس ڪلڪتہ، وغيره جا نالا ذڪر جي قابل آهن.

هي اهي ماڻهو هئا، جي سٺ سال اڳ، برصغير هند و پاڪ ۾ مسلمانن جي تعليمي اصلاح لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا، جن جا نالا برصغير هند و پاڪ جي تاريخ ۾ اڄ ڏينهن موجود آهن.

ان ڪانفرنس ۾ جيڪي ٺهراءَ پاس ٿيا، تن جو مفصل ذڪر "آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس جي تاريخ" ۾ موجود آهي، ان کي مطالع ڪرڻ گهرجي.

چند ضروري تجويزن جي تائيد ۾ مرحوم 'بلبل' هي ڪتاب تيار ڪيو، جو ان مٿينءَ ڪارگذاريءَ جي روشنيءَ ۾ پڙهڻ گهرجي.

ڪانفرنس جا ڪجهہ اهم ٺهراءُ هن طرح هئا.

## پيسو

"جڏهن تہ سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي ترقيءَ لاءِ پيسي جي ضرورت آهي، تڏهن ڪانفرنس جي راءِ آهي تہ گورنمينٽ کي درخواست ڪئي وڃي تہ اها سنڌ جي مسلمان زميندارن ڪان ڏيل تي، رپئي تي هڪ پيسو تعليمي ٽيڪس ڪري اڳاڙي. ان طرح جا رقم گڏ ٿئي، اها مسلمانن جي تعليم تي خرچ ڪئي وڃي."

## مسلم يتيم خانو

جڏهن ته ساري سنڌ ۾ مسلمان لاءِ ڪو هڪ به يتيم خانو ڪونه هو، تنهنڪري ڪانفرنس هيءُ ٺهراءُ پاس ڪيو.

”هن ڪانفرنس جي راءِ ۾ هن ڳالهه جي ڏاڍي ضرورت آهي ته سنڌ ۾ مسلمان يتيم ٻارن جي تعليم ۽ پرورش لاءِ يتيم خانو قائم ڪيو وڃي ۽ ان لاءِ سرمايي گڏ ڪرڻ لاءِ ڪميٽي ٺاهي وڃي.“

هڪ ڪميٽي ٺاهي ان تي زور ڏنو ويو ته اها سنڌ جي تعليمي نظام ۾ مسلمانن جي حقن ۽ مطالبن جي نگهداشت ڪندي رهي.

جڏهن ته سنڌ ۾ مسلمان اڪثريت ۾ هئا ۽ سنڌ مقابلي ۾ غير مسلم افراد اٽي ۾ لوڻ وانگر به نه هئا، ان هوندي به مسلمانن مان وصول ٿيل تعليمي فنڊ مان وظيفا وغيره ڪنهن به فرق ۽ امتياز ڪان سواءِ ڏنا ٿي ويا، جنهنڪري مسلمانن کي فائدي پهچڻ جي بجاءِ اڪثري غير مسلمانن کي فائدو ٿي پهتو. ان سلسلي ۾ هيٺين تجويز پاس ڪئي وئي.

”سنڌ ۾ انهن قومن سان، جي تمام اقليت ۾ آهن، وظيفن ۽ فِي جي معافي ڏيڻ ۾ جا رعايت ڪئي وڃي ٿي، ان ۾ مسلمانن ۽ ٻين قومن جي وچ ۾ ڪوبه امتياز نه ٿو قائم ڪيو وڃي. حالانڪ ٻيون قومون، مردمشماريءَ جي لحاظ سان مسلمانن ڪان تمام گهڻو گهٽ آهن. مسلمان هن ملڪ جي گهڻي آباديءَ تي مشتمل آهن.

”پيو ته گذريل پنجاهه سالن ڪان تعليمي فنڊ جو وڏو حصو به مسلمانن ڪان ئي وصول ڪيو ويو آهي. ان لحاظ سان موجوده تعليمي طريقي ۾، وظيفن ۽ فِيءَ جي معافيءَ وارو

تناسب ۾ ورها ڱو انصاف سوجب درست ناهي. هن ڪانفرنس جي راءِ ۾ گورنمينٽ کي درخواست ڪئي وڃي ته هوءَ مسلمانن جي آباديءَ ۽ مردم شماريءَ جي نسبت سان، خاص تعداد ۾ وظائف مقرر ڪري ۽ في معاف ڪرڻ جي معاملي ۾ به مسلم آباديءَ جي تناسب کي خيال ۾ آڻي."

هڪ تجويز ۾ مسلمان آفيسرن جي وڌائڻ جي تقاضا ڪئي وئي جيئن انهن جي ڪوشش سان گهٽ ۾ گهٽ مسلمان شاگرد تعليم حاصل ڪري سگهن. تعليم کاتي ۾ مسلمان آفيسر وڏن عهدن تي آندا وڃن.

سنڌ جڏهن ته زراعتي صوبو آهي، ۽ بمبئيءَ سان وابسته ٻين صوبن جي به نسبت سنڌ جو چوپايو مال نهايت مضبوط ۽ ناهوڪو ٿئي ٿو، پر زميندارن ۽ هارين جي زبون حاليءَ ڪري، سنڌ جي مال جي پرورش چڱي نموني ۾ نه ٿي آهي، ان لاءِ هيٺيون ٺهراءُ پاس ڪيو ويو:

"جڏهن ته سنڌ هڪ زراعتي صوبو آهي ۽ چوپائي مال جي پالنا ۽ پرورش جي ضرورت ملڪ جي هر صوبي ۾ محسوس ڪئي وئي آهي. ٻيو ته سنڌ جو مال، گذريل دور کان وٺي، بمبئي ۽ ان سان ملحق ٻين صوبن کان بهتر هوندو هو، اهو روز بروز زوال پذير ٿيندو پيو وڃي. ان ڪري خطرو آهي ته اهو نسل، هن صوبي مان صفا ناس نه ٿي وڃي. تنهنڪري سخت ضرورت آهي ته مال جي حفاظت لاءِ گورنمينٽ کي درخواست ڪئي وڃي ته اهڙا لائق مسلمان شاگردن کي، ان مال جي پرورش واري فن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سهولتون فراهم ڪري ڏئي."

هڪ تجويز ۾ يونيورسٽين جي تعليمي نصاب ۾ تجارتي ڪورس شامل ڪرڻ تي زور ڏنو ويو ۽ چيو ويو ته "جئن مختلف علوم و فنون ۾ ڊگريون ڏجن ٿيون، تيئن تجارتي ڊگريون به ڏجن."

هڪ تجويز ۾ علي گڙهه ۾ "محمدن يونيورسٽي" جي قيام تي زور ڏنو ويو.

هڪ تجويز ۾ ڪانفرنس جي پاران، سنڌ لاءِ "لوڪل ڪميٽيءَ" ناهڻ تي زور ڏنو ويو، جا هر سال سنڌ جي تعليمي حالات متعلق رپورٽ ڏيندي رهي.

هڪ تجويز ۾ مسلمان انسپيڪٽرن ۽ ماسترن وڌائڻ تي زور ڏنو ويو، جئن مسلمان شاگردن جي جذبات جي پرورش ٿئي.

امتحان ۾ وهندڙ اميدوارن لاءِ انهيءَ ڪانفرنس ۾ ٿي اها تجويز پاس ڪئي وئي، جنهن موجب اميدوار لاءِ فرضي نالي يا رول نمبر رکڻ جي ضرورت کي تسليم ڪيو ويو، جئن اڄ ڪلهه مروج آهي.

سنڌي زبان ۾ مروج ڪورس ۾ اصلاح ڪرڻ تي به هڪ تجويز ۾ بحث ڪيو ويو ته:

"مروج سنڌي ڪورس ناڪافي آهي، ان جي جاءِ
تي نوان ڪتاب آڻڻ گهرجن."

ان طرح هڪ ٺهراءَ، 'مذهبي ڪورس' متعلق پاس ڪري، تقاضا ڪئي وئي ته "مسلمانن شاگردن جي اخلاقي اصلاح لاءِ، ضروري آهي ته مسلمانن جي ڪورس ۾ قرآن، حديث ۽ اخلاقيات تي مشتمل نوان ۽ دلچسپ ڪتاب لکيا وڃن، ۽ انهن کي پڙهائڻ لاءِ مسلمان استاد پيدا ڪيا وڃن."

هن ٺهراءَ تي مرحوم بلبل، هن ڪتاب ۾ ڪافي بحث ڪيو آهي ۽ ٻڌايو آهي ته ان لاءِ سرڪار ڪيترو نه سردمهريءَ سان پيش آئي ۽ 'مذهبي نصاب تعليم' جي ڪميٽيءَ ڪا ڪا عملي طرح سان ڪيو ۽ ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب لکيا ويا ۽ انهن جو حشر ڇا ٿيو، وغيره.

هڪ تجويز ۾ اها تقاضا ڪئي وئي ته مروج تعليمي نصاب ۾، ڪيتريون عبارتون مسلمانن جي عقائد جي خلاف موجود آهن، انهن کي فوراً رد ڪيو وڃي.

تجويز هن ريت آهي:

"جڏهن ته هن ڪانفرنس کي معلوم ٿيو آهي ته سنڌي زبان جي موجوده نصاب ۾، ڪي عبارتون اهڙيون آهن، جي مسلمانن جي عقيدن جي خلاف آهن، ۽ ڪي حوصله شڪن آهن، جن ۾ مسلمانن کي ۽ سندن مشاهير کي گهٽ وڌ ڳالهايو ويو آهي، ان ڪري انهن کي فوراً رد ڪري بهترين ڪتاب تيار ڪرايا وڃن، جي مسلمانن جي عقائد ۽ خيالات سان موافق ثابت ٿين."

هڪ تجويز ۾ "سنڌ مسلم لٽرري ڪميٽي" ٺاهڻ تي زور ڏنو ويو، جنهن ۾ منتخب سنڌي عالمن ۽ اديبن کي رکيو وڃي، جي مسلمانن لاءِ مذهبي ۽ اخلاقي ڪتابن ٺاهڻ جو ڪم ڪن.

ان رٿ تي، هن ڪتاب ۾ 'بلبل' مرحوم ڪافي بحث ڪيو آهي.

هڪ تجويز ۾ ميونسپل ۽ لوڪلبورڊ طرفان اسڪولن ۾ مفت تعليم ڏيڻ تي زور ڏنو ويو.

هڪ تجويز ۾ پنجن سون رپين کان وڌيڪ ڍل ڏيندڙ

مسلمانن زميندارن جي ٻارن لاءِ ابتدائي تعليم کي لازمي قرار ڏيڻ تي زور ڏنو ويو. تجويز هيءَ آهي:

”جڏهن ته گورنمينٽ ۽ قوم جون سموريون ڪوششون سنڌ جي مسلمانن ۾ تعليم ڦهلائڻ جي سلسلي ۾ ناڪام ثابت ٿيون آهن، تنهن ڪري ڪانفرنس جي زوردار تقاضا آهي، ته اهي مسلمان زميندار، جي پنجن سون ڪان وڌيڪ ڍل ڀرين ٿا، تن جي ٻارن لاءِ ابتدائي تعليم، لازمي قرار ڏيڻ گهرجي. جيئن ميرن جا ٻار ڪراچيءَ ۾ تعليم حاصل ڪن ٿا، تيئن سنڌ جي زميندارن جي ٻارن لاءِ، لازمي تعليم جو بندوبست به ڪراچيءَ ۾ ڪرڻ گهرجي.“

هڪ تجويز ۾ سنڌ جي ديهاتي اسڪولن جي نصاب ۾ ترميم جي اهميت تي زور ڏنو ويو، جيئن اهي شاگرد امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ، شهرن ۾ اچي پرائمري کان اعليٰ تعليم تائين تعليم حاصل ڪري سگهن.

ان طرح ٻاقي ٽيون تجويزون اهڙيون آهن، جن متعلق هن مختصر مقدمي ۾ تفصيل سان بحث ڪري نه ٿو سگهجي. انهن متعلق هن ڪتاب ۾ مرحوم ’بلبل‘ ڪافي بحث ڪيو آهي، اهو ڏسڻ گهرجي.

ان سلسلي ۾، ڪيتريون تجويزون سنڌ کان علاوه ٻاقي برصغير هند و پاڪ جي مسلمانن سان واسطو رکندڙ آهن، جي مختصر طرح سان هي آهن:

1- بنگال جي ابتدائي تعليم جي اصلاح لاءِ درخواست ڪئي وئي.

2- استادن جي تربيت لاءِ وظيفن وڌائڻ جي گهر ڪئي وئي.

3- انجنيرنگ لاءِ وظيفن جي تعداد وڌائڻ لاءِ عرض ڪيو ويو.

4- انجنيرنگ ڪورس لاءِ مسلمانن جي آباديءَ موجب گهٽ ۾ گهٽ جاين ۽ وظيفن جي گهر ڪئي ويئي.

5- يو. پيءَ جي اردو — هندي ريڊرن ۾ مترجم جي ضرورت جو اظهار ڪيو ويو.

6- هر ڊويزن ۾ انگريزي هاءِ اسڪول ۽ هر سب ڊويزن ۾ بورڊنگ هائوس قائم ڪرڻ لاءِ سفارش ڪئي وئي.

7- علي ڳڙهه ڪاليج ۽ ان سان تعلق رکندڙ ادارن ۾ 'ڪنڊر گارٽن' طريقي کي رواج ڪرڻ تي زور ڏنو ويو.

8- ديهاتي اسڪولن لاءِ مسلمان تعليمي ماهرن ۽ انسپيڪٽرن رکڻ جي تقاضا ڪئي وئي.

## ڪشمير

ان اهم موقعي تي، ڪشميري مسلمانن کي به ياد ڪيو ويو. ڪشمير جي مسلمانن ۽ سندن تعليمي زوال تي رنج جو اظهار ڪيو ويو. ان سلسلي ۾، ڪشمير جي راجا ۽ سندس حڪومت کي هن طرح درخواست ڪئي وئي:

"هن ڪانفرنس کي هي معلوم ڪري سخت افسوس ٿيو آهي، ته جڏهن ته ڪشمير ۾ مسلمانن جي آبادي مردم شماري موجب ٻين قومن کان گهڻي آهي، تاهم اهي تعليم جي ميدان ۾ گهڻو پوئتي رکيا ويا آهن ۽ انهن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. اميد ته سرڪار، ڪشمير جي اهل اسلام متعلق ان پاليسيءَ کي بدلائيندي. ان طرح حضور واج ڪشمير ۽ سندس سرڪار کي ادب سان استدعا آهي ته

پنهنجي رعايا جي هن ڪثيرالتعداد گروهه جي تعليمي مسئلن تي چڱيءَ طرح سان غور ڪيو وڃي."

انهن ڳالهين مان معلوم ٿئي ٿو ته برصغير هند و پاڪ جي تعليمي مسئلن جي سلسلي ۾ "آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس" جي اهميت تاريخي طور نمايان آهي ۽ اينديءَ دور تائين سنڌس افاديت ۽ اثرات قائم رهندا.

ڪراچيءَ جي ان اجلاس کان پوءِ، سنڌ ۾ مرحوم حسنعلي افنديءَ ۽ سنڌس مڪتب فڪر وارن ساٿين، جيڪي تعليمي ڪوششون ڪيون، اهي گهڻي ڀاڱي بارآور ٿيون.

هڪ طرف مسلمان شاگردن لاءِ اسڪولن ۾ ڪافي تعليمي سهولتون پيدا ٿيون ۽ ٻئي طرف ساري صوبي ۾ هاءِ اسڪول کوليا ويا. ان طرح تعليمي نصاب کي به ڪافي طرح سان سڌاريو ويو.

ڪراچيءَ جي ڪانفرنس ڪامياب ٿي. ان جو اثر همه گير ثابت ٿيو. پر ڪانفرنس جيڪي ٻيا اجلاس برصغير هند و پاڪ جي مختلف شهرن ۾ ڪيا، اتي به سنڌ جي مسئلن جي اهميت کي نظرانداز نه ڪيو ويو. چنانچه، هرهنڌ ڪراچيءَ واري اجلاس ۾ پاس ٿيل ٺهرائن تي زور ڏنو ويو.

مثلاً، سنڌ جي مسلمان زميندارن کان ڍل تي، ويهه تي هڪ پيسي وٺڻ جي جيڪا رٿ ڪراچيءَ ۾ پاس ڪئي ويئي هئي، اها، ڪانفرنس جي 23 اجلاس رنگون جهڙي دوردراز شهر ۾ پڻ دهرائي وئي. رنگون ڪانفرنس جي صدارت مهاراجا علي محمد خان، راجه آف محمودآباد ڪئي هئي.

پيسي سيس بل جي رنگون واري تجويز هن طرح آهي:

"هيءَ ڪانفرنس، هند سرڪار ۽ گورنمينٽ بمبئيءَ جو توجهه ڪانفرنس جي ان ريزوليشن جي طرف

مبذول ڪرائي ٿي، جو ڪراچي ڪانفرنس ۾ سنڌ جي مسلمان زميندارن جي اولاد جي تعليم لاءِ 'پيسه سيس بل' جي ذريعي تعليمي فنڊ قائم ڪرڻ جي باري ۾ پاس ٿيو هو ۽ جنهن کي سنڌ جي مسلمانن اتفاق واءِ سان منظور ڪيو هو."

ان کان پوءِ ڪانفرنس جو 24 اجلاس، 1910ع ۾ ناگپور ۾ علامه عبدالله يوسف عليءَ جي زير صدارت ٿيو.

ان ڪانفرنس ۾ هڪ زوردار ريزوليشن پاس ڪري، هند جي سرڪار ۽ بمبئي گورنمينٽ تي زور آندو ويو ته هو ڪراچي ڪانفرنس جي سيني ٺهرائن تي عمل ڪن.

هڪ تجويز ۾ بمبئي ڪائونسل جي مسلمان ميمبرن کي تاڪيد ڪيو ويو ته "هو سنڌ جي مسلمانن ۽ سندن تعليمي مسئلن کي پوريءَ طرح سان پيش ڪندا رهن."

ان کان پوءِ 25 اجلاس دهليءَ ۾ 1911ع ۾ تاجپوشيءَ واري دربار جي موقعي تي ٿيو. ان جي صدارت نواب عمادالملڪ مولوي سيد حسن بلگرامي ڪئي.

صاحبزاده آفتاب احمد خان جي تحريڪ ۽ منشي تاج محمد رئيس اعظم گيسوپور ضلع بلند شهر جي تائيد سان هڪ تجويز منظور ٿي، جنهن ۾ گورنمينٽ تي زور آندو ويو ته "سنڌ جي مسلمانن جي تعليم لاءِ، پيسه سيس بل تي عمل ڪيو وڃي."

رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي ان وقت پيسه سيس بل کي قانوني حيثيت ڏيڻ لاءِ اسيمبليءَ ۾ پيش ڪري چڪو هو.

ان کان پوءِ ڪانفرنس جو 26 اجلاس 1912ع ۾ لکنوءَ ۾ سيد حسن بلگراميءَ جي صدارت ۾ ٿيو. ان ۾ هڪ زوردار ريزوليشن پاس ڪري، گورنمينٽ کان تقاضا ڪئي وئي ته

هوءَ رئيس غلام محمد خان پرگڙيءَ جي پيسم سيس بل کي قانوني صورت ڏئي، فورا نافذ ڪري.

بهرحال، ڪانفرنس "سنڌ سيس بل" کي هرڪنهن اجلاس ۾ دهرائيندي آئي. ان طرح بمبئي ليجسليٽو اسيمبليءَ جي مسلمان ميمبرن پڻ ڪافي ڪوشش ورتي، ليڪن ايترين دانهن ڪوڪن، ڪوششن ۽ ڪاوشن جي باوجود، هند سرڪار توڙي بمبئي گورنمينٽ، تنڊ ۾ رهي ۽ عملي طرح سان ڪجهه به نه ڪيو ويو.

آخرڪار ڪانفرنس جو 26 اجلاس 1914ع ۾ راولپنڊيءَ ۾، زير صدارت مولوي رحيم بخش، صدر ڪائونسل بهاولپور جي ٿيو. ان ۾ براهه راست بمبئيءَ جي گورنر سان هڪ وفد جي ملاقات لاءِ، "سينٽرل اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ" کي خاص اختيار ڏنا ويا.

ان اجلاس ۾، صاحبزاده آفتاب احمد خان جي تحريڪ ۽ مولوي نياز علي، انسپيڪٽر محڪمه تعليمات پنجاب جي تائيد سان، هيٺين تجويز پاس ٿي:

"هن ڪانفرنس جي راءِ ۾ نهايت ضروري آهي ته گورنمينٽ بمبئي، خاص خيال ڪري، پيسم سيس بل، جو 1907ع ۾ ڪراچي ڪانفرنس، سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي ترقيءَ لاءِ پاس ڪيو هو، جنهن موجب هڪ 'خاص فنڊ' جمع ڪرڻو هو، ۽ جنهن متعلق 1907ع کان 1914ع تائين مسلسل سلسله جنباني ۽ ياد دهاني پڻ ڪئي وئي آهي، جنهن جي تائيد ۽ متابعت ۾ بمبئي ڪائونسل جي مسلمان ميمبرن باقاعده بل پيش ڪيا هئا، ان کي جلدتر منظور ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي عملي ڪارگذاريءَ ڪان

پڻ اسان کي آگاهہ ڪيو وڃي.“

”هي اجلاس سينٽرل اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس“ کي اختيار ڏئي ٿو، تہ جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي، هڪ قائم مقام وفد منتخب ڪري، جو بمبئيءَ جي گورنر جي خدمت ۾ حاضر ٿي، سنڌ جي مسئلن ڏانهن سندس توجهہ ڇڪائي.“

ان کان پوءِ، 28 اجلاس (مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنس صوبہ سنڌ از حافظ محمد رحيم دهلوي مطبوع العلم جلد 1- نمبر 1 جولاءِ 1951ع ص 25-34) 1919ع ۾، ڪانفرنس جو اجلاس خيرپور ميرس ۾ ٿيو. ان ڪانفرنس ۾ بہ سنڌ جي تعليمي مسئلن تي زوردار ٺهراءُ پاس ٿيا. اهو سارو احوال اڄ بہ ”ڪانفرنس جي تاريخ“ ۾ موجود آهي- ان کي مطالع ڪرڻ گهرجي ۽ هن ڪتاب کي پڻ اُن پس منظر ۾ پڙهڻ گهرجي.

هن ڪتاب جي مولف مرحوم ’بلبل‘ خيرپور ڪانفرنس کان هڪ سال پوءِ 1920ع ۾ وفات ڪئي ۽ ان کان 27 سال پوءِ پاڪستان وجود ۾ آيو.

بهرحال، مرحوم ’بلبل‘ جو هي ڪتاب سنڌ جي تعليمي زوال جي هڪ تاريخ آهي، جنهن ۾ اڌ صدي اڳ جي حالات ۽ واقعات متعلق اهل اسلام، باالخصوص سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي جدوجهد جي تاريخ سمايل آهي.

بلبل مرحوم 1907ع ڪانفرنس جي روشنيءَ ۾ اهم ٺهرائن جي تائيد ۾ نهايت دلڪش ۽ اثر انگيز اسلوب ۾ معلومات پيش ڪئي آهي ۽ عجيب غريب بحث ڪيا آهن.

اهو بہ ياد رهي تہ ڪراچي ڪانفرنس 1907ع ۾ سڀ کان اهم ۽ مشهور معرڪة آرا مسئلو هو فارسي زبان جو، اهو

ٺهراءُ مرحوم بلبل پيش ڪيو هو، جنهن ۾ چيل هو ته:

”برصغير هند و پاڪ ۾، خصوصاً سنڌ جي نصاب ۾ فارسي نصاب رکيو وڃي، جنهن مان ديني ۽ اخلاقي روح پيدا ٿئي ٿو.“

اهو ٺهراءُ پڙهي، مولانا حاليءَ از راهه مزاح فرمايو ته:

”بلبل صاحب! فارسي ٺهراءُ لاءِ تقرير به فارسيءَ ۾ ڪئي وڃي ته بهتر!“

ان تي مرحوم بلبل في البديهه ۽ برجسته انداز ۾ فارسيءَ ۾ تائيد ڪندي جا تقرير ڪئي، ان جو داد نواب وقارالملڪ ۽ مولانا حالي پاڻ ڏنو. اها ان ٺهراءَ جي ڪاميابي آهي، جو اڄ تائين ”فارسي“ نصاب ۾ موجود آهي.

بلبل مرحوم ڪانفرنس جي ٺهراءُ موجب، تصنيف تاليف ڪميٽيءَ جو ميمبر هو. پاڻ ديني ۽ اخلاقي نصاب تي، ”اوائلي ديني تعليم“ جو سلسلو به لکيو هئائين، جنهن ۾ پهرين ڪلاس کان اٺين ڪلاس تائين ڪتاب موجود آهن، پر اهي سرڪار پنهنجي مطلب جي خلاف قرار ڏنا.

هن ڪتاب ۾ مرحوم بلبل سرڪار تي سخت حملا به ڪيا آهن، خاص طرح بمبئي سرڪار جي سرڪيولر تي سخت نقطه چيني ڪئي اٿس، جا ڪتاب جي آخر ۾ آيل آهي. سندس تحرير ۾ طول بياني آهي، جا سندس اخلاص ۽ دلسوزيءَ تي دليل آهي. بهرحال، اسان هن دور ۾ پنهنجن وڏن جي ڪوششن کي نظرانداز ڪريون، ته اها هڪ قسم جي احسان فراموشي چئجي!

سنڌ جا مسلمان، پنهنجي تعليمي زوال جا اسباب 1914ع ۾ بيان ڪيل) دوباره مطالعو ڪري ڏسندا ته سندن امروز و

فردا ۾ ڪو فرق پيدا ٿيو آهي يا نه؟ سندن حال ۽ ماضيءَ ۾ ڪو امتياز ڪري سگهجي ٿو يا نه؟

ان سلسلي ۾، سندن جي تعليمي زوال جي اسباب تي مرحوم 'بلبل' هن ڪتاب ۾ ڪافي بحث ڪيو آهي. مرحوم بلبل هن ڪتاب ۾ جي باب قائم ڪيا آهن، اهي هي آهن: (1) "مسلمانن جي ترقيءَ جو راز ڇا ۾ آهي؟" (2) "اسلام جي تعليم بابت ڇا راءِ آهي؟" (3) "قوم جي هستيءَ لاءِ ڪنهن جو ضرور آهي؟" (4) "دولت ۽ عزت علم جو محتاج آهي، يا علم انهن جو؟" (5) "تعليم تي انگريزي مدبرن جا رايا" (6) "هاٿوڪي تعليم جي باري ۾ يونيورسٽيءَ جي مالڪن ۽ سرڪار جا رايا" (7) "ولايت ۾ تعليم پرائٽ تي رايا" (8) "انگريزيدان ۽ عالم ڇو مخالف آهن، ۽ ڪيئن ٿهن؟" (9) "يورپ ۽ هتي جي تعليم جي ڀيٽ." (10) "مسلمان ڇو خاص طرح تعليم ڏيارڻ جا حقدار آهن." (11) "سرڪار کي تعليم لاءِ ڪهڙا اپاءَ ڪرڻ گهرجن." (12) "آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس." هر باب قيمتي معلومات تي مشتمل آهي ۽ اهو سارو مواد آل انڊيا مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنس جو مرهون منت آهي. ان تحريڪ ئي بر صغير هند و پاڪ ۾ مسلمانن جي تعليم لاءِ جدوجهد ڪئي. هيءَ جا ٿوري گهڻي تعليمي ڪاميابي نظر اچي رهي آهي، اها ان دور جي مسلمان مخلص تعليمي ماهرن جي جدوجهد جي برڪت آهي. صاحب تحرير مرحوم بلبل، هن ڪتاب کي جنهن فني جامعيت سان مرتب ڪيو آهي، ان جو داد ته اهي ئي ڏئي سگهن ٿا، جن ڪڏهن هن قسم جي خشڪ موضوع تي قلم سنڀاليو هوندو. هن ڪتاب جي تاليف ۽ ترتيب سان پتو پوي ٿو ته سنڌي سليميءَ ۾، جديد نموني جي طرز تاليف جو بنياد به 'بلبل' ئي وڌو.

بابل مرحوم هي ڪتاب اصلاحي ۽ تبليغي انداز ۾ لکيو آهي. هڪ طرف اهل اسلام کي، علمي ۽ ديني دليلن سان، جديد علوم جي تحصيل ڏانهن رغبت ڏياري اٿس، ته ٻئي طرف سرڪار جو توجهه پڻ انگن اکرن سان ڇڪايو اٿس، ۽ ٻڌايو اٿس ته مسلمانن جهڙي پس مانده قوم لاءِ، سرڪار پاران، ڪي به اهڙا اپاءَ نه ورتا ويا آهن، جن جي موجودگيءَ ۾ چئي سگهجي ته مسلمان به تعليم حاصل ڪري، ملڪ ۽ ملت لاءِ مفيد بڻجي سگهندا.

## مسلمان جي ترقيءَ جو راز ڇا ۾ آهي؟

پهرئين باب ۾ دلڪش ۽ پرڪشش انداز بيان ۾، مسلمانن کي هن طرح ترغيب ڏني آهي، ۽ جديد تعليم ۽ قديم عالمن جو نقشو هن طرح پيش ڪيو آهي:

”هڪڙن جو چوڻ آهي ته هڪ هڪ مسلمان تي فرض آهي ته جو انگريزي تعليم مٿاهين درجي تائين حاصل ڪري، ۽ جيترو ٿي سگهي، اوترو سرڪاري نوڪرين ۾ جايون وٺي....جنهن سان هو پيسي وارو ۽ بيٺل ٿئي. چو ته عزت آهي ئي پئسي سان، نه ته جيڪڏهن مسلمان سچا ۽ ڪنگال هوندا، جيئن اڄڪلهه گهڻا ان حال ۾ آهن، ته قومي حيثيت ۾ بلڪل گهٽ ۽ ڪين جهڙا ليکجن ٿا. پر جي عهديدار يا مالدار هوندا ته البت قومي عزت سان ڏسبا.“

ان کان پوءِ پراڻي قسم جي درسيات ۽ فارغ التحصيل عالمن لاءِ لکي ٿو:

هر ڪنهن قوم جو مذهب به انهن جي بيٺلائيءَ ۽ عزت جي لحاظ سان پرکبو آهي، تنهنڪري مسلمانن جو

واڌارو ۽ مدارو ۽ چاڙهو رڳو انگريزي تعليم تي آهي، جنهن کي چنبڙي پون. باقي رڳو دين جي علم سکڻ سان، سندن عمر به ويندي ۽ سوالءِ محتاجيءَ يا پين تي بار پوڻ ۽ هٿ ٽنگڻ کان سواءِ ڪجهه به نه ڏيندو. چڻ ته فقرن جو عدد وڌيو ۽ هٿان بيٺل ماڻهن تي، انهن جو به وڏيڪ بوجو پيو. ته هنن کي ڪارائين پيارين. جهڙو اڄڪلهه مولوين جو حال آهي ته علم پڙهي، پوءِ زميندارن جا محتاج ڏا رهن، ته من ڪنهن مسجد ۾ پارن پڙهائڻ جي خدمت ملي، ۽ خرار به خرار پيٽ جي ماني سال ۾ جڙي ته گنج ڏيو! تنهنڪري مسلمانن لاءِ ڪلمو بس آهي. پيا جيڪي مسلماني ڏلها عقيدا آهن، تن جي چاڻڻ ۽ ويساهه وڪڻ تي مسلمانيءَ جو مدار آهي، پيو خير صلاح مهرالله!

ان مذاقيه انداز سان تنقيد کان پوءِ لکي ٿو:

”هاڻي زماني جي ضرورت موجب علم پرائڻ گهرجي. جيڪو ماڻهو، پاڻ کي زماني جي لائق ڪندو، سوئي سکيو گذاريندو. جو چوڻي آهي ته جهڙي لڳي واءُ، تهڙي ڏجي پٺ! دين به دنيا سان سهڻو آهي. دنيا دولت کان سواءِ ڪجهه به نه آهي.“

ان کان پوءِ انهن قدامت پسندن جي راين تي بحث ڪيو اٿس، جن جو اهو زور آهي ته هر حال ۾ ديني تعليم حاصل ڪجي. زماني جي حالات سان هلڻ، يا رزق ۽ آبروءَ جي آرزو ڪي اڳيان رکڻ، دين ۽ توڪل علي‌الله جي خلاف آهي. اڳتي هلي ’بلبل‘ لکي ٿو:

”جيستائين اسان ڪا راءِ مقرر ڪريون، تيستائين انهن

ٻنهي ڌرين جي خيالن مان هي نتيجو ڪڍون، ته ٻئي ڌريون مسلمانن جي تعليم جون ته حامي آهن، پر ڪهڙي تعليم ڏجي، تنهن ۾ سندن ڌار ڌار راءِ آهي هڪڙن تعليم کي وڳو دنيا جي حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهيو آهي، ۽ ٻين انسانيت ۽ روحاني ترقيءَ جي لاءِ.“

## اسلام ۽ تعليم

باب 2 ”اسلام جي تعليم بابت ڇا راءِ آهي؟“ ۽ باب 5 ”قوم جي هستيءَ لاءِ ڪنهن جو ضرور آهي؟“ ۾ بلبل مرحوم ديني علوم جي تحصيل ۽ عالمن جي شرف ۽ شان متعلق قرآن جي آيات ۽ احاديث نبويه مان استدلال طور آيات ۽ احاديث کي پيش ڪري، ديني علوم ۽ عالمن جي فضيلت بيان ڪئي آهي. ’بلبل‘ لکي ٿو:

”اسان جي سردار ڪريم رسول مقبول، عالمن کي نبين جو وارث مقرر فرمايو آهي. نبوت کان وڌيڪ ٻيو ڪوبه مٿاهون مرتبو ۽ درجو انسان لاءِ ڪونهي ا تنهن جو وارث ٿيڻ، وڏائيءَ جي حد ٿي چڪي!“

ان ڳالھ پٺيان چند احاديث هن طرح آنديون اٿس:

”زمين ۽ آسمان جي وچ ۾، جيڪا به خلقت آهي، سا دين جي عالمن لاءِ سره ٻئي گهري.

”ايمان ڄڻ اگهاڙو آهي، ان جا ڪپڙا — پرهيزگاري، ۽ ان جو سينگار — حيا، ۽ ان جو ڦل ’علم‘ آهي.

”شهيد جي خون کان عالم جي مس شرف واري آهي.

”علي سائينءَ جو ارشاد آهي ته عابد، روزيدار ۽ رات جاڳندڙ کان ۽ جهاد ڪندڙ کان به عالم جو مرتبو وڏو آهي.

”عالمن کان سواءِ ٻيا سڀ ماڻهو مٺل آهن.“
ان جي آخر ۾ ’بلبل‘ لکيو ٿو.
”مذهب اسلام موجب، علم جي سکڻ جو هي نتيجو ليکيو ويو آهي ته آدمي پنهنجي ڏٺيءَ کي سچائي ۽ ان جي حڪمتن ۽ سببن مان، جي جهان ۾ آهن، واقف ٿئي ۽ انسانيت ۽ شرافت جو مرتبو حاصل ڪري، ان جو عقل ۽ دماغ ۽ ذهن ڪلي روحاني برڪتون منجهس ظاهر ٿين، تنهنڪري علم ۽ عالمن جي ايذي ساراهه ڪئي وئي آهي.“
باب 3 ۾، عالمن جي ضرورت تي هيءَ حديث آندي اٿس: فرمائن ٿا: ”منهنجي امت ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو آهن، جي اهي سڌريل آهن، ته ساري امت سڌريل ٿيندي جي اهي بگڙيل آهن، ته: ساري امت بگڙي خراب ٿي ويندي. اهي ڪير آهن؟ هڪ حاڪم ۽ ٻيا عالم!“
ٻي حديث آندي اٿس:
”جيڪڏهن قبيلن جا قبيلا مري وڃن ته اهڙو ارمان ڪونهي، مگر شال هڪ عالم نه مري!“
حضرت عليءَ جو قول هن طرح آندو اٿس:
”عالم جي مرڻ سان اسلام ۾ خال پيدا ٿئي ٿو، جو وري به ان جو نائب پري ته پري، نه ته رهجي ٿو وڃي.“
ان طرح بحث ڪرڻ کان پوءِ ’بلبل‘ ان تي زور ٿو ڏئي:
”امت محمديءَ جي هستي قائم رکڻ ۽ انهن کي اسلام تي بيهارڻ ۽ انهن جي دنياوي ۽ ديني ڀلائيءَ لاءِ دين جي عالمن جو هجڻ ضروري آهي، ۽ انهن جو وڌائڻ اسان تي فرض آهي.

آيت يا حديث، يا امام ابو حنيفه جي قولن جو مثال ۽ حوالو ڏيندؤ ته جنٽلمين مسلمان خيال ساں تهاريندا ۽ کين. پر جي لارڊ بيکن، سر آئزڪ نيوٽن، گليڊسٽون، يا ڊاڪٽر جانسن، يا لارڊ ميڪالي، يا ڪنهن ٻه يورپي فلاسفر، فلاڻي الاڻي، تيري ميري جو قول پيش ڪندؤ ته پوءِ پتلون کان ٻاهر ٿي ويندا. اهو هو ۽ 'اها ها ها' جو نعرو هڻي، ويري گڊ، ويري گڊ پيا ڪندا!"

ان کان پوءِ 'بلبل' هڪ لطيفو بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ ٻڌايل آهي ته، هڪ مسلمان، وياج جي حرام ٿيڻ جي آيتن ۽ حديثن کان متاثر نه ٿيو، پر لارڊ بيکن جي قول کي تسليم ڪيائين!

## تعليم تي انگريزي مدبرن جا رايا

ان تي هڪ مستقل باب ٻڌو اٿس. ان باب ۾ هيٺين عالمن جا قول نقل ڪيا اٿس، جن ۾ ٻڌايو اٿس ته يورپ جا عالم ٻه 'تعليم' جو مقصد اخلاقي ترقي سمجهن ٿا، رڳو روزگار جو ذريعو ڪري تسليم نه ٿا ڪن:

هربرٽ سپنسر جو قول آندو اٿس:

"تعليم ۽ علم جو اهو نتيجو آهي ته موجوده شين جي معرفت حاصل ٿئي."

هيڪسلي جو قول هن طرح آندو اٿس:

"تعليم جو اصل مطلب آهي قانون قدرت ۽ زماني جي موجود شين جي معرفت. علم واري جا لڇڻ عمدا هجن."

گليڊسٽون جي راءِ آهي ته:

”ماڻهوءَ جي روح کي فنا ڪاتهي، پوءِ ان کي رڳي فاني دنيا ئي تعليم سيکارڻ کهڙي نه بيوقوفي آهي.“

ان طرح ڪالرج، مسزويسٽ، بيڪن، ايليمسن، وردس ورٿ جا رايا آندا اٿس:

”افسوس جو جيئن اسان جي سرڪار جي مدائين هيءَ سڌ رهندي آهي ته سڀ رعيت سندس مطيع ۽ وفادار هجي، تيئن جيڪڏهن هوءَ اهڙو قاعدو پاس ڪري ته تعليم سان گڏ مذهبي ۽ اخلاقي نور سان ٻارن جا دماغ روشن ڪجن ته واه!“

آخر ۾ بلبل چوي ٿو:

”تعليم علم پرائڻ لاءِ وڃي، نه رڳو نوڪريءَ يا مال ميڙڻ لاءِ. چو ته علم جو مطلب آهي ماڻهونءَ جي لڇڻ جو سڌرڻ ۽ اندرين طاقتن ۽ ذهن ۽ دماغ جو ڪلڻ!“

## رايا

اڻ ڪان پوءِ ”هاڻوڪي تعليم جي بابت يونيورسٽين جي مالڪن ۽ سرڪار جا رايا“ عنوان تي، ملڪ جي مشاهير ماهران تعليم جا رايا ڏنا اٿس، جن جو حاصل مطلب اهو آهي ته علم ۽ تعليم جو مقصد، رڳو نوڪريون ناهي. انسان رڳو پيٽ پوڄا لاءِ ناهي، پر انسان جي زندگيءَ جو مقصد نهايت اعليٰ آهي.

’بلبل‘ انهن سڀني جي ترجماني ڪندي، سندن رايـن کي، سندن لفظن ۾ پيش ڪرڻ کان پوءِ هن طرح لکيو آهي:

”ڏيهي ماڻهو هن ڳالهه ۾ ڏاڍو پليل آهن، جو هو تعليم کي رڳو خاص نوڪريءَ لاءِ وڃن ٿا. اهـو

خيال نہ ٿا ڪن تہ ايترن ماڻهن کي ڪٿان نوڪريون ملنديون؟ ايتريون جايون ڪٿان اينديون؟"

وائسراءِ هند لارڊ منٽو ۽ سر لوئيس. ڊين. ليفٽيننٽ گوونر جا وايا هن طرح بيان ڪيا اٿس:

"طالب علمن کي مذهبي ۽ اخلاقي تعليم جي وڏي گهرج ۽ ضرورت آهي!"

تعليم جي مقصد ۽ ان دور جي بي سود هجڻ تي تبصري ڪندي 'بلبل' لکيو آهي:

"اڄڪلهہ جيڪا وکي ۽ ڦڪي تعليم ملي ٿي، سا ڳالهہ خود يونيورسٽيءَ يا سرڪاري عهدن جي آفيسرن کي بہ نہ ٿي وڻي، جو ظاهر ظهور سندن راءِ آهي تہ هاڻوڪن گريجوئيٽن ۾ اصل علم جو مادوئي ناهي! هو وڳو چٽونءَ وانگر ڪتاب پڙهي، ڊگري حاصل ڪن ٿا، پر ان جي لائق نہ ٿا ٿين، تہ نوڪريءَ کان سواءِ پنهنجي علم جي صدقي، ڪنهن دنيا جي ڪاروبار ۾ لڳي پيٽ پالين ۽ آسودو گذارين!"

## ولايت ۾ تعليم پرائڻ تي رايا:

ان عنوان هيٺ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ ان دور ۾، ديسي ماڻهو، جن جي تعليم ۽ مطالعہ جو بنياد ناقص هو سي ولايت وڃي، شُدبُد ۽ سطحي پڙهي، پنهنجي دين ۽ ڌرم، تهذيب ۽ معاشرت کي وڃائي، ظاهري تراش خراش، هار سينگار ۽ پيٽ پوڄا ۾ عمر وڃائي ڇڏيندا هئا. ان سلسلي ۾ سر سيد احمد خان جي راءِ تفصيل سان بيان ڪئي اٿس. سر سيد چيو آهي:

اسان جي نظر ۾، ٻارن کي ولايت ڏي تعليم واسطي موڪلڻ لاءِ بہ مطلب آهن: هڪ هيءَ تہ يا اهي

شاگرد اعليٰ درجي جي تعليم يا ڪنهن اهڙي هنري تعليم جي شاخ پرائي اچن، يا ايترو سکن جو هت اچي ڪنهن روزگار ڪمائڻ جهڙا ٿين.

”سو تجربي مان هيءَ ڳالهه ثابت ٿي آهي ته پهرئين مطلب لاءِ اڄ تائين ڪو ڪونه ويو آهي، جنهن جي اسان مسلمانن کي ضرورت آهي ۽ جنهن ۾ ذاتي عزت آهي.

”جو ته بي. اي. ايل. بي يا بئريسٽري، اعليٰ درجي جي تعليم ۾ داخل ناهي، ۽ نه ان مان ذاتي لياقت حاصل ٿئي ٿي.“

## يورپ ۽ هتي جي تعليم جي ڀيٽ:

ان باب ۾ پڻ ڪافي دلچسپ حقيقتون بلبل بيان ڪيون آهن، لکي ٿو:

”ولايت ۾ تعليم ان پاهرئين ترقيءَ جو نالو ناهي، جو رڳو لکڻ پڙهڻ ۽ سرسري معلوميت تي قائم هجي، پر اصل ۾ تعليم انهن ڳجهين طاقتن کي ظاهر ڪرڻ جو نالو آهي، جي قدرت انسان ۾ امانت رکيون آهن.“

بلبل مرحوم جو اهو هڪ نقطو ٿي لکي ٿو لهي. علم جي حقيقت ۽ مقصد خود شناسي ۽ خدا شناسي آهي.

## مسلمان ڇو خاص طرح تعليم ڏيارڻ جا حقدار آهن:

ان باب ۾ تفصيل سان بحث ڪندي، دليل دلائل بيان ڪيا اٿس. لکي ٿو:

”سنڌ ۾ مسلمانن جو وڏيڪ عدد آهي، جن مان گهڻن جو پيشو آبادگاري آهي، جنهن تي بادشاهيءَ

جو مدار آهي. باقي ٻاڳو يا ٿوري گهڻي ڪسب تي آهي، يا مزوري ۽ ڇوٽڪي پورهئي تي. انهن ٻنهي فرقن کي تعليم ڏيارڻ ضروري آهي، ڇو ته مسلمان زميندارن سان وڳو سرڪار کي ڀل جي پيدائش آهي، مگر سيئي سرڪاري ڪمن ۾ مسلمان زميندار ئي مدد ڏين ٿا. هندو زميندار اهڙي مدد ڪڏهن به ڏئي نه سگهندا، جنهنڪري انتظام چڱو نه هلندو."

سرڪار تي حُجت قائم ڪندي، هڪ مورخ جو هن طرح قول نقل ڪيو اٿس:

"مسلمانن ڪان اسان علم سکيا آهيون. هاڻي جيڪڏهن اسين انهن کي علم سيکاريندا سون، ته ڇڻ پنهنجو قرض لاٿوسي."

## سرڪار کي تعليم لاءِ ڪهڙا اپاءُ وٺڻ گهرجن:

ان باب ۾، مرحوم 'بلبل' سرڪار اڳيان ڪي معقول تجويزون رکيون آهن ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته مسلمانن جي لاءِ خاص تعليم فنڊ جمع ڪيو وڃي ۽ ڀلن مان خاص رقم الڳ ڪري صرف ڪئي وڃي. ان سلسلي ۾، سندس تجويز آهي ته "تعليم سيس بل" موجب هڪ روپئي تي هڪ پيسو زميندارن کان ورتو وڃي.

بلبل وڌيڪ هن طرح تجويزون ڏنيون آهن:

1ـ پرائمري تعليم لاءِ خانگي مڪتب ۽ سرڪاري اسڪول وڌايا وڃن.

2ـ ٽيچرس ڪاليجن ۾ نظام ۽ نصاب بدلايو وڃي، هاڻوڪا تکما ڪاليج سڌاريا وڃن.

3_ اڌ کان مٿي، مسلمان ماستر ۽ ممتحن مقرر ڪيا وڃن.

4_ ٽريننگ ڪاليجن ۾ اڌ کان مٿي مسلمان ماستر ۽ شاگرد رکيا وڃن.

5_ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڪورس جا ڪتاب بدلايا وڃن، جن سان شاگردن جي زبان ۽ تحرير سڌري ۽ دماغ ۽ ذهن کلي.

6_ ڪتابن ۽ ڪورس ٺاهڻ لاءِ هڪ ڪميٽي مقرر ڪجي، جنهن ۾ سرڪاري نوڪرن کان قابل ماڻهن جو عدد زياده هجي.

7_ ڪورس ۾ مذهبي تعليم جو ڀاڱو زيادهه هجي.

8_ مسلماني خانگي مدرسا ۽ اسڪول وڌائجن، ۽ سارو ڪاروبار انهن جي هٿن ۾ ڏجي.

9_ بورڊنگ وڌائجن ۽ انهن جو نظام مسلمانن جي حوالي ڪجي.

10_ مسلمانن کي سڪالرشپون ڏنيون وڃن، ميونسپل ۽ لوڪل اسڪولن ۾ في معاف ڪئي وڃي.

11_ خانگي مڪتب سڌارجن ۽ وڌائجن، گرانٽ جي بدران کين پگهار ڏجن.

12_ قرآن جي تعليم سان گڏ ديني ۽ اخلاقي ڪورس ٺاهجن.

13_ تعليم کاتي ۾ مسلمان ڪلارڪ وڌائجن.

14_ سيڪنڊري تعليم ۽ اعليٰ تعليم، يورپ جي طرز تي هلائجي.

15_ ڪورس ڪتاب، جديد نموني ۾، دلچسپ ۽ معلوماتي ٺاهيا وڃن.

ان بحث کي ختم ڪندي، ’بلبل‘ لکي ٿو:

”ڪورس جا ڪتاب دلچسپ ۽ معلوماتي هجن. انهن

مان گڏ، وڏو سبب اهو بہ آهي. موجود تعليم مان مذهبي ۽ اخلاقي تعليم نہ ٿي سگهي.

"اسان پاڻ ۾ هم صلاح ٿي، ڪيترن عالمن، علي ڳڙهہ ڪاليج ۽ انجمن حمايت اسلام لاهور جي مسلماني ۽ درسي ڪتابن مان مدد وٺي، پهرئين ڪان اٺين ڪتاب ڌائين ڪتاب تيار ڪيا آهن. اسان جي نظر ۾ اهي ڪتاب نهايت مفيد آهن ۽ موجوده زماني ۾ مسلمان شاگردن کي جيتري مذهبي ۽ اخلاقي واقفيت جي ضرورت آهي، سا انهن اٺن ڪتابن جي پڙهڻ مان بخوبي حاصل ٿي ويندي."

ان ڪان پوء، انهن ڪتابن جي تيار ڪرڻ وقت جي ڳالهيون خاص طرح سان مدنظر رکيون ويون هيون، سي بيان ڪيون ويون آهن. انهن مان چند هن طرح آندل آهن.

1- مسلمانن کي مذهبي تعليم ملي، جنهن مان منجهن عام دنيائي تعليم جي رغبت پيدا ٿئي.

2- مسلمانن جا اخلاق سڌرن، وڏن جو ادب سکن، ملڪ ۽ قوم سان وفاداريءَ ۽ مضبوط رهن. انساني همدرديءَ ۽ رحمدليءَ جو مادو منجهن پيدا ٿئي.

3- مذهبي ۽ اخلاقي تعليم، جا انهن ڪتابن ۾ ڏني وئي آهي، سا نہ رڳو قرآن ۽ حديث جي حوالن سان پر ان لاءِ عقلي دليل بہ ڏنا ويا آهن.... اسان جي راءِ ۾ اهي ڪتاب هر طرح رائج ڪري سگهجن ٿا.

ان ڪان پوء، نصاب ۽ نظام تعليم متعلق ۽ انتظامي مسئلن متعلق مشورا ڏنا ويا آهن، جئن ديني ۽ دنياوي تعليم جو نظام گڏ هلائي سگهجي.

افسوس هي آهي تہ اهي اٺئي ڪتاب، ان دور جي سرڪار نامنظور ڪيا ۽ ڪتاب ائين جو ائين رهجي ويا، انهن

ڪتابن جي تياريءَ، مواد جي انتخاب ۽ زبان جي سلاست، ۾ مرحوم بلبل جي قلم ۽ فن جو وڏو دخل هو. جڏهن ته اهي ڪتاب شايع ٿي نه سگهيا، تڏهن انهن جو دستياب ٿيڻ مشڪل امر هو. تاهم گهڻي ڪوشش ڪان پوءِ، فقط هڪ ڪتاب 'اوائلي ديني تعليم' هٿ اچي سگهيو آهي. ان جو انداز بيان، توڙي زبان نهايت سليس ۽ لذيذ آهن. اسلامي عقائد ۽ تهذيبي روايتن کي، نهايت دلنشين انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. انهن جي پڙهڻ سان نه فقط ٻارن ۾ دينيات جو چاهه وڌي ها، پر ان سان گڏ، سندن ذهني نشو و نما لاءِ به ڪارگر ٿين ها!

اي بسا آرزو ڪه خاڪ شده!

## آل انڊيا محمڊن ايجوڪيشنل ڪانفرنس 1907ع جا ٺهراءَ

ان باب ۾، مٿين ڪانفرنس جا ٺهراءَ پيش ڪيا ويا آهن. اها ڪانفرنس، جنهن مٿي لکي چڪا آهيون، 1907ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿي هئي. انهن ٺهرائن لاءِ بلبل لکيو آهي:

> "مسلمانان سنڌ جي تعليم بہ نسبت، آل انڊيا محمڊن ايجوڪيشنل ڪانفرنس، جا سال 1907ع ۾، ڪراچيءَ ۾ ٿي هئي، تن جي عرضداشت ٿي بہ سرڪار کي ڌيان ڏيڻ گهرجي جنهن صورت ۾ هاڻي سرڪار جو خيال پڻ ٿيو آهي. ڇو ته ايڏي سيڙ جي ڪابہ ڳالهہ، يا ڪوبہ ٺهراءَ مصلحت کان خالي ناهي."

ٺهراءَ هي آهن.

1ـ "فارسيءَ کي مدرسن ۽ اسڪولن ۾ رائج ڪيو وڃي."

اهو ٺهراءُ بلبل پيش ڪيو هو ان جي تائيد سيٺ حاضرين ڪئي هئي. ۽ اها تقرير في البديه فارسيءَ ۾ ڪري ڪانفرنس کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيائين. ان جو ترجمو، بلبل هن ڪتاب ۾ ڏنو آهي. ان جي مزيد تائيد مرزا صادق علي بيگ ڪئي هئي.

2ـ نصاب مان ديني عقيدن جي خلاف عبارتون خارج ڪيون وڃن. تحريڪ ڪندڙ: مسٽر غلام حسين شيخ وڪيل (سابق گورنر سنڌ) تائيد ڪندڙ 'بلبل'

3ـ نصاب ٺاهڻ لاءِ سنڌ لٽرري ڪميٽيءَ جو قيام عمل ۾ آڻجي. تحريڪ ڪندڙ مرزا قليچ بيگ، تائيد ڪندڙ 'بلبل'

4ـ مسلمان ماسٽر ۽ ممتحن وڌايا وڃن.

5ـ انگريزي اسڪول ۽ بورڊنگ قائم ڪيا وڃن.

6ـ هر ضلعي ۾ هڪ مسلمان ڊپٽي انسپيڪٽر رکيو وڃي.

7ـ تعليم مفت ڏني وڃي.

8ـ لازمي تعليم رائج ڪئي وڃي.

4 کان 8 تائين، مکيہ ٺهراءَ 'بلبل' جا پيش ڪيل آهن؛ انهن جي تائيدي تقرير بہ 'بلبل' ڪئي آهي. اهي سڀ 'بلبل' مرحوم، تفصيل سان، هن ڪتاب ۾ ڏئي چڪو آهي. ان پوري مواد پڙهڻ سان اهو معلوم ٿو ٿئي تہ اڄ کان اڌ صدي اڳ بہ نصاب ۽ نظام تعليم متعلق اهي ئي مشورا ڪيا ٿي ويا، جن جي اڄ بہ ضرورت آهي.

آخر ۾ ضروري ضميمو ڏيان طلب جي عنوان سان 'بلبل' جي قلم مان آهي. اهو بمبئي سرڪار جي انگريزي پمفليٽ جي جواب ۾ لکيو ويو هو. ان ۾ مفصل نموني ۾، انگن اکرن سان سنڌ جي مسلمانن جي تعليم جا مسئلا بيان ڪيا ويا آهن. ان طول طويل ضميمي ۾ 'بلبل' نهايت محنت سان، دلائل گڏ ڪري، بمبئي سرڪار کي لاجواب ڪيو آهي، ۽ پڌايو آهي تہ سنڌ جي مسلمانن لاءِ جا سرڪاري پڌرائي ڪيدي وئي آهي، اها محض طفل تسلي آهي، ان تي عمل ڪرڻ سان، سنڌ جي مسلمانن جا تعليمي مسئلا ۽ مطالبا حل ٿي نہ سگهندا.

ان ضميمي جي زبان ٺوڙي انداز بيان نهايت لذيذ ۽ علمي آهن.

بهرحال، 'مسلمان ۽ تعليم' پنهنجي تاريخي ۽ افادي حيثيت سان، نهايت معلومات افزا ڪتاب آهي، جنهن جي مطالعه ڪرڻ سان، اڄ کان منڍي صدي اڳ جي سنڌي مسلمانن جا تعليمي مسئلا اڳيان اچن ٿا ۽ هڪ تاريخي باب تازو ٿئي ٿو.

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، ڪراچي ڪانفرنس (1907ع) ۾ هيءَ استقباليه نظم پڙهي هئي، جنهن ۾ نواب محسن الملڪ جي وفات ڏانهن پڻ اشارو ڪيل آهي. مناسب سمجهي هت اها نظم پيش ڪجي ٿي. 1907ع جي جذبات جي ترجماني، کهڙي نه دلسوزيءَ ۽ نمائيءَ سان ڪئي وئي آهي. فارسيءَ جي قديم انداز کان پڻ آگاهي ٿئي ٿي.

## ماوشما

مرحبا اي صاحبان هند، ذوالعزو وقار،
مرحبا اي اهل علم و عقل و حڪم و اختيار.

شد ز تشريف شما هم سنده وا حاصل شرف،
شد ز تدبير شما هم سنديان وا افتخار.

مي شنيدم از زبان خلق، تعريف شما،
بهر تنظيم شما، بس مي ڪشيديم انتظار.

شڪرالله، شد نصيب ما، ملاقات شما،
هست ليڪن، بر دل ما داغ حسرت لاله وار.

در فراق 'محسن الملڪ' آن نواب محترم،
با دل افگار هستيم اشڪبار و سوگوار.

چون که محرومیم از دیدار فیض آثار او،
می کنیم افسوس از دل، ای عزیزان صد هزار.

رحمت حق بر روانش، باد تا روز جزا،
به که اکنون عرض بگذاریم احوال فگار.

گرچه با فتح عرب، اسلام این جا شد شروع،
هست در اقلیم هند، امروز حال سنده زار.

مانده در علم و هنر، پس طرز دیگر ملکها،
آمده در سیم و زر، مفلس ترین از هر دیار.

طاقت خدمت گذاری، کاش اگر می داشتیم،
بر شما بیشک همین کردیم گوهرها نثار.

ما نیاوردیم یاران شرط مهمانی بجا،
زان سبب پیش شما، هستیم از بس شرمسار.

بلکه با این مفلسی و عجز با اخلاص دل،
از شما داریم ما امیدهای بی شمار.

حق شما را دولت علم و عمل کرده عطا،
واجب آمد تا دران سازید مارا حصه دار.

در زکوة علم ما هستیم یاران مستحق،
زان سبب گشتیم، در جود شما امیدوار.

عمرها شد خواب خرگوش است، سارا دوستان،
وقت بیداری ست، بنمائید، مارا هوشیار.

کاروان رفت و میان دشت پس ماندیم ما،
خضر راه ما شوید آرید مارا برکنار.

در ترقي ديگران شد، در تنزل روي ما،
همتي اي دوستان، وقتِ مدد، باشيد يار.

صاحبان! کوشيد در تعليم و در تاديبِ ما،
مشورت سازيد، بهرِما، در اين اصلاح کار.

تا مگر چون ديگران بهتر شود هم حالِ ما،
آيد از لطفِ شما، ما بيقراران را قرار.

ما همه مرهونِ احسانِ شما، خواهيم شد،
با دل و جان خير خواه و مدح خوان و حق گذار.

بيش ازين لازم نه باشد، عرض احوال اي "قليچ"
سامعان، هم دين و همدرد ند و غمگينِ گسار.

حيدرآباد سنڌ
10 آگسٽ 1970ع

غلام محمد گرامي
ايڊيٽر سماهي مهراڻ
سنڌي ادبي بورڊ

# مسلمان ءِ تعلیم

مؤلف

مرحوم شمس الدین "بلبل"

# مسلمانن جي ترقي جو راز ڇا ۾ آھي؟

پھريائين پھريائين اسان کي ھي ڏيکارڻو آھي تہ مسلمانن جي تعليم نسبت، مسلمانن جي اڳواڻن جا ڪھڙا خيال آھن؟ ھڪڙن جو ھي چوڻ آھي تہ ھڪ ھڪ مسلمان تي فرض آھي، جو انگريزيءَ جي تعليم مٿانھين درجي تائين حاصل ڪري ۽ جيترو ٿي سگھي، اوترو سرڪاري نوڪرين ۾ جايون وٺي يا ڪو اھڙو ڌنڌو ڪري، جنھن مان ھو پئسي وارو ۽ ٻيٺل ٿئي، ڇو تہ عزت آھي پئسي سان؛ نہ تہ جيڪڏھن مسلمان مڃا ۽ ڪنگال ھوندا، جيئن اڄڪلھ گھڻا ان حال ۾ آھن تہ قومي حيثيت ۾ بلڪل گھٽ ۽ ڪين جھڙا ليکجن ٿا؛ پر جي عھديدار يا مالدار ھوندا تہ البتہ قومي عزت سان ڏسبا. نہ رڳو ايترو، پر ھرڪنھن قوم جو مذھب بہ انھن جي ٻيٺلائي ۽ عزت جي لحاظ سان پرکبو آھي، تنھنڪري مسلمانن جو واڌارو ۽ سڌارو ۽ چاڙھو رڳو انگريزي تعليم تي آھي، جنھن کي چنبڙي پون. باقي رڳو دين جي علم سکڻ مان سندن عمر بہ ويندي ۽ سواءِ محتاجي يا ٻين تي بار پوڻ ۽ ھٿ ٽنگڻ کان سواءِ ڪجھ بہ نہ ٿيندو. ڇو تہ فقيرن جو عدد وڌيو ۽ ھٿان ٻيٺل ماڻھن تي انھن جو بہ وڌيڪ بوجو پيو تہ ھنن کي ڪارائين پيارين — جھڙو اڄڪلھ مولوين جو حال آھي تہ علم پڙھي پوءِ زميندارن جا محتاج ٿا رھن تہ من ڪنھن مسجد ۾ ٻارن پڙھائڻ جي خدمت ملي ۽ خراو بہ خراو پيٽ جي ماني مال ۾ جڙي تہ گنج ٿيو. تنھنڪري مسلمانن لاءِ ڪلمو بس آھي ۽ ٻيا جيڪي مسلماني ٿلھا عقيدا آھن. تن جي چاڙھڻ ۽

ويساهه رکڻ تي مسلمانيءَ خير صلاح مهرالله هاڻي زماني جي ضرورت موجب علم پرائڻ گهرجي. جيڪو ماڻهو پاڻ کي زماني سجي لائق ڪندو، سو ٿي سگهيو گذاريندو. جو چوڻي آهي ته ”جهڙي واءُ لڳي، تهڙي ڏجي پٺ.“ دين به دنيا سان سهڻو آهي. دنيا دولت کانسواءِ ڪجهه به نه آهي. هن زماني ۾ مسلمانن کان ٻيون قومون جي چڙهي ويون آهن، سي رڳو انگريزي تعليم جي ڪري، تنهنڪري مسلمانن تي فرض آهي ته هو ان علم کي اهڙو ته چنبڙي پون، جو ان کانسواءِ ٻيو ڪين خيال ئي نه هجي ۽ اڄڪلهه جنهن کي ڪو خير خيرات يا مدد ڪرڻي هجي، سو رڳو ان تعليم جي پرائڻ لاءِ مسلمانن کي ڏئي ۽ مدد ڪري ۽ پڙهائي ته اهڙي خدمت قوم جي ٻي ڪانهي. جيڪڏهن مسلمان ڀانئين ته اسين هن جهان ۾ هستي ۽ عزت سان رهون ته رڳو هن تعليم تي زور ڏين. ٻين ماڻهن جو چوڻ آهي ته نه، اسلام جي قائم رکڻ لاءِ ۽ سچي واڌاري يا سڌاري لاءِ علم دين جي ضرورت آهي ۽ اسان تي حق آهي ته اسين پنهنجي قوم ۾ اهڙن عالمن سڳورن جو عدد وڌايون. سچن پچن عالمن کي گذران جي محتاجي ڪانه ٿيندي آهي. هنن جي پنهنجي رب تي پوري توڪل آهي. روز ۽ رزق جو ضامن رب سائين آهي. هنن جو ڪنهن تي به بار ڪونهين، دنيا ۾ دولت ۽ عزت ۽ سک ڪونهين، پر سچي عزت ۽ سچو آرام، ديني علم ۽ ان تي عمل ڪرڻ ۾ آهي، جنهن سان اخلاق سڌرن ٿا، ۽ ان ۾ روحاني ترقي ٿئي ٿي. دنيا جي ترقي ڪهڙي ڪم جي آهي، جنهن ۾ هدايت نه هوندي ۽ تنهن کانسواءِ دنيا جي حياتي ٿورا ڏينهن آهي. تنهنڪري آخرت جي سدائين واري حياتيءَ لاءِ ڪو بندوبست نه ڪرڻ ۽ رڳو ٿورن ڏينهن جي چاڙهي لاءِ متو هڻڻ بيوقوفي آهي. تنهن هوندي به رڳو دنيائي علم يا دولت گڏ ٿيڻ مان بس

انسانيت ۽ آرام کين حاصل ٿيندو. تنهنڪري مسلمانن کي اول دين جو علم سکڻ گهرجي ۽ ان علم جا عالم ۽ قابل ماڻهو پيدا ڪجن ته اسلام ۽ مسلمانن جي رونق ان ۾ آهي. پوءِ پيون ڳالهيون.

هاڻي اوهان ٻنهي ڌرين جا خيال پڌا ته اڄڪلهه مسلمانن جي تعليم نسبت ٻن جماعتن جون اهي ٻه رايون آهن، جي هڪ ٻين جي برخلاف آهن. جيستائين اسان جي هڪ راءِ نه ٿيندي، تيستائين ڇاڙهو ڪونه ٿيندو، جو ته ڪي ساڻهو هوڏي ٿيندا، ڪي هوڏي. پر جيستائين اسان ڪا راءِ مقرر ڪريون، تيستائين انهن ٻنهي ڌرين جي خيالن مان هي نتيجو ڪڍون ته ٻئي ڌريون مسلمانن جي تعليم جون ته حامي آهن، پر ڪهڙي تعليم ڏجي، تنهن ۾ سندن ڌار ڌار راءِ آهي. هڪڙن تعليم کي رڳو دنيا جي حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهيو آهي ۽ ٻين انسانيت ۽ روحاني ترقيءَ جي لاءِ، تنهنڪري تعليم جي جنس به ڌار ڌار مقرر ڪئي اٿن.

## اسلام جي تعليم بابت ڇا راءِ آهي

پر جڏهن ته اسين مسلمان آهيون ۽ مسلمانن جي ئي تعليم لاءِ هي جتن ڪري رهيا آهيون، تڏهن اول اسين پنهنجي مذهب کان ته پڇون ته اهو ڪهڙي فتوي ٿو ڏئي، ته علم جو نتيجو ڇا آهي — پوءِ اسين پين جا رايا ۽ پنهنجا دليل ڪم آڻينداسين.

مذهبي حڪمن مان ته ائين معلوم ٿو ٿئي ته علم پنهنجي ڌڻي جي سڃاڻڻ جو وسيلو آهي ۽ علم جي حاصلات مان، انسان، انسان ٿو بڻجي ۽ چڱيون عادتون ٿو پرائي. هاڻي

سوال آهي ته اهو ڪهڙو علم آهي، جنهن مان اهي پئي ڳالهيون حاصل ٿين. ان جو ضرور اهو جواب ڏيندو ته اهو ديني علم آهي، ٻيو نه. اسان جي مذهب، ديني علم جي جيڪا تعريف ڪئي آهي، سا به ڪجهه اوهان کي ٻڌايون. اول اول اسان جي خالق مالڪ، پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ شاهدي ڏني آهي ته ڏٺيءَ جي هڪڙائيءَ کي ڏٺي ته پاڻ ڄاڻي ٿو، پر اول ملائڪن ڄاتو، پوءِ عالمن، اهڙيءَ طرح اسان جي سردار ڪريم رسول مقبول، عالمن کي نبين جو وارث مقرر فرمايو آهي. نبوت کان وڌيڪ ٻيو ڪو مٿانهون مرتبو ۽ درجو انسان لاءِ ڪونهي، تنهن جو وارث ٿيڻ وڏائيءَ جي حد ٿي چڪي! پاڻ فرمايو اٿن ته زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ جيڪا به خلقت آهي، سا دين جي عالمن لاءِ مرهم پئي گهري. هڪڙي هنڌ فرمايو اٿن ته ايمان چئن اگهاڙو آهي، ان جا ڪپڙا— 'پرهيزگاري' ۽ ان جو سينگار— 'حيا' ۽ ان جو ڦل— 'علم' آهي. اسلامي حڪمن ۾ به علم جي سکڻ جو ثواب، ڏٺيءَ جي واٽ ۾ وڙهڻ ۽ مارجڻ کان وڌيڪ آهي. وڏا غازي، عالم ٿي ليکيا ويا آهن، جو انهن جي لکڻ جي مس، شهيدن جي رت سان گڏ ترندي، جن پنهنجا سر اسلام لاءِ ڏنا آهن؛ پر انهن کان به علم جي سيکارڻ ۽ پڙهائڻ ۾ جيڪي عالم لکن ٿا، تن جي مس جو شان وڌيڪ آهي، چو ته هڪ اصحابي سڳوري حضرت ابن مسعود فرمايو آهي ته اي ماڻهو! دين جو علم سکو، متان دين جا عالم اوهان کان هليا وڃن ۽ قسم آهي خدا جو، ته قيامت جي ڏينهن، غازي شهيد، عالمن جو مرتبو ڏسي ريسون ڪندا. ته ڳو ايترو، پر عابدن زاهدن کان به عالمن جو شرف وڌو آهي. حضرت مولا علي سائين ٿو فرمائي ته عابد روزي دار ۽ رات جاڳيندڙ ۽ جهاد ڪندڙ کان به عالم جو مرتبو وڏو

آهي. سندن فرمان آهي ته عالمن کان سواءِ ٻيا سڀ ماڻهو مئل آهن.

حضرت ابن مبارڪ کان ڪنهن ماڻهوءَ پڇيو ته سائين ماڻهو ڪنهن کي چئجي؟ پاڻ جواب ڏنائون ته عالم کي. هڪ مشهور ولي حضرت فتح موصلي، ماڻهن کان سوال ڪيو ته اي ماڻهو! جيڪڏهن اوهين پنهنجي ڪنهن بيمار ڀاتيءَ کي ماني يا پاڻي يا دوا نه ڏيو ته ڀوءِ ان جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ انهن عرض ڪيو ته قبلا! اهو ته مري ويندو. پاڻ فرمايائون ته هائو بابا! اوهان پنهنجين دلين جو به ساڳيو حال ڄاڻو. جيڪڏهن اوهان ان کي ٽن ڏينهن تائين دين جي علم ۽ حڪمت جو کاڄ نه ڏنو ته مري ويندي! اهڙيون ڳالهيون لکجن ته ڪيئي ڪتاب ٿي وڃن. مطلب ڳالهه جو هي آهي ته مذهب اسلام موجب، علم جي سکڻ جو هي نتيجو ليکيو ويو آهي، ته آدمي پنهنجي ذاتيءَ کي سچاڻي ۽ ان جي حڪمتن ۽ سببن مان، جي جهان ۾ آهن، واقف ٿئي ۽ انسانيت ۽ اشرافت جو مرتبو حاصل ڪري. ان جو عقل ۽ دماغ ۽ ذهن کلي، روحاني برڪتون منجهس ظاهر ٿين، تنهنڪري علم ۽ عالمن جي ايڏي ساراهه ڪئي ويئي آهي.

## قوم جي هستيءَ لاءِ ڪنهن جو ضرور آهي؟

هي ته هو علم جو بيان. هاڻي اچو ته اسين عالمن جو حال به ڏسون ته مذهب اسلام موجب، انهن جو هئڻ رڳو پاڻ لاءِ چڱو آهي، يا ذات مسلمانن لاءِ به فائدي وارو آهي. انهن جو تيار ڪرڻ ۽ ڪين قائم رکڻ ۽ سندن واهر ڪرڻ اسان تي فرض آهي يا ڪين؟ ان بابت اسان جي هادي سردار

ڪريم جو هي فرمائڻ آهي ته منهنجي اُمت ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو آهن — جي اهي سڌريل آهن، ته ساري اُمت سڌريل ٿيندي، جي اهي بگڙيل آهن، ته ساري اُمت بگڙي خراب ٿيندي: اهي ڪير آهن — هڪ حاڪم، ٻيا عالم! ان مان سمجهبو ته عالمن سان ساري قوم جي سڌار ۽ سنوار ٻڌل آهي. ٻئي هنڌ پاڻ فرمايو اٿن: ”جيڪڏهن قبيلن جا قبيلا مري وڃن ته اهڙو ارمان ڪونهي، مگر شال هڪ عالم نه مري!“ حضرت مولا علي سائينءَ جو فرمان آهي ته: ”عالم جي مرڻ ڪان اسلام ۾ اهڙو خال ٿو ٿئي، جو وري به ان جو نائب پري ته پري، نه ته رهجي ٿو وڃي.“ ان مان هي نتيجو ٿو نڪري ته اُمت محمدي جي هستي قائم رکڻ ۽ انهن کي اسلام تي ٻيهارڻ ۽ انهن جي ديني دنياوي ڀلائيءَ لاءِ دين جي عالمائن جو هجڻ ضروري آهي ۽ انهن جو وڏائڻ اسان تي فرض آهي.

## دولت ۽ عزت علم جو محتاج آهي، يا علم انهن جو؟

ان ڪان پوءِ وري هيءَ ڳالهه به پنهنجي اسلام موجب جاچيون ته مال ۽ دولت ۽ عزت، علم جا تابع آهن يا علم انهن جو محتاج آهي؟ دين جا جيڪي عالم آهن، تن جي گذران لاءِ ڪهڙو اپاءُ آهي. انهن واسطي به دنيا ۾ عزت آهي يا نه؟ ان بابت اسان جي سردار هاديءَ (صلي الله عليه وسلم) جو هي حڪم آهي، جو فرمائين ٿا ته: ”جو شخص دين جي علم جي پڇاڙي ڪري ٿو ته ڏٺي ان کي دنيا جي ڏک ۽ بک کان بچائي ٿو ۽ ان کي اهڙي هنڌان ججهو روز ملائي ٿو، جو ڪنهن کي اوڏانهين گمان به ڪونه ٿو ٿئي.“

ٻيو سندن قول آهي ته ”دين جو علم شريف ماڻهوءَ جي وڏائيءَ کي زور وڌائي ٿو ۽ ان کي دنيا ۾ به اهڙو مرتبو حاصل ٿئي ٿو جهڙو بادشاهن کي رعيت تي آهي.“

اهڙيءَ طرح حضرت مولا علي سائينءَ جو فرمان آهي ته: ”علم مال کان ڀلو آهي، ڇو ته علم ماڻهوءَ جي نگهباني ڪري ٿو ۽ مال جي وري اهو مالڪ نگهباني ڪري ٿو. ٻيو ته مال ۽ دولت علم جا محتاج آهن ۽ پوئلڳ آهن، ڇو ته مال خرچڻ سان گهٽجي ٿو، ۽ علم خرچڻ سان هميشه وڌي ٿو.“

حضرت ابو اسود رضه جو قول آهي ته ”علم کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به شئي ۾ عزت ڪانهين، ڇو ته خود بادشاهه ملڪ جا به علم واري جو ادب ۽ لحاظ ڪن ٿا.“

حضرت سليمان عليه السلام کي اختيار ڏنو ويو ته: ”علم ڏٺي يا مال تنهن تي ان علم کي ڏٺيو ته مال ۽ مرتبو ۽ بادشاهي به هٿ آيس، جهڙي ٻئي ڪنهن کي به نصيب حاصل نه ٿي.“

هڪ صاحب جو چوڻ آهي ته: ”جا عزت علم سان مضبوط ناهي، سا ڪنهن به ڪم جي ناهي، نه ڪا ان کي بيهڪ آهي.“

ڪنهن شخص پنهنجي پٽ کي لکي موڪليو هو ته: ”بابا! تون رڳو دين جي علم سکڻ ۾ لڳو رهه، ڇو ته پوئينءَ وهيءَ ۾ جيڪڏهن تون سڄو ٿيندين ته اهو علم تنهنجو مال ٿيندو ۽ جي مال وارو ٿيندين ته هي علم وري تنهنجي مال جي زينت ٿيندو.“

سڳهن ته به انهن جي دل ۾ اثر نه ٿو ٿئي، جو اها ڳالهه سندن هيانو ۾ گهڙي وڃي، سي ماٺ ڪري گسائي ٿا ڇڏين. تنهن جو سبب آهي ته اسان ۾ اسلام جو اهو نوو ڪونهي.

هاڻوڪي وقت ۾ اسلامي مسئلا ۽ ڳالهيون اهڙا ته وڏي ۽ خسيس ڇاڻا وڃن ٿا، جو انهن جي ڪا عزت اسان جي دلين ۾ ڪانهي. جيڪڏهن ڪنهن به ڳالهه ۾ اوهان ڪنهن آيت يا حديث يا حضرات ابن عباس، ابن مسعود، امام ابو حنيفه (رحمت ڪرين خدا) جي قولن جو مثال ۽ حوالو ڏيندو ته جنٽلمين مسلمان خيال سان نهاريندا به ڪين، پر جي لارڊ بيڪن يا سر آئزڪ نيوٽن يا مسٽر گليڊسٽون يا ڊاڪٽر جانسن يا لارڊ ميڪالي يا ڪنهن به يوروپي فلاسفر، فلاڻي الاڻي، تيري ميري جو قول پيش ڪندو ته ٻوءِ پتلون ڪان ٻاهر ٿي ويندا. اهو هو....اها ها ها....جو نعرو هڻي، ويري گڊ، ويري گڊ پيا ڪندا.

ان ڳالهه جي عزت ۽ اثر سندن دل تي اهڙو ويهندو جهڙو اڳين مسلمانن تي قرآن ۽ حديث جو.

هڪ صاحب مسٽر محمد علي چشتي، پنهنجي اکين ڏٺي ڳالهه بيان ٿو ڪري، (جنهن جي تقرير جو گهڻو خلاصو هن ڪتاب ۾ آهي) ته: ”هڪ گريجويٽ جنٽلمين مسلمان مان ڪنهن ڏينهن منهنجو بحث ٿي پيو. جنهن جو چوڻ هو ته وياج بئنڪ جو جائز آهي، مسلمانن کي وٺڻ گهرجي، نه ته انهن جو هن زماني ۾ گذارو مشڪل ٿيندو.“ ان بابت عقلي دليل پڻ ڏيڻ لڳو. پرمان ڪو مولوي صاحب به ويٺو هو، تنهن اهو بحث ٻڌي، وياج جي حرام هجڻ بابت آيتون ۽ حديثون پڙهيون. تنهن تي هو ڇڙون

ڪرڻ لڳو. ان پاڪ ڪلام جي صدقو، ان کي بہ هڪ بيوقوف ڄاڻائين، پر مون جيڪي کيس عقلي جواب ٿي ڏنا، سي بہ اڻ ٻڌا ڪيو پنهنجي هٽ تي قائم رهيو.

نيٺ جڏهن مان ڪڪ ٿيس، تڏهن چيومانس تہ ميان صاحب، تنهنجو لارڊ بيڪن بہ وياج کي ننديو ٿو، ان جا گهڻا عيب ۽ نقصان ڄاڻايا اٿس. تنهن تسي وڙ نڪري ويس تہ هان! مگر لارڊ بيڪن اهڙو بيوقوف تہ آهي، جو ائين لکندو مون چيومانس تہ جيڪڏهن ان جو لکيو ڏيکاريانءِ تہ پوءِ ڪيئن؟ چيائين تہ پوءِ بيشڪ مڃيندس ۽ پنهنجي هٽ تان لهندس. مان جهٽ اهو ڪتاب کڻي آيس ۽ آهو هنڌ کڻي ڏيکاريومانس، پوءِ ماٺ ۾ اچي ويو. چيائين تہ شايد مون هيستائين پورو ويچار نہ ڪيو آهي. هي داناءُ فلاسفر جو لکيو بيشڪ مڃڻ جي لائق آهي.

هاڻي مسلمانن جي ڪم بختي تہ ڏسو تہ قرآن شريف جي آيت يا حديث سڳوري يا پاڪ ۽ ڪامل ولين ۽ اصحابن جا قول ٻڌايو تہ ذرو بہ خيال ۾ نہ ٿا آڻن، پر جي هڪ انگريز جو نالو ۽ لکيو ٻڌن تہ ڪنڌ کڻي نمائن!

هيءَ ڳالهہ بہ ڪتاب جي پڙهندڙن کي ٻڌائڻ ضروري آهي تہ اهو لارڊ بيڪن ڪير هو، جنهن جي لکيئي جو اسان جي انگريزي دانن تي اهڙو اثر ٿو ٿئي؛ جو قرآن ۽ حديث کان بہ وڌيڪ، ان تي ويساهہ اٿن.

پڌرو هجي تہ لارڊ بيڪن اول سرڪاري وڪيل هو ۽ قاعدي ۾ پڙهو جو نيٺ پوءِ ولايت جي هاءِ ڪورٽ جو جج ٿيو. پر هن اهڙي وڏي عهدي کي اهڙو خراب ۽ بدنام ڪيو جو وڍي وٺڻ لڳو، نہ هڪ ڌر کان، پر ٻنهين ڌرين کان، جنهن تي مٿس مقدما بہ هليا. هڪڙي مقدمي ۾ تہ قبولدار

وڏو ڪتاب لکيو آهي، تنهنجي راءِ آهي ته: ”علم پرائڻ جو اهو نتيجو آهي ته موجود شين جي پوري سڃاڻپ حاصل ٿئي.“

پروفيسر هيڪسلي جي راءِ آهي ته: ”تعليم وٺڻ جو اصل مطلب هي آهي ته قانون قدرت ۽ زماني جي موجود شين جي سڃاڻپ پيدا ڪجي. ۽ سڀ کان وڏيڪ هي نتيجو هئڻ گهرجي ته تعليم واري ماڻهوءَ جا لڇڻ تمام عمدا ۽ سٺا هجن، جو هو دنيا جي سيني مشڪلاتن کي سهڻي ڍول سان منهن ڏئي ۽ ڏکيائيءَ جي وقت ۾ به سڀئون سڌو ۽ سچو صاف هلي.“

مسٽر گليڊسٽون جي راءِ آهي ته: ”ماڻهوءَ جي روح کي فنا ڪانهين، پوءِ ان کي فاني دنيائي تعليم سيکارڻ کهڙي نه بيوقوفي آهي! اهڙي دنيائي تعليم ڏيڻ ۾ جڏهن ته اسين پنهنجن ٻارن سان دوکو ۽ ٺڳي ٿا ڪريون، جو هو اسان کان مائي پيا گهرن ته اسين کين پٿر ڪٽي ٿا ڏيون، يعني هو اسان کي چون ته سچي پچي تعليم ڏيو ۽ اسين انهن کي اهڙو علم پڙهايون، جو نه ضروري آهي ۽ نه قابليت جي لائق آهي.“

مسٽر سيموئيل ڪالرج، جو انگلستان جو هڪ مشهور شاعر ۽ قابل ڪتاب جوڙيندڙ آهي، سو ٿو چوي ته: ”ٻارن کي اول پيار ۽ محبت ۽ حڪم مڃڻ ۽ چڱن لڇڻن سڌارڻ جي تعليم ڏجي، جا انهن لاءِ سڀ کان ضروري آهي.“

مسز ويسٽ، جا به ولايت ۾ مشهور ڪتاب لکندڙ آهي، سا چوي ٿي ته ”ٻارن جو بنياد مذهب تي قائم ڪن، جو نه رڳو هن دنيا ۾ کين ڪم اچي، پر اڳئين جهان ۾ هميشگيءَ واريءَ حياتيءَ لاءِ به ڪمائتو ٿئين.“

ساڳيو لارڊ بيڪن چوي ٿو ته ”ماڻهن جي وڏي ڀل هي آهي جو هو تعليم جي اصل مطلب کي نه ٿا پروڙين.

ڪي مشغوليءَ لاءِ، ڪي وڏائيءَ لاءِ، گهڻو ڪري ته مال ۽ دولت ميڙڻ لاءِ، ماڻهو تعليم ٿا وٺن، نه ته اصلي تعليم جو اهو مطلب آهي ته ماڻهن کي فائدو پهچائجي، ۽ انهن کي سڌارجي، ڏڻيءَ جي هيڪڙائي ۽ وڏائيءَ ۽ ان جا حڪم مڃن پڌرا ڪجن."

مسٽر ايليسين جو چوڻ آهي ته "تعليم جو اصلي مطلب هيءَ آهي ته اول ڏڻيءَ جي حڪمت ۽ رحمت، خلق تي ظاهر ڪجي، پيو ماڻهن کي سڌارجي، ٽيون پنهنجي طاقتن ۽ ذهني صلاحيتن کي وڌائجي ۽ کولجي."

مسٽر وردس ورٿ، جو انگلستان ۾ شاعرن جو سرتاج ٿي گذريو آهي، تنهن پنهنجي هڪ شعر ۾ چيو آهي ته "افسوس جو جڏهن اسان جي سرڪار جي سدائين هيءَ سڌ رهندي آهي ته سڀ رعيت سندس مطيع ۽ وفادار هجي، تيئن جيڪڏهن هوءَ اهڙو قاعدو پاس ڪري ته تعليم سان گڏ مذهبي ۽ اخلاقي نور سان ٻارن جا دماغ روشن ڪجن ته واهه!"

هن ڪان وڌيڪ مثالن ۽ قولن لکڻ جو ضرور نه آهي. انهن سڀني جو مت هيءَ آهي ته تعليم علم جي پرائڻ لاءِ وٺجي، نه ڪي نوڪريءَ يا مال ميڙڻ لاءِ، جو ته علم جو مطلب آهي، ماڻهوءَ جي لڇڻ جو سڌرڻ ۽ اندرين طاقتن ۽ ذهن يا دماغ جو کلڻ. ان ۾ اهڙي خوشي ۽ لذت آهي، جو اڄ تائين نه رڳو ڪي تعليم وارن کي نصيب ٿي آهي، نه اڻ تعليم وارن کي.

# هاڻوڪي تعليم جي بابت، يونيورسٽي جي مالڪن ۽ سرڪار جا رايا

اهڙيءَ طرح هندوستان ۾، جيڪي ئي پنج يونيورسٽيون آهن، يعني، ڪلڪتو، مدراس، بمبئي، الهه آباد ۽ پنجاب، تن سڀني جي چانسلرن، ڊگرين ڏيڻ وقت، جيڪي به تقريرون ڪيون آهن ۽ ڊگري وارن کي سمجهاڻيون ڏنيون آهن، تن سڀني جو حاصل مطلب هي آهي ته.

”ديهي ماڻهو هن ڳالهه ۾ ڏاڍو پليل آهن، جو هو تعليم کي رڳو خاص نوڪريءَ جي لاءِ وٺن ٿا. اهو خيال نه ٿا ڪن ته ايتريون جايون ڪٿان اينديون.“ نه رڳو ايترو، پر وقت جي وڏن حاڪمن، جهڙوڪ وائسرائن ۽ گورنرن به ڪيترو پنهنجن تقريرن ۾ ائين پڌي ظاهر ڪيو آهي ته:

”هندوستان ۾ جو ديهي ماڻهن کي اهو سوداءُ ويٺو آهي ته تعليم رڳو نوڪريءَ لاءِ آهي، سا ڳالهه حڪومت جي لاءِ به خوفائتي آهي، ڇو ته جڏهن هيترن ماڻهن کي، جي سال سال ۾ سو هزار ٿا نڪرن سرڪاري نوڪريون نه ملنديون ته پوءِ هو ضرور بگڙندا ۽ فساد ڪندا، ته اسان هيتري محنت ڪري، هيڏي تعليم ورتي آهي ته ڇو اسان کي نوڪريون نه ٿيون ملن، سرڪار کي وري ايتريون جايون ڪٿان اچن، جو انهن کي ڏئي. نتيجو اهو ٿيندو جو هو سرڪار کان ناراض ٿي باغي ٿيندا ۽ راج دروهيءَ جا خيال پکيڙيندا، جيئن بنگال ۾ ٿيو هو.“

اڄ ڪالهه جيڪا رڪي ۽ ڦِکي تعليم ملي ٿي، سا ڳالهه خود يونيورسٽيءَ يا سرڪاري عهدن جي آفيسرن کي به نه ٿي وڻي، جو ظاهر ظهور سندن راءِ آهي ته، هاڻوڪي گريجوئيٽن ۾ اصل علم جو مادو ئي ناهي! هو رڳو ڇِتُوڻيءَ وانگر

عادتون انهن جون سکن ٿا. برخلاف ان جي يورپي پنهنجن وڏن جو برابر ادب ۽ لحاظ رکن ٿا. ڏيهي طالب علم، يونيورسٽيءَ جي ٿوري تعليم پرائي، پوءِ اهڙا ته هٺيلا آکڙ باز هرهڪ ڳالهه ۾ دخل ڏيڻ وارا ٿين ٿا، جو بلڪل ان رهت ۽ هلت جي ابتڙ آهي، جا شريفاڻي چئي سگهجي. اها ڪوت انهن ۾ پهريئي ڏسڻ شرط معلوم ڪري سگهجي ٿي."

اهڙيءَ طرح حضور لارڊ منٽو صاحب بهادر وائسراءِ ۽ سر لوئيس ڊين، ليفٽيننٽ گورنر به پنهنجا عام خيال ظاهر ڪري ويا آهن ته "طالب علمن کي مذهبي ۽ اخلاقي تعليم جي وڏي گهرج ۽ ضرورت آهي" سبحان الله! هڪ ته اهو وقت هو جو مذهبي تعليم کي ساڙي ۽ اڻ ڄاڻائيءَ جو سبب ۽ هاڻوڪي نموني جي واڌاري کي روڪيندڙ ڄاڻبو هو پر اڄ سيئي وڏا وڏا، انگريز حاڪم ۽ قابل، دُهل تي ڏونڪو هڻي، پڌائي رهيا آهن ته انسانيت حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ جماعتن يا قومن کي سرڪار جي وفادار ۽ محبيندڙ رعيت بنائڻ لاءِ مذهبي تعليم کانسواءِ، ٻيو ڪو علاج ڪونهي.

تنهن کانسواءِ هن حڪومت جي اوائل ۾، ڪن حاڪمن جا اهي خيال به هئا ته مذهبي تعليم هٿان، مسلمانن کي سرڪار جي برخلاف ڪري ٿي، ۽ انهن جا عالم ۽ ملان سرڪار جا دشمن ۽ تاخير گهرندڙ آهن، ۽ اڄ وري هيءَ ڳالهه ثابت ٿي چڪي آهي ته سرڪار جو خيرخواهه ۽ دوست بنائڻ ته ديني ۽ مذهبي تعليم جو ئي ڪم آهي، چو ته آزمائش ۾ سرڪار جا خيرخواهه ۽ دوست، اسلام جي پراڻي فيشن جا ماڻهو ثابت ٿيا ۽ جن ماڻهن بنگالي يا هندوستان ۾ فساد مچايو، راڄدوهي خيال پکيڙيا، بم گولا ٺاهيا ۽ اڇلايا، سي سڀ انگريزي تعليم يافته هوا، مذهبي ماڻهو سدائين پنهنجي حاڪم وقت جو خير گهرندڙ هوندو، جو مذهب جو اهو ئي حڪم آهي.

# ولايت ۾ تعليم پرائڻ تي رايا

اها ڳالهه چڙي، وري هاڻي اسين ٻيءَ ڳالهه تي ٿا اچون، جو اسان ۾ گهڻا ماڻهو اهڙا به آهن، جي هتي جي يونيورسٽين جي تعليم کي اڻ پورو ڄاڻي، ولايت جي تعليم ۽ امتحان کي ڪاميابي ۽ ترقيءَ جو وسيلو ڄاڻن ٿا، جنهن تي اڄ تائين اسان جي مسلمانن جا ڪروڙها رپيا خرچ ٿي ويا آهن، ۽ پيا ٿين. هيستائين ته اسان هتي جي روڳي ۽ وڪي تعليم جا اچا، ڪارا پڙهندڙن جي اڳيان رکيا، هاڻي اچو ته ولايت جي تعليم جا به پدا پڌرا ڪيون، ته ان ۾ ڪهڙا نپڙ آهن.

ان لاءِ مسلمانن جي وڏي خير خواهه ۽ هڏ ڏوکيءَ ۽ اڳواڻ ۽ مشهور داناءُ ۽ قابل، سر سيد احمد خان مرحوم جي راءِ جو حوالو ڏيون، جو انگريزي تعليم جو سڀ کان وڏو حامي هو ۽ مسلمانن ۾ ان تعليم جو بنياد ئي ان وڌو.

ٿيو هيئن، جو ڪانفرنس ڪن ماڻهن لکي پڇو هو ته اسين پنهنجن ٻارن کي ولايت موڪليون يا نه؟ تنهن بابت اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟ انهن سڀني لاءِ سر سيد صاحب هڪ مضمون پڌرو ڪيو سو هي آهي. هن لکيو آهي ته، اسان جي نظر ۾، ٻارن کي ولايت ڏي تعليم واسطي موڪلڻ لاءِ به مطلب آهن، هڪ هيءَ ته يا اهي شاگرد اعليٰ درجي جي تعليم، يا ڪنهن اهڙي هنري تعليم جي شاخ پرائي اچن يا ايترو سکن جو هت اچي ڪنهن روزگار ڪمائڻ جهڙا ٿين. سو تجربي مان هيءَ ڳالهه ثابت ٿي آهي ته پهرئين مطلب لاءِ اڄ تائين ڪو ڪونه ويو آهي، جنهن جي اسان جي مسلمان کي ضرورت آهي، ۽ جنهن ۾ ذاتي عزت آهي. چو ته بي. اي.

يا ايل. ايل. بي. يا بئريسٽري، اعليٰ درجي جي تعليم ۾ داخل ناهي ۽ نه ان مان ذاتي لياقت حاصل ٿئي ٿي. اڄڪلهه به هندوستان ۾ اهڙا ماڻهو پيا آهن، جن ولايت جي واءَ به نه ڏٺي آهي، سي ولايت جي تعليم وارن کان هزار درجا وڌيڪ لائق ۽ قابل آهن. نه ته ولايت ۾ تعليم وٺڻ ڪري هيترو نه ٿئي جو هو ڪنهن به هنر يا شاخ جي ڪم ۽ اهڙو قابل ٿي اچي، جنهن جو مثال هندوستان ۾ نه هجي، يا گهٽ ۾ گهٽ ايترو ٿي اچي، جو هتي جي تعليم وارن کان لياقت ۽ فضيلت ۾ ته وڌيڪ هجي نه ته ايڏن خرچن ڪرڻ ۽ ڏکن پوڻ مان ڪهڙو فائدو؟

مسلمانن ۾ تعليم جي اهڙي ڪمي آهي جو اڄ تائين ولايت مان جيڪي ٿي آيا آهن، تن ۾ ايتري به لياقت ڪانهين جو ڪو اهڙو عمدو مضمون لکن، جنهن کي ڏسي دل خوش ٿئي ۽ جيڪي هتي جا قابل ۽ لائق لکندڙ آهن، تن کان وڌيڪ هجي، تنهن ڪري، جيڪڏهن ڪو ڏيهي ماڻهو، ولايت مان پڙهي ۽ ڪا ڊگري وٺي اچي ۽ ان تي ٿئبدي ته هو وڏو تعليم يافتو آهي، سو بلڪل پليل آهي.

باقي وهيو پوئيون مطلب ته هو ولايت مان پڙهي هت اچي ڪو روزگار ڪمائي، تن لاءِ هينئيان امتحان آهن.

پهريون: سول سروس. ٻيو: بئريسٽري. هتي جا سڀ ماڻهو، انهن ٻن ڳالهين لاءِ ولايت وڃن ٿا، ۽ گهڻو ڪري نه سيني جو زور بئريسٽريءَ تي آهي. اهي ٻئي ڳالهيون، يا ٻئي امتحان، اسان جي نظر ۾ ڪجهه به ناهن، نه اها علم جي ترقي آهي ۽ نه ان مان مال دولت گڏ ٿي ٿو سگهي ۽ نه ڪو ذاتي عزت.

ٽيون: ايگريڪلچر، يعني پوک جو علم، اهو اسان جي ملڪ لاءِ ڪمائتو ناهي.

چوٿون: انجنيري، جو اڄ ڏائين اسان اهڙو ڪو ڏيهي ماڻهو نه ڏٺو نه ٻڌو، جو اهڙو علم ولايت مان پرائي آيو هجي، ۽ هت اچي ڪامياب ٿيو هجي.

پنجون: ڊاڪٽري، جنهن مان رڳو نوڪري جو غرض هجي.

هاڻي اچو اول سول سروس تي. ان تعليم مان روزگار شرطي آهي ۽ چڱو عهدو ملي ٿو، پر ان ۾ اصلي ۽ ذاتي عزت ڪانهين، نه قوم لاءِ ان مان ڪو فائدو آهي. هتان ان جو خرچ ۽ ٽيپ ٽاپ اهڙا ته وڏا ٿا جو پگهار پيٽ ۾ پوري.

پيو بئريسٽري، هي ته اهڙو اجايو ۽ بي فائدي ڪم آهي، جنهن مان هڙ هلاڪ ۽ پيسا پاڻي! ايتري خرچ ڪرڻ مان به بئريسٽر ڏڪا ڏاڍا ڪائيندا وتن. انهن کان وڌيڪ هتي جا نامور وڪيل ايترو ساهوار ٿا ڪمائن، جو انهن کي سال ۾ به نصيب نه ٿو ٿئي.

ايگريڪلچر لاءِ مٿي چيو ويو آهي ته، هن ملڪ جي ڊول جو ناهي، باقي انجنيري علم، بيشڪ چڱو آهي، مگر ان ۾ به هي رولو آهي ته اهو اهڙو ٿئي، جو هتئون جي ساڳئي علم وارن کان وڌيڪ روزگار ڪمائي، تڏهن سندس پورهيو ساب پئي.

ڊاڪٽريءَ مان پنهنجو ۽ ملڪ جو ڀلو ٿي سگهي ٿو، پر جيڪڏهن اها به نوڪريءَ لاءِ پرائجي ته پوءِ ان کان وڌيڪ خراب ڪم پيو ڪونهين. (اڃي سر سيد جو لکيو پورو ٿيو)

ان ڳالهه کي به ڇڏي، وري هيءَ ڳالهه به ڏيان ڏيڻ جوڳي آهي ته جن ماڻهن مسلمانن جي چاڙهي ۽ واڌاري جو سبب ۽ ڪارڻ، انگريزي تعليم کي ڄاتو آهي، سي ۽ سڀ انگريزيدان ۽ پيا به جيڪي مسلمانن جا خيرخواهه، ڪهڙي به قسم جا آهن، سي جڏهن پنهنجين تقريرن يا وعظن ۾، لکن مسلمانن کي اپاريندا آهن ۽ همتائيندا آهن، تڏهن انهن کي اڳئين زماني جي ناليرن ۽ وڏن بزرگن مسلمانن جا مثال ۽ احوال ياد ڏياريندا آهن، چوندا آهن ته "ڏسو اوهان جا وڏا ۽ اڳيان مسلمان، ڪهڙا نه زور وارا هئا، ڪيڏا ملڪ فتح ڪيائون، ڪهڙا وڏا ڪم ڪيائون. اوهان همت ڇو هاري آهي، ڇو آرسي ۽ ٽوٽي ٿيا آهيو، اٿو، علم ۽ هنر پرايو، پنهنجن وڏن جهڙا ٿيو."

ان تي اسان جو سوال آهي ته انهن اسان جي وڏن، جن جو دهڪو ساري جهان ۾ هو ۽ جن جو نالو اڃا تائين ياد آهي، تن ڪهڙو علم پڙهيو هو؟ ڇا انگريزي پڙهي هوائون يا ولايت ويا هئا؟ يا رڳو ديني علم ۽ عمل ڪان اها وڏائي ۽ حڪومت ۽ سرتبا هٿ ڪيا هئائون.

انهن جي تعليم جو نتيجو ۽ مت، رڳو دنيا پوڄڻ ۽ ڏڪن ڪمائڻ ۽ مال ميڙڻ ۽ نوڪرين وٺڻ لاءِ هو يا سندن فقيراڻي حالت، توڪل ۽ قناعت جو گذران هو، ۽ هر طرح سندن تن، من، مال، متاع، خلق جي ڀلي ۾ قربان هو.

هت متان ڪي ماڻهو، هي ڦڏو وجهن ته گذريل زماني ۾ مٿيون ڳالهيون ٺهي ٿي سگهيون ۽ اهو وقت به اهڙو هو، هاڻي مال، دولت، عهدن ۽ اختيارين ۽ پيڪي سان قوم جو عروج ٿيڻو آهي، تنهنڪري اهڙيون شيون هٿ ڪرڻ ضروري آهن.

پوءِ کو چئي سگھندو تہ اگھوڻن مسلمانن جھڙا ليچڻ ۽ همٿون هن تعليم مان حاصل ٿينديون، کڏهن بہ نہ! اهڙو خيال ڪرڻ، چڻ ٻيرن کان پير گھرڻ آهن.

هاڻوڪي تعليم يافتن جي ۽ ٻين ماڻهن جي حالت ڀيٽڻ مان، هاڻي چڱيءَ طرح سان هيءَ ڳالهہ ثابت ٿي چڪي تہ مسلمانن جي چاڙهي ۽ واڌاري، سنوار ۽ سڌار لاءِ مذهبي علم، دنيائي علم کان وڌيڪ ڪمائتو ۽ ضرورائتو آهي.

اڃا اوهان کي هيءَ ڳالهہ ٻڌي بہ عجب لڳندو تہ جيئن انگريزي تعليم جي حمايت وارن جو چوڻ آهي تہ مسلمانن کي ديني علم پڙهائي، پنهنجي قوم ۾ فقيرن ۽ پيئن جو عدد وڌائڻو آهي، ٺيئن سرڪاري آفيسر ۽ يونيورسٽين جي اختياريءَ وارا، هي دانهون پيا ڪن تہ سال بہ سال ۾ جو گريجوئيٽن جو عدد وڌندو ٿو وڃي، سي پنهنجيءَ قوم ٿي بہ بوجهہ آهن، ۽ حڪومت لاءِ بہ چڱا نہ آهن. اهي گريجوئيٽ سواءِ هن جي تہ هو نڪمن، رولو يا بوکڙو جماعت جي ٻرتي وڌائن، ٻئي ڪنهن ڪم جا نہ ٿيندا، پر انهن کان تہ پڇيو بہ نہ پڇندو، پوءِ ضرور ڏوهن جا ڪم ڪندا، تنهنڪري، پنهنجي قوم ۽ سرڪار لاءِ هر طرح خوفائتا ثابت ٿيندا.

جي ماڻهو هن سوداءَ ۾ پيل آهن تہ مسلمانن جو چاڙهو انگريزي تعليم کانسواءِ نہ ٿيندو، اهي کو هي خيال ڪن ٿا تہ جيڪڏهن سيڪڙي ٿي، ڏهہ، ويهہ، ٽيهہ ماڻهو، پڙهيا، تہ انهن مان قوم سڌريل ۽ چڙهيل ڪين ليکبي، تہ ڪي وري 6 ڪروڙ مسلمان، سڀ گريجوئيٽ ٿي سگھندا ڇا، اهـا ڳالهہ تہ ٿيڻي ناهي.

پر جي ڪٿي سڀ تعليم وٺن تہ پوءِ بہ ڇا ٿيندو! انهن سڀني کي نوڪريون ملنديون ڇا؟ جي نہ ملنديون تہ پوءِ اهي

ڇا ڪندا؟ ڇو ته اهي گريجوئيٽ، سواءِ نوڪريءَ ڪرڻ جي ته ٻئي ڪنهن به ڪم جا نه آهن. وڏو وس ته جن کي نوڪري نه ٿي ملي، سي وڪالت ڏي ڊوڙن ٿا، پر هاڻي ئي وڪيلن جو ايترو عدد ٿي ويو آهي، جو اهي به بک ٿا مرن! مون کي ته روپئي، پن لاءِ به هلاڪ ڏٺا آهن. ان ڌنڌي مان به سندن پورائي نه ٿيندي، جو هاڻي ئي ان جو مان ڪونه رهيو آهي باقي رهيو هنر ۽ واپار، سو انهيءَ پاسي ته مسلمانن جو خيال ئي ڪونهين. نه ڪي گريجوئيٽ ان ڪم جا لائق ٿين ٿا، ته پوءِ ڪهڙي منهن سان اهي ماڻهو چون ٿا ته مسلمانن جو ڇاڙهو، انگريزي تعليم مان ٿيندو! يا اها تعليم مال، دولت، عزت، آسودائيءَ ۽ ڀلائيءَ جو ڪارڻ آهي!

حال اهو آهي جو هاڻي ئي خير سان ويچارا گريجوئيٽ ويهن پنجويهن رپين جي نوڪريءَ لاءِ حيران، پريشان آهن، پوءِ ته ڪين پنجوالي به ڪانه ملندي! برخلاف ان جي ٻين مسلمانن ۾ جهڙوڪ سيمڻ، ۽ ووترا (بوري) ڪڇي، جي انگريزي تعليم به نه ڄاڻن، رڳو واپار جي ڌنڌن ۾ لڳل آهن ۽ پنهنجي اولاد کي به اُن ڪم ڏي وجهن ٿا، ته ڪهڙا ۽ ڪيڏا آسودا ۽ دولت وارا آهن، جو گريجوئيٽن جهڙا وٽن ڪيئي نوڪر آهن ۽ اهڙا ماڻهو پنهنجي قوم کي به فائدو پهچائي سگهن ٿا جو انهن جي تعليم يا مسافرخانن، يتيم خانن، اسپتالن وغيره، خير جي ڪمن لاءِ لک روپيا خيرات ٿا ڪن ۽ مسڪينن حاجين کي به وڏي مدد ٿا ڏين. بعضي انگريزيدان جي ڏاڙون ۽ ٻٽاڪون هڻندا آهن؛ ته انگريزي تعليم ڪانسواءِ، قومي همدردي نه ٿي ٿئي ۽ ان ڪانسواءِ ٻيا ماڻهو قوم جي ڪا مدد نه ٿا ڪري سگهن، مگر آزمودي مان ته هيستائين اسان کي هيئن پئي معلوم ٿيو آهي ته انگريزيدان قومي همدردي رڳو

وات سان ڪنهن ليڪچر يا تقرير وسو ڪندا آهن باقي هو پنهنجي پيٽ پالڻ ۾ ٽيپ ٽاپ ۾ پورا نہ آهن، سي ڇا ڪندا ۽ ڇا ڪيو اٿن؟ اهي خود بہ ٻين مسلمانن ڏيندارن ۽ انگريزيءَ جي اڻ تعليم ورتلن جي پيسن تي پليا ۽ پڙهيا آهن، جو علي ڳڙهہ ڪاليج يا اهڙن ٻين قومي مدرسن يا چندن يا اسڪالرشپن ۾ مڙيئي ٻين مسلمانن جا پيسا ڏنل آهن، انگريزيدان گريجوئيٽن ڪي اهڙي سگهہ ۽ ڇاتي آئي ڪٿان جو هو ٻين مسلمانن وانگي هزارن جا هزار، سون جا سو، اهڙن خيراتي ۽ قومي ڪمن ۾ ڏين. هن ڳالهہ کان ڪوئي انڪار نہ ڪري سگهندو تہ ڪنهن بہ اسلامي يا قومي خدمت ۽ ڪمن ۾ جيترو حصو يا واسطو ٻيا مسلمان وٺن ٿا، اوترو گريجوئيٽ ويچارا، انهن جي پتيءَ ۾ بہ نہ آهن.

اسان جي مٿئين لکڻ سان، متان ڪو ائين سمجهي تہ اسين انگريزي تعليم جي ابتڙ آهيون، جنهن جي هيتري ساري ڳلا ڪئي اٿئون، پر اسان رڳو ٻنهين علمن جي پيٽ ڪئي آهي ۽ ان بابت ٻنهين علمن جي وڏن جا رايا ڏيکاريا اٿئون، جنهن سان پڙهندڙن کي خبر پوي تہ علم ڇا جي لاءِ ٿو پڙهجي ۽ ان جو مطلب ڇا آهي ۽ سندس نتيجو ڇا آهي، نہ تہ انگريزي تعليم جو حاسي، سنڌ ۾ هن ڪتاب جي لکندڙ کان وڌيڪ ڪو نہ هوندو. جنهن جو دلي مطلب آهي تہ نتيجو ڪجهہ بہ ٿئي، مگر مسلمانن کي ان علم مان واقف ٿيڻ ضرور آهي، جو هن حياتيءَ جون ضرورتون ۽ گهرجون هن علم ۽ زبان جي وسيلي ۽ چاڻش ڪري، چڱيءَ طرح آسانيءَ سان پلجي سگهن ٿيون.

جي ماڻهو انگريزي تعليم جي برخلاف آهن، يا سستي ٿا ڪن، سي چڱو نہ ٿا ڪن.

جيڪڏهن مسلمان، انگريزي پڙهي ڪنهن نه ڪنهن نوڪريءَ ۾ ٿيندا ته جيتوڻيڪ هو قومي عزت ۽ ساک نه وڌائن، پر پنهنجي پيٽ پالڻ لائق ٿيندا ۽ عام طرح رواجي سڌريل ته چاٻا، يعني ڪنهن قطار ۾ ته ليکبا، يا جي چڱا مڙس ٿيا ته پوءِ پنهنجي نوڪريءَ ۾ به پنهنجي قوم جي ڪجهه نه ڪجهه خدمت ڪري سگهندا، ڇو ته اسان جي ملڪ ۾ اسان جا ڪي مسلمان اهڙا لائق ٿي گذريا آهن، جو باوجود ان تعليم ۾ وڌن عهدن جي، پنهنجي مذهبي لباس ۽ حڪمن موجب، تمام ڏورهي ۽ قوم ڪي فائدو پئي پهچايو اٿن.

اسان جو مطلب فقط هن ڳالهه جي ڏيکارڻ ڇو هو ته هرون پرون انگريزي تعليم قوم جي چاڙهي ۽ واڌاري، يا مال دولت ۽ عزت حاصل ڪرڻ جو وسيلو يا ڪارڻ نه آهي ۽ نه وري اهو مطلب آهي ته سڀ مسلمان، ديني علم پڙهي عالم فاضل ٿيندا، سو به ٺيڪ نه آهي. مگر اسان ڪي اها ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته دين، مذهب جي پوري وقوفيت سان، انگريزي تعليم پڙهون ۽ ان کي نوڪريءَ جو لازمو نه سمجهون، بلڪ وقوفيت پيدا ڪرڻ ۽ پاڻ ڪي لائق بنائڻ ۽ ليڇڻ سڌارڻ ۽ قوم يا ملڪ جي ڀلي ڪرڻ لاءِ سکون. جيترو ٿي سگهي، اوترو پنهنجون عادتون سڌاريون. هرون پرون، انگريزي پڙهي، انگريزن جي چال نه وٺون. انهن جون به جيڪي چڱيون عادتون هجن، سي سکون، نه ته جيڪي چڱي ڪان چڱيون عادتون ۽ ليڇڻ ۽ ماڻهپو آهي، سو ته وڏو دين اسلام جي حڪمن ۽ ان جي پيروي ڪرڻ سان حاصل ٿئي ٿو. هاڻوڪي چال، جيڪا انگريزي دانن ورتي آهي، سا نڪمي ڪنهن نه ڪم جي، جنهن سان نه هو آسودا ٿيندا ۽ نه ڪين سندن ڪمائيءَ مان ڪا بچت ٿيندي، جو اوکيءَ مهل ڪين

ڪم اچي، ۽ نہ وري ڪائنن کو خير جو ڪم تي سگھندو، نہ پائرن جي مدد پچندي، رڳو لباس ۽ جاءِ جي آرائش سامان ۽ آڪڙ رکائڻ مان ڇا ورندو؟

ان ۾ ڪا عزت ڪانهين. اهڙيءَ طرح اسان جا نيم ملان، جن کي دين جي علم جي دعوي آهي تن جا حال بہ اهڙائي آهن، سي بہ پاڻ کان سواءِ ٻين کي بي دين، دوزخي، ڪافر سمجھيو وٺن. دعوتن ۽ نذرانن ۽ خدمتن ۽ غسل ڪفن، نڪاحن کي پنهنجي روزگار جو سبب پيا ڄاڻن. پرهيز گاري منجھن ذرو بہ نہ ليپي، تن جي علم ۽ ان جي نتيجي حاصل ڪرڻ ۾ بہ ايتري کوٽ آهي، جيتري اسين مٿي اڄڪلھ جي انگريزي تعليم ۾ ڏيکاري آيا آهيون. نہ وري ائين ٿي سگھندو تہ سڀ ماڻھو يا انگريزي تعليم جي پڄاڻي ڪري سگھندا، يا دين جي علم جي، تنهنڪري اسان جي اسلام ۾ بہ ٻہ فرقا مقرر ڪيا آهن. هڪڙا عام ۽ ٻيا خاص. عام ماڻهن تي فقط هيترو فرض آهي تہ هو اسلام جا اصول ۽ ضروري مسئلا سکي ياد ڪن ۽ ان مان ضرور واقف هجن. سندن عقيدا برابر ۽ سالم هجن، شريعت جي هرهڪ حڪم ۽ دين جي علمائن جو ادب ۽ تعظيم رکن. گھٽ ۾ گھٽ، نماز روزي تي ضرور قائم رهن، آسودائي هجين تہ حج ڪن ۽ زڪات ڏين. جنهن بہ نوڪريءَ يا ڌنڌي ۾ رنبيل هجن، تنهن ۾ امانت ۽ ايمانداريءَ سان هلن. قناعت ۽ سادگيءَ سان گذران ڪن تہ ٻيا جيڪي خاص آهن، سي رڳو ڏڻيءَ جي عبادت ۾ مشغول رهن. خلق کي هدايت ڪن، سنئين وات ڏيکارين، توڪل ۽ صبر ۽ رضا سندن مکيہ عادتون هجن، هميشہ کان وٺي اڄ تائين اهي فرقا هلندا آيا آهن ۽ هلندا ايندا. سڀ خاص ڪين ٿيندا. پر عام ماڻھو انهن جي تابع رهندا. اسان کي پنهنجو تہ هن ڳالھ جو آهي

درسگاهن تي ڏاڍي سخت نظر آهي، انهن جا ماستر به تهذيب ۽ اخلاق جو پورو نمونو ۽ مثال ٿا وڪن جنهنڪري پنهنجي فرض پاڙڻ ۾ ڪامياب ٿا رهن.

شاگردن تي ڏاڍي مهربانيءَ جي نظر ٿيندي آهي. انهن جي ذهني ۽ دماغي حالتن جو وڏو لحاظ ٿئي ٿو ۽ هرهڪ شاگرد جي طبيعت جي مدنظر وکبي آهي، ان موجب کيس تعليم ڏبي آهي.

ابتدائي تعليم جو تمام پورو بندوبست آهي.

تعليم جي مت، هڪ هڪ شاگرد کي ترقي يافته بنائڻ جي آهي. يعني تعليم اهو فرض آهي جو اهڙيءَ طرح ڏجي، جو هڪ هڪ شاگرد، پنهنجي عقلي ۽ ذهني ۽ طبعي طاقت موجب، دلجاءِ جهڙي ترقي ڪري، تنهنڪري اٿي تعليم جا هي اصول وکيا اٿن.

(الف) تعليم جو اصل مت، شاگردن کي پورو تيار ڪرڻ ۽ سندس فڪر وتائڻ تي رکيل آهي.

(ب) هرهڪ برانچ ۾، اول سادي ۽ سرسري اصول سان تعليم ڏئي، پوءِ درجي وار، وڏن ۽ اونهن مسئلن تي پهچائن ٿا.

(ج) هرهڪ مسئلو جيستائين شاگرد پورو نه سمجهي، تيستائين اڳتي نه هلائيندا.

(د) تعليم جو ڊول رکيو عقل تي آهي، علم جي بحث ۾ شاگردن جي دماغ تي زور نه ٿا وجهن، نه مذهبي ڳالهين کي ان سان ملائن ٿا ته متان انهن جي دل ۽ دماغ پريشان ٿين.

(هه) هرهڪ شاگرد جي ذاتي عزت جو ڏاڍو لحاظ وکجي ٿو.

(و) تعليم جو هي نتيجو ثابت ڪري ٿا ڏيکارين ته شاگردن ۾ جي ڳجهيون طاقتون آهن، سي ظاهر ٿين، ائين نه ته ٻيون نيون قوتون ان ۾ داخل ڪجن.

(ز) طاقت ڪـي معلومات ۽ ذهن ڪـي تعليم سان ٿا وڌائن.

(ح) شاگرد ۽ استاد پاڻ ۾ هرهڪ جي عزت ۽ مرتبي موجب هلن ٿا.

(ط) تعليم جـو خاص مطلب، نفس سڌارڻ لاءِ چاتو وڃي ٿو.

يورپ جي سيني اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ تعليم انهيءَ طرح ڏجي ٿي. هاڻي ٿورن ڏينهن منجهه وري ان ۾ به سڌار ڪئي اٿن، سا هيءَ آهي:

(الف) جڏهن ته تعليم جو اصل مطلب ۽ غرض هـي آهي ته شاگردن جـون عقلي طاقتون وڌن، مگر ان لاءِ ڪا آسان ۽ سولي واٽ ڪانه هئي، هاڻي ان جي هيءَ حد مقرر ڪئي اٿن ته فقط ڪم ڪن، جي سمجهي سگهن.

(ب) اڳي سيني ڪان وڌيڪ علم طبعي چاٽندا هوا. هاڻي به ان ڪان انڪار نه اٿن، پر تڏهن به وڏن عالمن جي راءِ آهي ته زبان جي سڌار يا بگاڙ ڪان قومون سڌرن يـا بگڙن ٿيون، تنهن ڪري علم طبعيءَ ڪان به علم تحرير ۽ تقرير تي وڌيڪ زور ٿا ڏين.

(ج) اڳي جاگرافي ۽ حساب ۽ سائنس تي زور هـو، هاڻي زبان ۽ علم تحرير ۽ تاريخ تي زور آهي.

(د) هاڻي نفسي تعليم سان فزيڪل سائنس به رکي اٿن.

جڏهن ته يورپ ۾ اهڙن اصولن تي تعليم ڏني وڃـي

ڦي، ڏڍهن تہ زپلين ۽ مارڪوني، بيڪر ۽ ڊگسن جهڙا ماڻهو
اڀري پيدا ٿين ٿا.

تعليم هڪ وڻ جي مثال آهي، جنهن جي نئڙي ٻج
۾ سارو وڻ لڪل رهي ٿو، جو پوءِ پاڻيءَ ڏيڻ سان وڌي ۽
ڦري، پنهنجي سبزي ۽ بهار ڏيکاري ٿو. اهڙيءَ طرح ٻج وانگر
اهي طاقتون ٻارن ۾ ڳجهيون آهن، جو تعليم جي پاڻيءَ سان
وڻ وانگي وڌي، پنهنجي بهار ڏيکارين ٿيون.

پر هت وري جيڪا تعليم ٿي ڏجي، تنهن وري الٽو
اثر ڪيو آهي، جو ٻارن جي دماغ تي بار وجهي، انهن جي
طبيعت ۽ ذهن ڪند ڪري ٿي ڇڏي ۽ سنجهن اپرڻ جون
طاقتون دٻجي ٿيون وڃن.

هيترا سال ماڻهن کي تعليم ورتي ٿيا آهن، پر اڃ تائين
ڪنهن بہ تعليم يافتي، اعليٰ تعليم جو ست ۽ نتيجو بہ سهي
ڪونہ ڪيو آهي.

اسلام ۽ تعليم جو پاڻ ۾ قدرتي لاڳاپو آهي، جو
هرهڪ مسلمان مرد توڙي زال تي علم سکڻ فرض آهي. مگر
افسوس تہ مسلمان وري ان ڪان ايتري قدر غافل ۽ بي پرواهہ
آهن، جو ان کي پنهن قومن وانگي ضرور نہ ٿا ڇاڻن.

## مسلمان چو خاص طرح تعليم ڏيارڻ جا حقدار آهن

مسلمانن کي تہ پنهنجي فرض پاڙڻ ۽ هستيءَ قائم
رکڻ لاءِ علم پڙهڻ فرض آهي ۽ سرڪار کي وري خاص طرح
سان مسلمانن کي تعليم ڏيارڻ ۽ رعايت ۽ مدد ڪرڻ لاءِ
هيٺيان سبب آهن:

مان ملڪ جو امن ۽ آرام هجي. باقي قومون ۽ انهن جي آزادي ۽ اهڙيون تحريڪون به علم مان ٿين ٿيون. اگر مسلمانن ۾ علم هوندو ته پوءِ هو بنگال وانگر هروپرو فساد نه ڪندا، آزادي گهرندا ته اها به امن ۽ صلاح مان جو سندن حق آهي. ان لاءِ به سرڪار کي سوچڻ گهرجي. هڪ سچ به پاڇا چوندا آهن. اڳ مسلمانن جي حڪومت هئي، هاڻي انگريز جو راڄ آهي. اهي ڦيرا ايندا، جن ۾ نيٺ انگريز کي هي ملڪ، هتي جي ماڻهن کي ڏيڻو پوندو، جن کان ورتو هئائين.

اسان جو چوڻ آهي ته ان ڳالهه کي خيال ۾ رکي، هاڻي ئي، انهن کي تيار ڪرڻ گهرجي. انهن کي تعليم ۽ تهذيب جي زيور سان سينگارڻ گهرجي.

## سرڪار کي تعليم لاءِ ڪهڙا اپاءَ ڪرڻ گهرجن (۽ مسلمانن لاءِ ڇا ڪن)

(1) جيتوڻيڪ سرڪار باالفعل هن ڳالهه لاءِ خرچ جي ڪثرت ڪري، يا پين سڀين کان تيار نه آهي، يا نه هجي، تڏهن به ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن ضرور ان ڳالهه تي ايندي ته سنڌ جو ملڪ سواءِ هن جي ته مسلمانن ۾ لازمي تعليم جو ايڪٽ پاس ڪجي، ڪڏهن ڪين سڌرندو. ۽ ان ۾ نه ڍوهه گهٽ ٿيندا.

اسان جو اهو مطلب ناهي ته هرو ڀرون، عام طرح سان اهو قيد هجي ته سڀ ماڻهو، يعني جنهن کي جيترو اولاد هجي سو لازمي تعليم ۾ داخل ڪجي، يا ان جي اڻ تعميل ڪان سڀن سخت سزائون مقرر ڪجن. مگر اهڙي دانائي ۽ ويچار سان اهو قاعدو ٺاهجي ته لال به لپي ۽ پريت به رهجي اچي. يعني گهٽي اولاد سان ڪو عدد مقرر ڪجي ۽ ساري

ڪاٿي جي، هڪ ٻئي جي حوالي هجڻ ڪري، پنهنجو لٽريچر ۽ ڪورس تمام خراب ڪري ڇڏيو آهي. ڪمائتي تعليم بلڪل نه ٿي ٿئي، جنهن مان شاگردن جو ذهن کلي يا لچڻ سڌرن.

(12) سيڪنڊري تعليم، ديني تعليم مان گذ، يوروپ جي نموني تي هئڻ گهرجي. جئن ته مٿي ڏيکاريو ويو آهي ته يوروپ ۾ ڪئن تعليم ملي ٿي، ان موجب ڏيارجي.

(13) ڪورس جا ڪتاب دلچسپ ۽ معلوماتي هجن، انهن ۾ اجائي اينگهه ۽ پٽار نه هجي، نه ڪو اجايا سجايا خوشامندي، بادشاهي گيت ۽ ڪلام سنجهس هجن.

(14) هن ملڪ جي حالتن آهر ۽ سندن حال چال آهر اهڙا سهنجا ۽ سهٽا سبق هجن، جن جي پڙهڻ سان منجهن سجاڳي پيدا ٿئي. وڳو اهڙا بيسود ۽ بيڪار سبق نه هجن، جي ڪين وتيڪ لوليون ڏئي، سمهاري ڇڏين.

## ڪاميٽيءَ جي راءِ، ديني ڪتابن بنسبت

هن ڪتاب جي جوڙيندڙ ۽ ٻين ٻن صاحبن ڪي، جو هڪ صاحب ’الحق‘ اخبار جو ايڊيٽر هو، ٻيو رياست جو مفتي ۽ عالم هو سيني ڪي، مرحوم شيخ صادق علي صاحب، اڳوڻي وزير رياست خيرپور جي گهرائي، ديني اٺ ڪتاب تيار ڪرايا هئا ته جناب ڪمشنر صاحب بهادر ممالڪ سنڌ جي منظوريءَ سان تعليم کاتي ۾ داخل ڪجن.

جڏهن اهي ڪتاب ٺهيا ۽ تيار ٿيا، تڏهن انهن جي پرکڻ لاءِ هڪ وڏي ڪميٽي ٿي. سنڌ مان عالمن ۽ پڙهيلين جا اعتراض خيال ۾ آندا ويا، پوءِ وري هڪ ٻي ڪاميٽي ٺهي، جنهن ۾ جوڙيندڙ هن ڪتاب جو به سڪيه ميمبر هو، تن انهن ديني ڪتابن جي نسبت هيٺين راءِ ڏني هئي ته ڪيئن هو سرڪاري اسڪولن ۾ پاڙهجن.

راءِ: سنڌ ۾ 24 لکن مسلمانن جي آبادي آهي. اهي باوجود تعليمي اسباب موجود هئڻ جي، هلندڙ رواجي تعليم کان جو محروم رهجي ويا آهن، تنهن لاءِ ٻين سببن مان گڏ وڏو سبب اهو به آهي، جو موجوده تعليم مان مذهبي ۽ اخلاقي تعليم ملي نه ٿي سگهي، جو هوند مسلمانن جي تعليمي پستيءَ تي اثر وارو ٿئي.

عالي جناب شيخ صادق علي صاحب بهادر وزير رياست خيرپور جي هن ضروري ۽ مسلمانن جي حسب حال تعليمي

ڪورس تيار ڪرڻ لاءِ هڪڙي ڪاميٽي مقرر ڪرڻ فرمائي هئي، جنهن جا اسين هيٺ صحيح ڪندڙ ميمبر آهيون.

اسان پاڻ ۾ هم صلاح ٿي، ڪيترن علمائن ۽ علي گڙهه ڪاليج ۽ انجمن حمايت اسلام لاهور جي مسلماني ۽ ٻين ڪتابن مان مدد وٺي، پهرئين ڪلاس کان ٽئين ڪتاب تائين ڪتاب تيار ڪيا آهن. اسان جي نظر ۾ اهي ڪتاب نهايت مفيد آهن ۽ موجوده زماني ۾ مسلمان شاگردن کي جيتري مذهبي ۽ اخلاقي واقفيت جي ضرورت آهي، سا انهن ئي ڪتابن جي پڙهڻ مان بخوبي حاصل ٿي ويندي.

انهن ڪتابن جي تيار ڪرڻ ۾ هيٺين ڳالهين تي خاص طرح ڌيان ڏنو ويو آهي.

(1) مسلمانن کي مذهبي تعليم ملي، جنهن ڪري منجهن عام دنيائي تعليم جي رغبت پيدا ٿئي.

(2) مسلمانن شاگردن جا اطوار سڌرن، وڏن جو ادب سکن، پنهنجي ملڪ ۽ قوم سان وفاداريءَ ۾ مضبوط رهن. انساني همدرديءَ ۽ رحمدليءَ جو مادو منجهن پيدا ٿئي. نيڪ چال سکن، بد ڪمن کان باز رهن، جنهنڪري سندن وجود خلق خدا لاءِ مفيد ثابت ٿئي.

(3) مذهبي ۽ اخلاقي تعليم، جا انهن ڪتابن ۾ ڏني وئي آهي سا نه رڳو قرآن ۽ حديث جي حوالن سان پر ان لاءِ عقلي دليل به ڏنا ويا آهن. هن لاءِ ته پڙهندڙن کي پورو اثر ويهي، سي ڪنهن حالت ۾ پڪا ديندار، پڪا مودب، پڪا ملڪ ۽ قوم سان وفادار، پڪا همدرد ۽ نيڪ چال ثابت ٿين. تنهن کانسواءِ ڪتابن جي ترتيب به ڪامل غور ۽ فڪر سان

قائم ڪئي وئي آهي. (ان ڪان پوءِ ڪتابن جو تفصيل آهي) سو ڇڏي باقي سکيم مطلب تو ڏيکارجي. اسان جي راءِ ۾ اهي ڪتاب هر طرح رائج ڪري سگهجن ٿا.

(1) سنڌ ۾ جيڪي انڊيجنس توڙين ايڊيڊ مسلماني مڪتب ۽ مدرسا آهن، اُن ۾ سرڪاري درسي ڪتابن جي بجاءِ، هي ديني ڪتاب پاڙهيا وڃن، ۽ انهن سان گڏ، قرآن شريف به پڙهائجي. اهو ڪم ته ملان چڱيءَ طرح ڪري سگهندا، باقي حساب ۽ جاگرافي يا تاريخ لاءِ هرهڪ ايڊيڊ انڊيجنس مڪتب ۾ مسلمان نائب ماستر وڪڻ جي سرڪار کي استدعا ڪجي.

(2) لوڪلبورڊ اسڪولن ۾ هيءَ ديني ڪتاب رائج ڪرڻ مشڪل ٿيندا، تنهنڪري اسڪول جي وقت مان ڏيڍ ڪلاڪ بچائي، ڪل ابتدائي ڪلاس هنن ديني ڪتابن جي تعليم، مسلمان شاگردن کي ڏجي.

ان لاءِ ضرور مسلمان ماسترن جي ضرورت پوندي، تنهن لاءِ هيئن ڪجي ته هرهڪ اسڪول ۾ هڪ يا ٻه، نائب يا ماستر ته ضرور مسلمان وڪجن، پر جي ڪاٿي ائين نه ٿي سگهي ته ڪنهن مسجد جي هوشيار ملان کي الائونس ڏجي ته اهو وقت اچي پڙهائي.

اسڪول جو ٽائيم هرهڪ ڪم لاءِ هڪ هڪ، هڪ هڪ ڪلاڪ آهي. ان جي عيوض 45-45 منٽ مقرر ڪري، ڏيڍ ڪلاڪ وقت بچائجي ته مسلمانن جو ديني ڪورس پورو ٿي سگهندو.

(3) ابتدائي اسڪولن ۾ ديني ڪتابن سان گڏ قرآن شريف به اهڙيءَ طرح ورهائي پاڙهيو وڃي، جو ستين درجي تائين سارو قرآن مجيد روان پڙهي وڃن.

(4) سيڪنڊري تعليم ۾ به پهرئين درجي انگريزيءَ واري کي پنجون ديني ڪتاب، ۽ ٻئي درجي واري کي ڇهون ۽ ٽئين واري کي ستون ۽ چوٿين واري کي اٺون ڪتاب پاڙهيو ويو. ان کان مٿي ستين درجي ڏائين قرآن مجيد جو ڪو عمدو ۽ مختصر تفسير يعني وڌو ترجمو پڙهايو وڃي. ان لاءِ مسلمان پرشن ٽيچر رکيا ويندا ته بس ٿيندو، يا ڪو ٻيو جوڙجڪ ڪيو وڃي. (هت ڪاميٽيءَ جي رپورٽ پوري ٿي.)

# آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس ۾ ٺهراءُ 1907ع

## ڪراچيءَ جا ريزوليشن

مسلمانان سنڌ جي تعليم بہ نسبت آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس، جا سال 1907ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿي هئي، تن جي عرضداشت تي بہ سرڪار کي ڌيان ڏيڻ گهرجي، جنهن صورت ۾ هاڻي سرڪار جو خيال پڻ ٿيو آهي. چو تہ ايڏي سيڙ جي ڳالهہ ڳالهہ، يا ڪوبہ ٺهراءُ مصلحت کان خالي نہ آهي.

بهتر آهي تہ ان مان ڪي وري ضروري ٺهراءَ، تازي طرح سرڪار جي ڌيان تي آڻيون، تہ پين اپائن مان ڳڻ هنن تي بہ نظر رکجي، جي مختصر طرح اسين هيٺ سڀ ڇپي آيا آهيون.

## ريزوليشن نمبر 3 فارسيءَ بابت

”جڏهن تہ مسلمانن کي فارسي زبان سان عام طرح دلچسپي آهي، پين قومن جي بہ نسبت مسلمان ان ۾ گهڻي محاورت رکندا آهن، تنهنڪري هن ڪانفرنس جي راءِ ۾ آهي، تہ سرڪار کي درخواست ڪجي تہ سرڪاري مدرسن ۽ اسڪولن مان جو فارسي زبان ڪڍي وئي آهي، سا وري داخل ڪري ۽ ان لاءِ لائق مسلمان ماستر مقرر ڪري.“

جڏهن ته هندن کي سنڌي زبان جي بلڪل ضرورت نه رهي، فقط هنن جو مطلب هو ته انڌا سنڌا اکر ڄاڻي، پوءِ سمورو وقت انگريزيءَ تي وڃايون ته اهو ڪمائتو ٿيندو، جنهن سان هنن فائدو به ورتو. مگر اها انهن جي ڀل آهي، ڇو ته فارسي علم ڪانسواءِ، انهن ۾ ادب ۽ فضيلت ۽ مادري زبان جي سڌار ڪانهين. سنڌي لٽريچر ۾ ڀاشا گڏائي، ان کي اهڙو نڪمو ۽ ردي ڪري ڇڏيو اٿن، جو ڪنهن ڪم جو نه آهي ان ڪري مسلمانن ڪان انگريزي ته اوئين پري آهي، باقي سنڌي لٽريچر جو فارسيءَ سان سهڻو ۽ سڌريل هو، سو به وڃو. نه ته بروقت پرائمري تعليم ۾ جيڪو ڪورس هو، تنهن ۾ فارسي ڪتاب هوندا هئا، جنهن ڪري انهن جي پڙهڻ سان، دماغ ۽ ذهن کلندو هو. سنڌي لکپڙهه ۾ چڱي طاقت ٿيندي هئي، هاڻي ڪجهه به نه آهي! نه رڳو فارسي ڪڍي، سنڌي لٽريچر خراب ڪيو ويو آهي، پر ان ۾ مسلمان بادشاهن جون ڪوڙيون ڳالهيون، مذهبي ڳالهين جون غلط خبرون داخل ڪيون ويون آهن، جنهن سان هندن جي ٻارن تي، مسلمانن جي ٻاران بد اثر ويهي ٿو ۽ پاڻ ۾ انهن جو نفاق وڌندو ٿو وڃي، جا ملڪ لاءِ خراب ڳالهه آهي. تنهن ڪانسواءِ فارسيءَ جي ضرورت اڃا تائين به سرڪار کي محسوس آهي، جو انگريزي وڏن امتحانن ۾ فارسي رکي وئي آهي. مگر اها شاگرد، وڏائيءَ ۾ لاچار ڪان سرسري ڪم نپائڻ لاءِ پڙهن ٿا، جو وري ڪين هڪ اکر به ياد نه ٿو رهي، پر جيڪڏهن منڍ ڪان اڳي فارسيءَ جا ننڍا ڪتاب هوندا هئا، تيئن رکجن ته شاگردن ۾ ادب ۽ فضيلت پيدا ٿئي ۽ سنڌي زبان، جا هن ملڪ جي مادري ٻولي ۽ سرڪاري دفترن جي زبان آهي، سا به سڌري. ڇو ته ننڍائيءَ جو اثر سدائيءَ تائين رهي ٿو. (تقرير پوري ٿي)

ائين تقرير کان پوءِ ريزوليشن پڙهان ٿو: ”هن ڪانفرنس جي راءِ ۾ سنڌي زبان جو هاڻوڪو ڪورس، جنهن ۾ گهڻو ڪري مسلمانن ٻارن جي تعليم ٿئي ٿي، سو تن جي ليکڻ سڌارڻ ۽ دنيا جي عام واقفيت پيدا ڪرڻ لاءِ پورو نہ آهي، تنهنڪري مناسب معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌيءَ سان گڏ فارسيءَ جي تعليم بہ شامل ڪجي.“ تحريڪ ڪئي شمس الدين ’بلبل‘ ۽ تائيد ڪئي خانصاحب مرزا صادق علي بيگ.

## عقيدي جي خلاف عبارتون خارج ڪجن
## ريزوليشن نمبر 2

”جڏهن تہ هن ڪانفرنس کي معلوم ٿيو آهي تہ سنڌي زبان جي هاڻوڪي تعليمي ڪتابن ۾ بعضي ڪي عبارتون مسلمانن جي عقيدي جي برخلاف ۽ سندن دل ڏکوئيندڙ آهن، تنهن ڪري ڪانفرنس، تعليم کاتي کي درخواست ٿي ڪري، تہ هو سنڌي اسڪولن ۾ هاڻوڪن ڪتابن کان ٻيا ڪتاب، جي مسلمانن جي خيالن ۽ مذهب جي برخلاف نہ هجن، سي جاري ڪري.“ تحريڪ ڪندڙ مسٽر غلام حسين پليڊر، تائيد ڪندڙ مسٽر شمس الدين ’بلبل‘.

## سنڌ لٽريچر ڪاميٽي، ريزوليشن نمبر 7

هن ڪانفرنس جي راءِ ۾ هڪ ڪاميٽي، جنهن جو نالو ”سنڌ لٽريچر ڪاميٽي“ هجي، قائم ڪجي، جنهن ۾ لائق ۽ چونڊيل ماڻهو ميمبر ٿين ۽ اهي سنڌ جي مسلمانن ٻارن لاءِ

سنڌي ڪتاب ٺاهن، جن ۾ مذهبي ۽ اخلاقي مضمون هجن.*
تحريڪ ڪئي، مرزا قليچ بيگ صاحب ۽ تائيد ڪئي مسٽر
شمس‌الدين 'بلبل'.

## مسلمان ماستر ۽ ممتحن ريزوليشن نمبر 16

هن ڪانفرنس جي راءِ ۾ سنڌ منجهه هن ڳالهه جي بلڪل ضرورت ڏسجي ٿي ته مسلمان ماستر يا ممتحن هئڻ گهرجن، جي ان ڪم لاءِ پورا لائق هجن. تنهنڪري درخواست ٿي ڪجي ته تعليم کاتو انهن جي تيار ڪرڻ جو اپاءُ ڪري ۽ جيستائين هو اهڙا لائق ماڻهو سنڌ مان تيار ڪري تيستائين پين ملڪن مان به گهرائي، اها ڪمي پوري ڪري.

نوٽ: لياقت جي ڪسوٽي رڳو انگريزي تعليم ٿي نه هجي، بلڪ سيڪنهن ڪم موجب، جا لياقت گهرجي، سا مقرر ڪجي، نه ته ڪيترا هندو پرشن ٽيچر ڏنا ويا آهن، جن کي فارسي زبان ۾ ڏرو به لياقت ڪانهين.

## انگريزي اسڪول ۽ بورڊنگ ريزوليشن نمبر 17

هن ڪانفرنس جي راءِ آهي ته جن سب ڊويزنن سنڌ ۾ انگريزي اسڪول نه آهن، اتي اسڪول قائم ڪن، ۽ هرهڪ

---

* نوٽ: هن موجب، جيڪي اسان ڪان مرحوم شيخ صاحب وزير، ڪتاب ٺهرايا آهن ۽ جي عام راين سان ڪاميٽيءَ پاس ڪيا آهن ۽ جن جو چيرمن مرزا قليچ بيگ صاحب هو، سي به ڏسڻ گهرجن. ضرورت هجي ته بيا به ٺهرائجن. 'بلبل'

مٿيون نوٽ، جو حاشيه ۾ آندل آهي، سو ڇپائيءَ جي پراڻي طريقي موجب، اصل متن ۾ ڇپيل آهي. اهو هت ذار ڪري پيش ڪيو ويو آهي، جئن ٺهراءَ نمبر 7 متعلق وضاحت سمجهڻ ۾ اچي.
— گرامي.

سب ڊويزن ۾ ٻاهرين مسلمانن لاءِ ضرور بورڊنگ هائوس ٺاهڻ گهرجن.

## مسلمان ڊپٽي انسپيڪٽر ريزوليشن نمبر 19

هن ڪانفرنس جي راءِ آهي ته هڪ هرهڪ ضلعي ۾ هڪ مسلمان ڊپٽي انسپيڪٽر مقرر ڪجي، ته خانگي يا ملن جي مڪتبن جي سنڀال ڪندو رهي، ۽ انهن کي سرڪار مان پوري مدد گرانٽ جي ملي، جنهن مان هو سڌرجن ۽ انهن مان شاگرد اهڙا ٿي نڪرن، جو يڪدم بورڊ اسڪولن ۾ ڪمائتا ٿين.

## تعليم مفت، ريزوليشن نمبر 24

هن ڪانفرنس جي راءِ ۾ ابتدائي تعليم ماڻهو جي حياتيءَ لاءِ ضرورائتي آهي، جا سنڌ جي ميونسپل ۽ لوڪل اسڪولن ۾ مفت ملڻ گهرجي.

## لازمي تعليم، ريزوليشن نمبر 26

جڏهن ته سرڪار ۽ قوم جي گهڻو ڪري، سنڌ جي مسلمانن لاءِ تعليم وڌائڻ ۾ ڪوشش آهي، مگر ان ۾ اڄ تائين ناڪامي هلي ٿي اچي، تنهنڪري هن ڪانفرنس جي راءِ آهي ته جي زميندار 500 کان زيادهه ڊل پريندڙ آهن، تن لاءِ لازمي تعليم مقرر ڪجي ته جهڙيءَ طرح، ميرن جا ٻار ڪراچي مدرسي ۾ پڙهن ٿا، اهڙيءَ طرح انهن جا ٻه اتي وڃي پڙهن.

انهن سڀني ٺهرائن جو مت اسان مٿي ذڪاري آيا آهيون ۽ هي ريزوليشن ٻه اسان جي رپورٽ ٿي ڏيار ٿيا هئا، جو ڪانفرنس جي سيڪريٽريءَ سنڌ جي پرائمري ۽ سيڪنڊري

تعليم بابت رپورٽ گهري هئي ته مسلمانن لاءِ ڪهڙا اپاءَ گهرجن.

جڏهن ته هاڻي خود سرڪار جو خيال ڏيو آهي، تڏهن اسان مقامي آفيسرن جي ڌيان تي هي گهرجون ۽ رٿون پيش ڪريون ٿا، جن سان ڪين چڱي مدد ملندي.

جيڪڏهن سچ پچ سرڪار کي مسلمانن جي تعليم کي ترقي ڏيارڻي آهي، ته پوءِ مٿئين رٿن سان ضرور هوءَ ڪامياب ٿي سگهندي.

پڇاڙيءَ ۾ جئن اسان هر طرح سرڪار جو ڌيان ڇڪائي رهيا آهيون، تئن پنهنجي مسلمان قوم کي به وڏي زور سان اپيل ڪريون ٿا ته خدا جي نالي پاڻ تي ۽ پنهنجي اولاد تي رحم ڪريو ۽ انهن کي تعليم ڏياريو ته اوهان جي هستي، اوهان جي قوميت، اوهان جو مذهب، اوهان جون ملڪيتون، اوهان جي خانداني قائم رهي ۽ جيترو ٿي سگهي اوترو پنهنجي مدد پاڻ ڪريو ته سرڪار به اوهان سان همراهي ڪندي. پر جي اوهان رڳو مٿا پيا هوندا ۽ ذرو به هٿ پير نه چوريندا ته پوءِ سرڪار ڇا ڪندي؟ وري به ان کي شاباس آهي جو اسان جي هيتري غفلت ۽ بي پرواهيءَ هوندي به، اسان لاءِ ڪجهه نه ڪجهه پيئي ڪري. پر جي اسان کي همت پريو ۽ شوق وارو ڏسي ته وڏي خوشيءَ سان هن ڪان وڌيڪ هوند مدد ڏئي. "بلبل"

# ضروري ضميمو ڌيان طلب

جو تعليم جي بنسبت بمبئي سرڪار جي انگريزي پمفلٽ شايع ٿيڻ ڪان پوءِ، لکڻ ضرور ٿيو آهي. اميد ته اسان جي سنڌ جا آفيسر ان تي خاص طرح ڌيان ڏيڻ فرمائيندا.

'بلبل'

پڙرو هجي ته هن ڪتاب جي ڇپجي رهڻ ڪان پوءِ، بمبئي سرڪار جو هڪ انگريزي پمفلٽ ڇپيل پهتو، جنهن ۾ بمبئي پريزيڊنسيءَ جي مسلمانن لاءِ، تعليم بابت جيڪي مٿين سرڪار ڪيو آهي، يا جن جي رٿ درپيش آهي، سڀ احوال ڏيکاريو آهي. ان جي ڏسڻ مان معلوم ٿيو ته اسان جي استدعائن مان ٻن ڳالهين بابت ته اپاءُ ڪيو ويو آهي، يعني ته ملن جي مڪتبن کي سڌارڻ لاءِ هڪ خلاصو مسلمان ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر، يہ نائب (ڊپٽي) ۽ انهن جو ضروري عملو حيدرآباد ضلعي ۾ آزمائش طور مقرر ڪيو ويو آهي. اميد ته اهو صاحب ملن جي مڪتبن سڌارڻ لاءِ ڪي اهڙا اپاءَ جاچيندو، جنهن ڪري جناب هيسڪيٿ صاحب بهادر، ايجوڪيشنل انسپيڪٽر سنڌ جي خيال موجب، اهي خانگي مڪتب، مددي اسڪولن جي صورت وٺي، بلڪ دهقاني اسڪولن جهڙو ڪم ڪندا، ته پوءِ البت چڱو نتيجو نڪرندو. اهڙي ڪوشش ڪرڻ، ان مسلمان ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪر جو مکيہ فرض هئڻ گهرجي.

## لوڪلبورڊ اسڪول

انگريزي پمفلٽ سرڪاريءَ ۾، لوڪلبورڊ اسڪولن لاءِ قرآن پڙهائڻ جي جا رٿ خانگي وقت ۾ خلاصي طرح خاص مسلمانن لاءِ رٿي ويئي آهي، سا تمام پسنديءَ جـي لائق آهي، ۽ ان بابت اسان هن ڪتاب جي ص 69 کان 71 تائين، ان بابت صلاح ڏني آهي، ته قرآن يا مذهبي ڪتاب لوڪلبورڊ اسڪولن ۾ ڪيئن پاڙهجن، يعني پرائمري تعليم ۾ رڳو قـرآن روان ۽ ديني ڪتاب، جـي مرحوم شيخ صادق علي نهرايا هئا، سي پاڙهجن ۽ سيڪنڊري تعليم ۾ ديني ڪتاب ۽ قرآن جا ترجما پاڙهجن، ۽ ڪهڙيءَ طرح انهن لاءِ وقت مقرر ڪجي، سو پڻ ڏيکاريو ويو آهي.

۽ هن پمفلٽ ۾ به ساڳي رٿ آهي، مگر ان ۾ رڳو قرآن بابت ذڪر آهي. اسان جو مطلب آهي ته ان سان گڏ ڪجهه درجيوار ننڍا ديني ڪتاب به پاڙهڻ ۾ اچن ته وڌيڪ فائدو ٿيندو. ان بابت مثل قوم مان ڪو آواز اٿڻ، يا درخواست ڪرڻ جي اميد نه رکي، سرڪار از خود بندوبست ڪندي.

## اسڪالرشپون

سرڪاري پمفلٽ ۾ انگريزي تعليم همٿائڻ لاءِ جـو اسڪالرشپن جي رٿ ڏيکاريل آهي، جا جناب نواب حضور ڪمشنر صاحب بهادر ممالڪ سنڌ، جي موڪلي آهي، سا نهايت مفيد ۽ شڪرگذاريءَ جي لائق آهي، ۽ مسلمانن جي تعليم جو راز سڀ ان ۾ ڇپيل آهي، ۽ انهن جي مرضن جو علاج ئي اهو آهي.

جنهن ۾ ڏيکاريل آهي ته انهن رٿن موجب سال به سال 95 هزار رپيا ۽ فقط پهرين ٽن سالن لاءِ هڪ لک 80 هزار رپيا خرچ ٿيندا.

جون جايون سو کن ٽائين وڌائجن، تہ اهي پڻ مدرسا، لاڙڪاڻي ۽ سکر جا، اپر سنڌ وارن لاءِ ڏاڍا ڪمائتا ٿيندا، ۽ ڪراچي مدرسہ تان بہ بار لهي پوندا. اپر سنڌ وارن کي دوري پنڌ جي ڪري بہ وڏو سهنج ٿيندو ۽ اهي پڻ مدرسا چڱا چاڪ پرجي ويندا.

اهڙيءَ طرح نوشهره جي مدرسي کي زور وٺائجي. جيڪڏهن سنڌ ۾ خاص مسلمانن لاءِ اهي چارئي مدرسا، ڪراچي مدرسي جي نموني ۽ پيماني تي ٿي وڃن ۽ انهن ۾ اسڪالرشپن جي رقم فري بورڊري طرح ڪين ڏيارجي تہ پوءِ مسلمانن جو پيڙو پار آهي ۽ انهن کي تعليم پرائڻ ۾ ذرو بہ انڪاءُ يا ڪا مشڪلات نہ رهندي ۽ پوءِ سرڪار جو بہ سڀ فرض ادا ٿي ويندو.

هاڻوڪي صورت ۾ هڪ مدرسو ڪراچيءَ جو بلڪل پورو نہ ٿو پوي، ڪيترا اميدوار رهجي ٿا وڃن. فري بورڊري نہ ملڻ ڪري، يا ڪي سنڌي ڪاسٽيءَ لاءِ تياري ٿا ڪن، ڪي تہ اصل تعليم کي ڇڏي ٿا ڏين. ڪراچي مدرسہ جي بہ نسبت ٻين اسڪولن يا هاءِ اسڪولن ۾ انهن کي همت نہ ٿي ٿئي، جنهن لاءِ مٿيان ٻہ سبب آهن: هڪ پيسي نہ هجڻ جو، ٻيو مذهبي تعليم ۽ همدرديءَ نہ هجڻ جو. تنهن ڪري جيڪڏهن ٻيا مدرسا بہ ڪراچيءَ جهڙا کليا ۽ انهن ۾ فري بورڊرن جو عدد چڱو وڌيو تہ سنڌ جي مسلمانن لاءِ هر طرح جي آساني ۽ سهوليت ٿيندي، عمدا ۽ آسان رستا تعليم لاءِ کلي پوندا. انهن مدرسن جي خاص طرح مقرر ٿيڻ ڪري، مسلمانن ۾ گهڻو چاهہ ۽ ترغيب، تعليم جي ٿيندي. ۽ اهو اڻ گس علاج ثابت ٿيندو، جتي مسلماني مدرسا نہ هجن ۽ اينگلو ورنيڪيولر اسڪول، يا هاءِ اسڪول هجن تہ اتي فقط مسلمانن جي رهائش لاءِ بورڊنگ هائوس هجن، جن ۾ بہ گهڻو عدد فري بورڊرن

پڇاڙيءَ ۾ اسين وري به سرڪار جو هن ڳالهه تي ڌيان ڇڪائڻ ضرور ٿا چاهيون ته هاڻوڪي تعليم ۾ جيڪا اهل راءِ ۽ مدبر ماڻهن جي شڪايت آهي، تنهن کي به وڃائڻ ضروري آهي. جئن ته هڪڙي وڏي عالم جي راءِ آهي ته هڪ ڇڳو شاگرد، جو ڪڏهن به ناڪاميءَ جو منهن نه ٿو ڏسي ته اهو ڏهن يارهن سالن ۾ اسڪول جي منزل جهاڳي چڙهي ٿو، مگر ڏسجي ٿو ته هو ميٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ به پاڻ ۾ اهڙي قابليت پيدا نه ٿو ڪري، جهڙي گهرجي.

تجربه سان ثابت ٿيو آهي، ته ڪن نوون شاگردن کان سواءِ ميٽرڪ وارا، پوريءَ طرح ليٽر به نه ٿا لکي سگهن، مگر نوڪريءَ ۾ وڃڻ ۽ ڪيترن ڏينهن جي استعمال کان پوءِ سس هو لکڻ پڙهڻ جهڙا ٿا ٿين. هو ڪتابي حساب ۽ معلومات ته سڀ ڪجهه ڄاڻن ٿا، مگر ڪاروباري دنيا ۾ هو ڪجهه ڪري نه ٿا سگهن.

ان کان سواءِ طالب علميءَ جي ڏينهن ۾، جي زبانون عربي، فارسي، اردو وغيره پڙهن ٿا، جيڪڏهن انهن جي ڪورس جا ڪتاب ۽ صفحا ڏسجن ٿا تڏهن هڪ وڏو انبار ٿو نظر اچي، مگر ياد ته انهن کي خاڪ به نه ٿو رهي. مٿين زبانن ۾ هو ڪو اهڙو خط يا مضمون نه ٿا لکي سگهن، نه پڙهي ٿا سگهن، باقي جنٽلمين سو پورا شاگرد هوندا، جي ڪجهه لياقت علمي پرائن ٿا. مگر اصل مطلب ۽ نتيجو تعليم جو جيڪو آهي، تنهن کان هو بلڪل بيخبر آهن، يعني جيڪي علم مادي ترقيءَ جو ذريعو آهن، يا جن جي ڄاڻن کان سواءِ علم يا هنر بيڪار آهي، تنهن کان ته هو ڪوري جا ڪورا رهن ٿا. انهيءَ ڪري، اسان جي مٿي ڪتاب ۾ استدعا آهي ۽ ڪراچي ڪانفرنس به اهڙي عرض جو ريزوليشن پاس ڪيو هو، ته پرائمري تعليم ۾ فارسي زبان کي ڇڳيءَ طرح

وري رائج ڪجي، ته بنياد کان وٺي، ان زبان جي لياقت ۽ اخلاق، شاگردن ۾ اثر ڪن ۽ اعليٰ تعليم ۾ هنن کي ڪم اچي ۽ هميشه ٽائين ساڻن وفادار رهي. جڏهن ته اسان سيڪنڊري ۽ اعليٰ تعليم جو حال مٿي ڏيکاري آيا آهيون ته پرائمري انهن کان به ابتر حالت گهرجي. جيتوڻيڪ ان جو دور سيڪنڊري تعليم ۾ به ڪن ٿا، مگر عملي حيثيت سان، اها تعليم به ڪنهن ڪم جي نه آهي. بيفائدي ڪورس جي پرسار کان سندن دماغ پريشان ٿي ٿا وڃن. مگر مفيد ڪم جو ڪورس پرائمري تعليم ۾ بلڪل نه آهي، جنهن لاءِ اسان پنهنجي ڪتاب ۾ ڏيکاريو آهي. هو عالم چوي ٿو ته: جن مضمونن ۽ ڳالهين جو فقط پڙهڻ ۽ معلوم ڪرڻ بس آهي، تن جي ياد ڪرائڻ ۾ انهن جو وقت اجايو وڃائجي ٿو، ۽ مفت سندن دماغ تي بار وجهجي ٿو. اهڙو مقرر ٿيل ڪورس سيني ڪلاسن جي شاگردن کي پڙهڻو پوي ٿو. جيتوڻيڪ انهن ۾ ڪي اهڙا مضمون يا ڪتاب آهن، جي بلڪل نڪما ۽ اجايا ڇٽي سگهجن ٿا، تنهنڪري شاگرد ڪارائتي تعليم کان وانجهيل ۽ بي نصيب ٿا رهن. جي ماڻهو هاڻوڪي تعليم جي نقصان ۽ اجائي هڄڻ کان واقف آهن، سي وري پنهنجي ٻارن کي گهر ۾ مفيد تعليم ڏيارڻ جو به بندوبست ڪن ٿا ۽ جيترو ٿي سگهي ٿو، اوترو پرائمري تعليم سان ڪڍي، سيڪنڊري ۾ موڪلين ٿا.

بهر حال، پين اپائن سان گڏ، تعليم جي نفس نقصان تي به خيال ڪجي: جيترو ممڪن هجي، اوترو يورپ وانگي هٿئون جو ڪورس رکجي، نه ته ان لاءِ وري نئين سر لٽريچر ڪاميٽي جي ٺاهڻ ۽ سڌارڻ جي وڌيڪ ضرورت آهي، ۽ پرائمري تعليم بيشڪ اعتراض جوڳي آهي، جنهن جو ڪورس ڪمائتو نه آهي. ان تي تعليم ڪاٽي جو ضرور وڌيڪ ڌيان گهرجي.

اسين هن پمفلٽ سرڪاريءَ ۾، هي دلاسو ڏئي خوش ٿيا آهيون ۽ جنهن لاءِ اسين ڪيتري مدت کان انتظار ۾ آهيون ته سنڌ جي تعليم بہ نسبت بمبئيءَ پريزيڊنسيءَ جي رپورٽ پهچڻ ڪان پوءِ، اسان جي سنڌ جو والي، سرڪاري ۽ غير سرڪاري ميمبرن سان صلاح ڪري رٿيندو، تہ سنڌ سان ان سان ڪهڙيون ڳالهيون لاڳو ٿي سگهن ٿيون ۽ اميد ڏيکاري وئي آهي تہ سنڌ ۾ مسلمانن جي تعليم ٿسي چڱو ويچار ۽ بحث ٿيندو. اسان کي پڪو ڀروسو آهي تہ سنڌ جو لائق ڪمشنر ۽ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب بهادر سنڌ جا جڏهن اهو مسئلو ڪندا، تڏهن نان آفيشل ميمبرن چونڊڻ ۾ احتياط ڪندا ۽ عام راءِ مسلمانن جي سان بہ واقف ٿيندا ۽ هن ڪتاب جي ناچيز عرض ۽ صلاحن ۽ استدعائن جو بہ ڪجھ لحاظ ڪرڻ فرمائيندا، جو گهڻو ڪري، هي عام راءِ جو آئينو آهي ۽ گهڻيءَ محنت سان تيار ڪيو ويو آهي. فارسيءَ ۾ هڪ مثال آهي، تہ ڪنهن بہ ڳالھ بابت ائين نہ ڏسجي تہ ڪنهن چئي آهي، مگر هي ڏسڻ گهرجي تہ ڇا چيو ويو آهي. جيڪڏهن هن تي بہ ويچار ٿيندو تہ شايد ان بحث تي ڪجھ چڱي روشني بہ پوي.

# تعليم جي بنسبت، هند سرڪار جي گشتي چٺي، ان بابت اسان جي راءِ

3- اپريل 1912ع مسلمان، هند سرڪار جي هڪ گشتي چٺي، سڀني صوبن جي لوڪل سرڪارين ڏي، هن مضمون بابت رواني ٿي هئي ته مسلمانن جي تعليمي حالت دلجاءِ جهڙي نه آهي، تنهن ڪري ارادو ڪيو ويو آهي ته جي ڳالهيون انهن جي تعليم ۾ روڪ ڪندڙ هجن، سي دفع ڪجن ۽ جي رٿون مفيد آهن، انهن تي عمل ڪجي. ان موجب لوڪل سرڪارين کي جي رٿون ويچار ڪرڻ لاءِ موڪليون ويون هيون، سي پرائمري تعليم بہ نسبت هن طرح هيون:

(1) ديني تعليم جي ڪورس مقرر ڪرڻ لاءِ مڪتبن جي مدد ڪئي وڃي. ان بابت مسلمانن کي بہ اپيل ڪجي ته ضرورت موجب ڏيهي زبان ۽ قرآن جي تعليم ڏيارڻ ۾ بندش نہ ڪجي.

(2) جتي جتي اردوءَ جي ضرورت آهي، اتي اردوءَ جي لاءِ پلي سهولت پيدا ڪجي، پر جئن مادري ٻوليءَ تي ڪو برو اثر نہ پوي، ۽ اها گهڻجي نہ وڃي، جنهن جو انديشو رهندو.

(3) خانگي مڪتبن لاءِ خاص ڪورس جي ترتيب.

(4) جن علائقن ۾ مسلمانن جو معقول تعداد آهي، ۽ ڏيهي زبان جي ڪتابن ۾، هندن جون ڳالهيون آهن، تہ

پوءِ انهن کي ڪيڏي. انهن علائقن ۾ جاين تي اسلامي ڳالهين
جو رواج جاري ڪجي.

(5) جنهن جاءِ تي ضرور ٿئي، اتي خاص طرح مسلمان
معلم رکيا وڃن.

(6) مسلمان انسپيڪٽرن جي مقرري ۽ انهن جي تعداد
۾ ضرورت موجب واڌارو ٿيڻ گهرجي.

انهن مڙني تجويزن جي تحريڪ ڪجهه وقت کان وٺي.
'محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس' ۽ ٻيون تعليمي ڪانفرنسون
يا جماعتون، يا اسلامي اخبارون ڪري رهيون آهن، ۽ هينئر
خود هند سرڪار ان ڳالهه لاءِ تيار ٿي آهي. ڪن صوبن ۾
ان تي عمل به ٿيو آهي ته اتي نتيجو به چڱو نڪتو آهي،
پر جتي ان بابت اڃا غور نه ٿيو آهي، اميد ته اتي به هينئر
ويچار ٿيندو. جهڙيءَ طرح اسان جي 'سنڌ' آهي، ته ان ۾ قلم
3 کان وٺي 6 تائين، جي رٿون ڏيکاريل آهن، سي لاڳو ٿيڻ
ضرور آهن، جنهن بابت اسان هن ڪتاب ۾ وسوارن جو هنڌ
هنڌ ڌيان ڇڪائي ڇڏيو آهي، ته سنڌ ۾ اهي ضرورتون آهن
تنهن لاءِ اپاءَ ڪرڻ گهرجن. اميد ته اسان جي سنڌ جو والي
۽ تعليم کاتي جو وڏو آفيسر ضرور ڌيان ڏيندو.

ان کان پوءِ سيڪنڊري تعليم بابت، هند سرڪار جي
هيءَ هدايت آهي ته مسلمان طالب علمن کي پورا وظيفا نه ٿا
ملن. تنهن جو اهو سبب آهي مثلاً ڪنهن انعام يا وظيفي جي
لاءِ چاليهه هندو اميدوار آهن ۽ پنج مسلمان، ته جيڪڏهن
تعداد جي لحاظ سان فقط هڪ هندو وٺبو ته مسلمان هڪ به
نه ورتو ويندو. اهڙيءَ چونڊ ۾ مسلمان هميشه وانجهيل رهندا.
تنهن لاءِ ضرور آهي ته جڏهن زيادهه تعداد ۾ چونڊ جو موقعو
اچي، تڏهن ان ۾ اهڙو شمار رکيو وڃي، جنهن مسلمان جو
گهٽ تعداد محروم نه ٿئي.

هي ته خاص سرڪار پنهنجي مهربانيءَ سان، اهي وٺون وٺيون آهن، جن جي خاص ضرورت آهي، ۽ اهل راءِ جا اهڙيون استدعائون ڪندا ٿا اچن.

جيڪڏهن لوڪل سرڪاريون، ان راءِ ۽ رٿن سان شامل ٿيون ۽ ورغلائڻ ۾ نه آيون ته پوءِ مسلمانن جي تعليم ۾ حيرت جهڙي ترقي ٿيندي.

هاڻي وڃي هن ڳالهه جو ويچار رهيو آهي، جو ڪنهن به رٿ ۾ ڏٺو نه ٿو وڃي ته هتئون جي تعليم جو ڪورس فقط شاگردن کي دفترن ۽ عدالتن ۾ ڪم ڪرڻ جي ٿوري گهڻي لياقت پيدا ڪري ٿو، باقي تعليم جو جيڪو اصل نتيجو آهي ۽ جو سڀيه مقصد آهي، سو حاصل نه ٿو ٿئي، جنهن سان ملڪ جو امن ۽ آسودگي، انتظام جي خوبي، حڪومت جي محڪمي جا وڏيڪ عمدا نتيجا نڪرن.

اسان جي ملڪ ۾ اڄ تائين جي نامور ۽ سرڪردار مشهور قابل، فاضل، دانا ۽ مدبر ٿيا آهن، سي نه هن موجود تعليم ڪري، پر پنهنجي مطالعي ۽ خداداد لياقت يا ذهن جي ڪري، مگر اعليٰ تعليم جو عمدو ڪورس، هند ۾ ٿوري سند ۾ موجود نه آهي.

اهڙي ضرورت کي محسوس ڪري، مسلمانن پنهنجي يونيورسٽي گهري ته انهن جي ريس ڪي، هندن به پڪ وڏو، ٿنهنڪري، سرڪار پوليٽيڪل مصلحت ڪري، اها ڳالهه قبول نه ڪندي، مگر مناسب حد اندر ڪجهه سرڪار ڪورس کي سڌاري، ڪجهه قومون پنهنجي پرائيويٽ وسيلن سان، ان کي سڌارن ۽ وڌائن. جيڪڏهن مسلمان، سرڪار جي، هيڏيءَ

مهربانيءَ ۽ مدد هوندي، پنهنجي تعليم ڪي نه وڌائيندا ۽
زور محنت ۽ تعليم سان، پنهنجي حالتن ۽ ضرورتن جو احساس
نه ڪندا، تمدن ۽ سياست جي ترقيءَ ۽ تنزل، لاهي ۽ چاڙهيءَ،
جو علم وقت ڪان اڳي معلوم نه ڪندا ته پوءِ ڪنهن به
پنهنجي خواهشن ۽ حق رسين ۾ ڪامياب نه ٿيندا ۽ اهڙي
ذليل حالت ۾ گذاري، روز بروز زبون ٿيندا ويندا.

# ضميمو نمبر 2

## ديني علم ۽ عالمن جي فضيلت

1- قال رسول الله صلي الله عليه وسلم، طَلَبُ الْعِلْمِ فَرِيْضَةٌ عَلٰي كُلِّ مُسْلِمٍ
رواه ابن ماجة (مشكواة)

اَيْ اَهْلِ الْاِسْلَامِ مِنَ الرِّجَالِ وَالنِّسَاءِ

هن حديث مان معلوم ٿيو ته ديني علم پڙهڻ سڀني مردن توڙي زالن تي فرض آهي، ڇو ته 'لام' العلم تي عهد جو آهي.

2- قال رسول الله صلي الله عليه وسلم: تَعَلَّمُوا الْعِلْمَ وَعَلِّمُوْهُ النَّاسَ○
الحديث، رواه الدارمي و الدار قطني (مشكواة)

هن حديث مان معلوم ٿيو ته، علم پڙهڻ گهرجي ۽ ٻين کي به پڙهائجي.

عن ابن عباس، قال تَدَارُسُ الْعِلْمِ سَاعَةً مِنَ اللَّيْلِ خَيْرٌ مِنْ اِحْيَائِهَا○

رواه الدارمي (مشكواة)

هن حديث مان معلوم ٿيو ته، رات ۾ هڪ گهڙي، علم پڙهڻ، ساري رات عبادت ڪرڻ کان وڌيڪ آهي.

قال رسول الله صلي الله عليه وسلم: اِنَّ فَضْلَ الْعَالِمِ عَلَي الْعَابِدِ كَفَضْلِ الْقَمَرِ لَيْلَةَ الْبَدْرِ عَلٰي سَائِرِ

الكَوَاكِبِ، وَ اَنَّ الْعُلَمَاءَ وَرَثَةُ الْاَنْبِيَاءِ وَ اِنَّ الْاَنْبِيَاءَ لَمْ يُوَرِّثُوا دِيْنَارًا وَّلَا دِرْهَمًا اِنَّمَا وَرَّثُوا الْعِلْمَ ٥

رواه احمد و الترمذي و ابوداؤد (مشكواة)

هن حديث مان معلوم ٿيو تہ، عالم عابد کان اهڙو پلو آهي. جهڙو چوڏهينءَ جو چنڊ پلو آهي، تارن کان ۽ عالم نبين جا وارث آهن ۽ نبين جو ورثو علم آهي ۽ نہ مال.

حديث شريف: قال رسول الله صلي الله عليہ وسلم مَنْ جَاءَهُ الْمَوْتُ وَ هُوَ يَطْلُبُ الْعِلْمَ، لِيُحْيِيَ بِهِ الْاِسْلَامَ فَبَيْنَهُ وَ بَيْنَ النَّبِيِّيْنَ دَرَجَةٌ وَاحِدَةٌ ٥

رواه الدارمي (مشكواة)

هن حديث مان معلوم ٿيو تہ جو ماڻهو علم ديني پڙهندو اسلام جي سڌاري واسطي، پوءِ پڙهڻ وقت، مري ويندو تہ بهشت ۾ ان ماڻهوءَ ۽ نبين جي وچ ۾ هڪ درجي جو فرق هوندو.

حديث شريف: قال رسول الله صلي الله عليہ وسلم، مَنْ خَرَجَ فِي طَلَبِ الْعِلْمِ فَهُوَ فِي سَبِيْلِ اللهِ حَتّي يَرْجِعَ
رواه الترمذي و الدارمي (مشكواة)

هن حديث مان معلوم ٿيو تہ علم پڙهڻ ۾ جهاد جيترو اجر آهي.

(شريعت جي حڪم موافق ڪافرن سان جنگ ڪرڻ کي 'جهاد' چئبو آهي.)

حديث شريف: قال رسول الله صلي الله عليہ وسلم، مَنْ غَدَا اِلَي الْمَسْجِدِ لَا يُرِيْدُ اِلَّا اَنْ يَتَعَلَّمَ خَيْرًا وَّ يُعَلِّمَهُ كَانَ لَهُ كَاَجْرِ حَاجٍّ تَامًّا حَجَّتُهُ ٥

(نزهة الناظرين ص ٣)

هن حديث مان معلوم ٿيو ته جو ماڻهو مسجد ڏي ويندو علم پڙهڻ ۽ پڙهائڻ واسطي، ته ان کي پوري حج جو اجر ملندو.

حديث شريف: قال رسول الله صلي الله عليه وسلم: مَنْ يرد الله بِهِ خَيْراً ايفَقِهُهُ فِي الدِيْنِ٥
متفق عليه (مشکواة)

هن حديث مان معلوم ٿيو ته، ديني علم پڙهڻ ۾ خير ۽ برکت آهي.

حديث شريف: عَنْ اَبِيْ ذَرٍ، قالَ، قالَ لِيْ رَسولُ الله صلي الله عليه وسلم، يَا اَبَاذر لاَنْ تَغْدُوْ فَتَتَعلم آيَةً مِنْ كِتَابِ الله، خَيْرٌ لَكَ مِنْ اَنْ تُصَلّي مائَةَ رَكْعَةٍ وَلاَنْ تَغْدُوْ فَتَتَعَلّم بَابا مِنَ الْعِلْمِ عَمِلَ بِهِ اولم يُعْمَلْ خَيْرٌ مِنْ اَنْ تُصَلّي اَلْفَ رَكْعَة٥
رواه ابن ماجة ص ١٠

هن حديث مان معلوم ٿيو ته قرآن شريف جي هڪ آيت سکڻ ۾، سؤ رڪعتن پڙهڻ کان وڌيڪ ثواب آهي ۽ علم جي هڪ مسئلي سکڻ ۾ هزار رڪعتن پڙهڻ کان وڌيڪ اجر آهي پوءِ ان مسئلي تي عمل ڪجي يا نه ڪجي. ته به اهو اجر ملڻو آهي. (۽ عمل جو اجر ته هر حال ۾ جدا ملندو (ديباچه فقه حقي. از علامه الديروي رحه)

حديث شريف: فضل العالم علي العابد کفضل القمر علي سائر الکواکب (ترمذي)

ان حديث جي شرح صاحب نفع قوت المغتذي هن طرح ڪئي آهي. فرمائي ٿو:

قال البيضاري العبادة ڪمال و نور لازم لذات عابد فلايتخطاه فاشبه نور ڪواڪب والعلم ڪمال اوجب العالم شرفا في نفسه و فضلا ويتعداه لغيره فيستضئ بنوره و يڪمل بواسطته لڪنه ڪمال ليس للعالم من ذاته بل نوريتلقاه عن النبي صلي الله عليه وسلم، فله شبه بالقمر.

قال الطيبي فلاتظن ان العالم الفضل عارعن عمله ولا العابد عن علم بل ان علم ذالڪ غالب علي عمله و عمل ذالڪ غالب علي علمه ولذا جعل العلماء ورثة الانبياء الذين فازو بالحسنتين العلم و العمل و حازوا فضيلتين الڪمال و التڪميل فلهذه طريقة العارفين بالله و سبيل السائرين الي الله.

بيضاوي جو چوڻ آهي ته عبادت، انسان جو اهڙو ڪمال ۽ نور آهي. جو عابد جي ذات سان لازم رهي ٿو. ان ڪان تجاوز نه ٿو ڪري. لهذا اهو ستارن جي نور وانگر آهي، پر علم هڪ اهڙو ڪمال آهي جو خود عالم جي ذات ۽ نفس ۾ شرف ۽ فضل ٿو پيدا ڪري ۽ ٻين تائين به فيض ٿو پهچائي چنانچه اهو غير به، ان عالم جي نور ڪان منور ۽ ان جي واسطي سان ڪمال تائين پهچي وڃي ٿو. ليڪن اهو علم جڏهن ته اهڙو ڪمال ناهي، جو عالم جو ذاتي چئي سگهجي، بلڪ هي اهو نور آهي، جو نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم ڪان حاصل ڪيو ويو آهي، يعني ان جي روشني، مشڪواة نبوت ڪان ملي ٿي تنهنڪري، ان کي چنڊ سان مشابهت ڏني ويئي. جو ته چنڊ جو نور به ذاتي ناهي، بلڪل سج ڪان اڌارو ورتل ٿئي ٿو.

علامہ طيبي فرمائي ٿو تہ هت جو عالم کي عابد تي ترجيح ڏني ويئي آهي. تہ پوءِ ان مان اٿين نہ سمجهن گهرجي تہ جنهن عالم کي فضيلت ڏني ويئي آهي، سو عمل کان بلڪل ڪورو ۽ خالي آهي، ۽ اهو عابد، جنهن تي فضيلت ڏني ويئي آهي، سو علم کان بلڪل خالي ۽ ڪورو آهي. اها ڳالهہ ناهي. بلڪ ان عالم جو علم، ان جي عمل تي غالب آهي. ۽ ان عابد جو عمل، ان جي علم تي غالب آهي. ان ڪري جي عالم، ورثة الانبياء مقرر ڪيا ويا آهن. تہ پوءِ ان مان مراد اهي عالم آهن، جن علم ۽ عمل ٻنهين کي جمع ڪيو آهي، ۽ ڪمال ۽ تڪميل، ٻنهين فضيلتن جي حاصل آهي. ’چنانچہ الله جا عارف ٻانها، ۽ الله جا سالڪ ٻندا، اهوئي طريقو رکن ٿا. اهي علم ۽ عمل، ٻنهين جا جامع ٿين ٿا.

پيو تہ اهي حضرات، جڏهن علم، جو لفظ استعمال ڪن ٿا تڏهن ان مان مراد، علم حقيقي آهي. باقي وسمي ۽ زباني علم جو انهن بزرگن وٽ ڪوبہ وزن ناهي، چنانچہ ’فقه في الدين‘ جي شرح ۾، اهوئي صاحب نفع قوت المغتذي لکي ٿو:

> قال التور بشتي، حقيقته في الدين، ماوقع بـا لقلب فظهر علي لسانه. فـافـاد علما و اورث خشية و تقو و اماماينداوسه الغروية فانه بمنزل عن الرتبة العظمي لان محله لسانه دون قلبه (ص ۹۲ نفع قوت المغتذي.

علامہ تور بشتي فرمائي ٿو تہ: ’فقه في الدين‘ جي حقيقت اها آهي، جا قلب ۾ واقع ٿئي. ۽ پوءِ زبان تي ظاهر ٿئي، جنهن جو ثمر علم هجي: ۽ جو خدا جو خوف ۽ تقوي پيدا ڪري. باقي هي اهل غرور جو ڪجهہ پاڻ پڙهن ٿا، يا پين

ڪي پڙهائن ٿا، انهن ڪي ان مرتبه عظيم مان ته ڪو واسطوئي ناهي! ڇو تہ ان علم جو مقام تہ فقط 'زبان' ئي آهي ۽ نہ قلب.

از: توقير العلماء مولانا شاهہ وصي الله، فتح پوري ثم الله آبادي

**شمس الدين بلبل**، هي ڪتاب "مسلمان ۽ تعليم" سنه ١٩١٦ع ۾ لکيو. انهيءَ دور جي پس منظر ۾ سنڌ جي تعليمي زوال جي جيڪا انگ اکرن سان عڪاسي ڪئي آهي، اها معلوماتي هئڻ سان گڏ نهايت ڏکدائڪ به آهي. بلبل، ان زوال لاءِ برطانيا جي تعليمي نظام سان گڏ، ان دور جي سرمائيدارن، زميندارن، عالمن ۽ اهل علم جي خاندانن جي بي توجهيءَ کي ڪارڻ ڄاڻايو آهي.

هن ڪتاب ۾ هيٺين سرن سان ڪتاب جي اهميت جي ڪٿ ڪري سگهجي ٿي. مسلمانن جي ترقيءَ جو راز ڇا ۾ آهي، اسلام جي تعليم بابت ڇا راءِ آهي، قوم جي هستي لاءِ ڪنهن جو هئڻ ضروري آهي وغيره، تنهن کان سواءِ ديني ڪتابن جي باري ۾ مقرر ڪيل ڪاميٽيءَ جي راءِ ۽ بمبئي سرڪار جي تعليم بابت انگريزي پمفليٽ ۾ ۽ هند سرڪار جي تعليم بابت گشتي چٺيءَ تي پڻ راءِ ڏنل آهي جي انهيءَ دور ۾ شايع ٿيا.

**مولانا غلام محمد گراميءَ** هن ڪتاب جو ٦٥ صفحن جو ڪوجنائي مهاڳ لکي ان دور جي تعليمي، سياسي ۽ سماجي پس منظر جي جيڪا اپٽار ڪئي آهي، اهو پاڻ هڪ ڪتاب جي حيثيت رکي ٿو.

هن ڪتاب ۾ قوم جي هڪ دور جي تعليمي حالت جي پس منظر ۾ اڳتي وڌڻ يا نه وڌڻ جا جيڪي ڪارڻ ٻڌايا ويا آهن، تن مان گهڻا اڄ اوتري ئي اهميت رکن ٿا جيتري انهيءَ دور ۾ هئڻ.